کُلّ

قصائد پاڪ



فقير غلام حسين دايو

سهيڙيندڙ: عبدالستار پيرزادو / آسودو مل چاندواڻي

ڪُلّ

قصائد پاڪ

فقير غلام حسين دايو

سهيڙيندڙ:
عبدالستار پيرزادو
آسودو مل چاندواڻي

حق ۽ واسطا ڇپائيندڙ وٽ محفوظ

كتاب جو سرو

قصائد پاڪ

ليکڪ

فقير غلام حسين دايو

سهيڙيندڙ

عبدالستار پيرزادو

آسودو مل چاندواڻي

ڪتاب نمبر

40

ڇپائيندڙ

سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي

esaakhi@gmail.com

ڇاپيندڙ

البرڪت پرنٽنگ پريس،ڪراچي

سال

2011 May

رابطو

03452217471 : 03062563417

ترتيب

آجو ڪريو	عبد الله مڪاني	005
وکر سو وهاءِ	آسودو مل چاندواڻي	007
غلام حسين جا قصيدا	ستار پيرزادو	012

1. فضل ڪر يا رب احمد مجتبيٰ 016

1. حمد تنهنجو ۽ ثنا... 018

2. ڪر ڪرم خير الورا... 018

3. الهي ڪر عطا طاقت... 020

4. شاهِ زمان مشڪل ڪشا تنهنجو شان ... 022

5.مالڪِ ارض وسما... 023

6.شهنشاه مشڪل ڪشا اچ ڀاڄهه... 025

7.شهنشاه مشڪل ڪشا جلوه نما... 028

8.وصف تنهنجي قل هوالله 030

9.مظهرِ نورِ خدا شاهِ لواري الغيات... 032

10.خالقِ هر دوجهان پنهنجو رحم ڪر يا ربنا... 035

11.جماعت ناجيءَ جو پرورا جهو آيو... 037

12.شل هجون صدق وصفا ۾... 039

13.مهر مان وارث ولهين جي لهه اچي تون... 041

14.رحم واري ذات تنهنجي رحم ڪر پروردگار... 043

15.مظهرِ نورِ خدا توسان نه ڪنهن جي همسري... 046

16.مظهرِ نورِ خدا شاهِ لواري آءُ تون... 051

17.اغثني يا شاه سلطان اوليا ڪامگار... 056

18.سيگهه ۾ رَسُ سرورا نرمل طبيبن جا طبيب... 061

19.السلامِ شاه سلطان اولياء هادستگير... 067

20.مظهرِ نورِ خدا جلوه نما ذاتِ ضيا... 071

21.جلوه گر دورِ دنيا ۾ پاڪ ذاتِ ڪبريا. . . 076

22.تاريخ پاڪ چوٽين وحدت بيان آهي. . . 081

23.حمد ايزد مومنا آيو هتي سبحان اڄ . . . 087

24.السلامِ نورِ ايزد قوتِ جانم السلام. . . 091

25.شهِ خوبان جهان پرور ڀلي آيو ڀلي آيو. . . 097

26.در وجودِ نور ذاتي شاه جو ديدار ڏس. . . 101

27.مظهرِ نورِ خدا شاهِ لواري شهه نواز. . . 104

28.سڻ عاجزن جي التجا يا شاه سلطان اولياء. . . 109

29.مظهرِ نورِ خدا مشڪل ڪشا فرياد رس. . . 113

40.قدرتِ بالا سنڌ ۾ کهڙو ٿيو اسرار اڄ. . . 115

31.دستگيرِ عاجزان مشڪل ڪشا فرياد رس. . . 117

32.تون بي واهه جي واهه آڌار مولا 119

33.سدا حمد تنهنجو لکين بار مولا. . . 121

34.توهه پنهنجي سان پڄائين مقصدِ دنيا ودين. . . 123

35.در سخا يوم الحشر آهي ڪليو تنهنجو جميل ... 127

36. مظهرِ نورِ خدا مشڪل ڪشا فرياد رس ... 132

37.درلباسِ بندگي ظاهر خلافت جو سبب ... 137

38. ره روان را رهنمائي جي اچن تنهنجي سبيل ... 143

39.مظهرِ نورِ خدا شاهِ لواري ذوالمنن ... 147

40. احمدِ بي ميم آيو رحمتِ پرور دگار... 154

41.پاڪ لواري ۾ ظهورو بحر بخشش بي ڪنار ... 161

42.نور ذاتي ۽ جي امانت در لواري ۾ تي اڄ 167

43.ڪر سدا حمد و ثنا ۽ ٿيو شڪر ايزد باربار... 174

44 .ٻانهون ٻڌي ٻانهو چوي اي صاحبِ حمد ولواء... 180

45. حق ٿيو راضي اسان تي ۽ قضا ٿي پاسبان ... 184

46. اڄ رات چوٽين ۽ جي ادا اُپٽي دري احسان جي.... 189

47.اسلام اي شاهه سلطان اوليا ها دستگير... 191

48.مرشد مريدن مهربان ، سلطان محمدالزمان... 194

49.اسان جو سخي پير آيو مبارڪ... 201

آجو ڪريو

خان صاحب ميان محمد حسين مڪاني ملڪاڻي جوکيو المعروف فقير ميان غلام حسين غلام، اصل موري تعلقي جي ڪڇي جي ڳوٺ مَلَڪَ جا رهاڪو هئا. سندن ولادت باسعادت پنهنجي ناناڻن پاٽ شريف ۾ ٿي. تعليم اتي ئي حاصل ڪيائون ۽ تعليم ڪاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائون. جتان ملازمت جي سلسلي ۾ ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ رهيا.

تعليم کاتي جو ٻن سالن جو تربيتي ڪورس جهونا ڳڙهه (انديا) مان نمايان پوزيشن سان حاصل ڪيائون ۽ ڪراچيءَ ۾ استادن جي تربيتي اسڪول ۾ سندن تقرري ٿي، جتان ڪين 1922 ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مقرر ڪيو ويو تنهنڪري رهائش بہ اتي ئي اختيار ڪيائون. 1931 تائين ان ئي هاءِ اسڪول ۾ رهيا جتان ملا مڪتب تعليمي سلسلي جو سپروائيزر مقرر ڪيا ويا.

جتان 1940 ۾ وقت کان اڳ رٽائيرمينٽ حاصل ڪري مڪان لواري شريف ۾ ملازمتِ اختيار ڪري خانداني روايت تي عمل ڪيائون ڇاڪاڻ جو سندن وڏا لواري شريف جي ملازمت ۾ رهندا پئي آيا جن مان ڪيترن کي سندن مُرشدن سان گڏ حج پاڪ ڪرڻ جي سعادت پڻ نصيب ٿي. سندن والد ميان حاجي عبد الله بہ ان سلسلي ۾ مڪي پاڪ م جنم ورتو. پاڻ صاحبِ شريعت، پيرِ طريقت، صاحب الساڪين، سرتاج العارفين امام مڪي وارن جا دستِ بعيت هئا. سندن قلب هر وقت ذڪر الاهيءَ ۾ مشغول رهندا هئا.

فقير تن هئڻ سان گڏوگڏ نوٽ بال جا سٺا رانديگر هئا. سماجي ۽ تعليمي خدمات جي اڄ بہ سندن ميجتا آهي. سنڌي، انگريزي، عربي، فارسي، ۽ اردو ٻوليون ڄاڻندا هئا. سندن شاگردن مان رام پنجواڻي ۽ عبدالڪريم

سنڌيلو دنيا ۾ نالو ڪمايو. پاڻ ڪيترن ئي عالمن کي ڪتابن لکڻ ۾ مدد ڪيائون. سنڌي ڊڪشنري لکڻ ۾ پڻ هٿ ونڊايائون جنهن لاءِ کين "ٿ" جو اکر مليو هو.

1956 تائين لواري شريف ۾ ملازمت ۾ رهيا جتان بيماريءَ سبب کين لاڙڪاڻي موڪليو ويو جت ٻن مهينن کان پوءِ علالت سبب لاڙڪاڻي ۾ ئي وفات ڪيائون سندن آخرين آرام گاهه لاهوري محلي لاڙڪاڻي جي نئين علي بحر قبرستان ۾ آهي. سندن آخري لفظ هي هيا :

وڏل وڏو ئـــي، آهـــيم تـــو م آســـرو،
ڏوهيءَ جان ڏوئي، عيبن کان آجو ڪيو.

عاجز

ابن غلام عبدالله مڪاني

لاهوري محلو، لا ڙڪاڻو.

وفا جو وکر

ڪي ڪي ماڻهو من جي پيڙا، سٽ سٽ منجهہ سمائي
سچ جي هٽ تان وکر وفا جو، وانگي ويچن ورهائي
عبدالرحمن نقاش.

سائين غلام حسين دايو تعلقي موري جي هڪڙي ننڍڙي ڳوٺ ملَڪَ جا رهاڪو هئا.سندن ولادت باسعادت پنهنجي ناناڻن پاٽ شريف ۾ ٿي . ابتدائي تعليم بہ پاٽ شريف ۾ حاصل ڪيائون . پاٽ جو شهر مذهبي توڙي درسي تعليم لاءِ ان دؤر ۾ هڪ خاص مقام رکندو هو .هن ڳوٺ ۾ سندس تعليم ، محنت ۽ سٺن نتيجن حاصل ڪرڻ جي ڪري کيس جلد ئي تعليم کاتي ۾ ملازمت ملي وئي هئي.

سندن وڏا خواجہ محمدالزمان سلطان الاوليا جن جي دؤر کان ئي درگاهہ لواري شريف جي ملازمت ۾ رهندا پئي آيا. جن مان ڪيترن کي خواجہ محمد حسن مدنيءَ ۽ خواجہ محمد سعيد جن سان گڏ حج بيت الله جي سعادت پڻ نصيب ٿي هئي. سندس والد ميان حاجي عبدا لله جو جنم بہ مڪي شريف ۾ ٿيو هو.

خليفي محمد صديق پنهنجي سفر نامي ۾ لکيو آهي تہ : "هڪ دفعي غلام حسين جي ڏاڏي جيڪا خواجہ محمد سعيد جن جي خدمت ۾ رهندي هئي، تنهن عرض ڪيو تہ : "قبلہ غلام حسين کي 9 رپيا پگهار تي تعليم کاتي ۾ نوڪري ملي آهي. سندس لاءِ ڪا دعا ڪريو؟" خواجہ صاحب جن نہ رڳو روحاني رهبرهئا پر وقت جاجيد عالم پڻ هئا ۽ مريدن کي اڪثر تعليم طرف ڏيان ڇڪائيندا رهندا هئا. غلام حسين کي بہ دعا ڪندي فرمايائون ،

"هي ٻچو اڳتي هلي اهڙو ٿيندو جو اوهان جو سمورو خاندان هن نينگر جا نالي سان مشهور ٿيندو."

اهو خواجه محمد سعيد جن جو آخري وقت کان ٿورو اڳ جو ذڪر آهي ، خواجه محمد سعيد جن 1906 ۾ هن دنيا کي الوداع چئي وڃي خالق حقيقيءَ سان واصل ٿيا.هڪ اندازي مطابق 1900 کان 1902ع جو دؤر هو جنهن ۾ غلام حسين کي نوڪري ملي هئي ۽ انهيءَ وقت سندس عمر 18 کان 20 ورهيه مس هوندي ,جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سندس ولادت 1882 کان 1884ع ڌاري ٿي هوندي.کين پرائيمري ماستريءَ جي دوران ڪيترن ئي ننڍين وڏن شهرن ۾ ويڄو پيوهو.

سندس محنت ۽ جفا ڪشيءَ کي ڏسي کيس تعليم کاتي جي تربيتي ڪورس ڪرڻ جي خاطر ٽن سالن جي لاءِ جهوناڳڙهه مڪليو ويو هو.جتان نمايان پوزيشن حاصل ڪري,ڪراچيءَ جي استادن جي تربيتي اسڪول ۾ مقرر ٿيا. 1922 تائين ان ئي تربيتي اسڪول ۾ خدمتون سر انجام ڏيندا رهيا . کيس 1922 ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ مقرر ڪيو ويو جتي پوءِ پاڻ هميشهه لاءِ پنهنجي رهائش به اختيار ڪيائون.

هن درويش صفت انسان لواري شريف جي پنجين سجاده نشين خواجه محمد سعيد کان فيض حاصل ڪرڻ جي سعادت ماڻي. سندس سادگي,سچائي,اورچائي,علم دوستي نه صرف کيس خواجه محمد سعيد جن جي ويجهو ڪيو پر سندن شفقت پريو هٿ هميشهه سندس مٿان رهيو. 1906ع کان پوءِ خواجه احمد الزمان وٽ سندس محبت ماڻ ۽ مرتبو شروع کان ئي وڌندو رهيو.

تعليم کاتي ۾ سندس ايمانداريءَ سان محنت ۽ خدمت جي سلسلي ۾ کيس ملان مڪتب تعليمي سلسلي جو سُپروائيزر ڪري رکيو ويو. هي زمانو اهو هو جڏهن اسڪولن جو نظام لوڪل بورڊن ۽ ميونسپالٽين جي حوالي هوندو هو. 1935ع ۾ سنڌ کي بمبئيءَ کان الڳ ڪيو ويو ۽ 10 مارچ 1939ع ۾ جڏهن ڊاڪٽر عمر بن محمد داؤد پوٽي سنڌ جي اسڪولن جو نظام سنڀاليو

ته ان وقت اسڪولن جي سڏاري ۽ واڌاري لاءِ اڪثر محمد ابراهيم عباسيءَ جن سان گڏجي ڊاڪٽر داؤد پوٽي جا ٻانهن ٻيلي ٿي رهيا.

ڪشنچند بيوس سندس همر عمر استاد ۽ شاعر هو ۽ وڏن وڏن مشاعرن ۾ ڪيس ساراهيو ويندو هو خاص ڪري ڪن اسڪولن ۾ بيوس جي حمد باري تعاليٰ اسمبليءَ ۾ ڳايو ويندو هو.

اسان جي حال تي هر دم، سهاجها ٻاجهه پنهنجي ڪر.

ڪجهه اسڪولن ۾ وري غلام حسين دايو جو هي حمد پڙهايو ويندو هو.

الاهي ڪر عطا طاقت، ڪريون حمد و ثنا تنهنجي،

اسان جي دل ٿئي روشن ،ڪري ساره ثنا تنهنجي،

اڪثر ڪري اسڪول جي موڪلن ۾ لواري شريف جي بزرگن جي صحبت ۾ وقت گذاريندو هو .خواجه احمدالزمان جن جي همٿ افزائيءَ سان نعتيه قصيدن جي شاعري شروع ڪيائين .سندس هر هڪ شعر ۾ فصاحت، بلاغت، نزاڪت،سلاست ۽ جدت نمايان نَظر ايندي هئي .1938ع ۾ خواجه احمدالزمان جن جي وفات سندس جيءَ جهوري وڌو. بس ان کان پوءِ سال پوءِ پنهنجي رٽائير ٿيڻ کان چار پنج سال اڳ رٽائيرمينٽ وٺي خواجه گل حسن جن جي خدمت ۾ وقت گذارڻ لڳا. سندس حقيقي تعليم جي ته صحيح معلومات نه ٿي سگهي آهي پر پاڻ انگريزي،فارسي،عربي،اردو ۽ سنڌي زبان جي سٺي ڄاڻ رکندا هئا . سندس ذوق،شوق ۽ ٻولين تي دسترس مان معلوم ٿئي ٿو ته سندس ڄاڻ ۽ مطالعو ڪافي وسيع هو. رومي هجي يا حافظ فريدالدين عطار هجي يا جامي، حسين بن منصور هجي يا الطواسين هجي ، شيخ محمود شبستريءَ جو گلشنِ راز انهن جي تشريح ۽ روحاني رازن تي جيڪڏهن ڪانئس ڪنهن ڪو سوال پڇيو ته بس پوءِ ته وڏيري مينهن جيان پلتجي پوندو هو ۽ جيستائين سوال ڪندڙ مطمئن نه ٿيندو هو تيستائين قرآن،حديث،ڪامل بزرگن جي قؤلن جي اُپٽار جاري رهندي هئس .پاڻ چوندو هو ته هي سڀ ڪجهه مرشد جي دعا ۽ تعليمات جو اثر آهي.

تصوف جا شائق پري پري کان ڪهي سانس صحبت ڪرڻ ايندا هئا ۽ هن درويش صفت انسان مان ڪجهه نه ڪجهه حاصل ڪري اٿندا هئا.

هو اسلامي تاريخ، نقشبندي بزرگن جي سوانح حيات جي تہ انسائيڪلوپيڊيا هوندو هو. خواجہ محمد سعيد ۽ خواجہ احمدالزمان جن جي سوانح جي قلمي نسخن ، صقال الضمائر جو پهريون سنڌي ترجمو بہ سندس ڪوشش جو ثمر آهي .ان کان سوا ٻيا بہ ڪافي ترجما ڪيائون پر انهن جي ڇاپڻ ملي نہ سگهي آهي تہ ڪيڏانهن غائب ٿي ويا.

سندس شاعريءَ ۾ مجازي عشق، گل و بلبل ،ظاهري حُسن پرستيءَ وارو عنصر نہ ملندو. شروع کان ئي روحاني لنءُ مرشد سان ئي لاتي هئائين جنهن ڪري سندس سموري شاعريءَ ۾ حمد باري تعاليٰ ، نعت رسول مقبول صلعم ۽ پنهنجي مرشد جي ساراهہ ۾ قصيدا ملندا .ڪٿي ڪٿي عشق جي جوش ۽ محبت ۾ مخمور ٿي صَحوَ واري حالت مان نڪري سَڪُرَ واري درياهہ ۾ ٽپيون هنيون اٿس .جيڪو عام ماڻهوءَ جي تصور کان مٿاهون آهي . بهرحال اهو شاعر جو پنهنجو عقيدو آهي.

عام طور ٿي جيڪڏهن سندس شاعريءَ کي ڏٺو ويندو تہ عاجزي، محبت، انڪساري، پنهنجي غلطين جو اظهار، ايندڙ ڏکئي وقت جو منظر،نفسا نفسيءَ جو عالم، انسانن جي انساني قدرن کان ڪرڻ، مطلب تہ ايندڙ وقت جي حالات کان مڪمل طرح ڄاڻ ڏني اٿن ۽ ان کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ نقشبندي سلسلي جي اهم اصول"هٿ حاج ۾ دل يار ڏي" تي قائم رهندا آيا.

سندس قلب هر وقت ذڪر الاهيءَ ۾ مشغول رهندو هو.

اها ڳالهہ بہ ڪافي مشهور آهي تہ سندس تر جي هڪ مولوي غلام رسول جتوئي ڳوٺ محراب پور جتوئي تعلقي ڏوڪري ،حضرت خواجہ احمد الزمان جن کي لکي موڪليو تہ توهان جي جماعت ۾ ڪو اهڙو شخص موجودهہ دؤر ۾ آهي جيڪو"دست بہ ڪار ۽ دل بہ يار " تي پائبند هجي ؟ خواجہ صاحب جن ڪيس جواب لکي موڪليو تہ ،توهان جي پاڙي لاڙڪاڻي شهر جي لاهوري محلي ۾ ماستر غلام حسين دايو هن دؤر ۾ موجود آهي .مولوي صاحب اهو جواب ڪٺي غلام حسين کي مبارڪون ڏيڻ لاءِ وڃي سندس گهر سهڙيو .اهو ٻڌي غلام حسين ڳلن تان ڳوڙها ڳاڙيندي چيو تہ ، اها سندن ڪرم نوازي آهي .سندس مرشد کي سندن شاعري ايتري تہ پسند هوندي هئي جو

خواجہ احمد الزمان جن پنهنجي مجلس دوران ڪيترا دفعاسندن هي بيت ورجائيندا هئا.

چو اچي تڪليف ڪنهن کي جو هُجي حق سان مدام
پر تيو غافل اُهو، آيو زجر جو تنهن سلام
يادگيري تو ڏياري، ياد ڪر مون کي غلام
ڪجهہ نہ ورندءِ ڪنهن منجهاران، فضل گهر منهنجو تمام

پاڻ فقير تن هئڻ سان گڏ فٽبال جا سٺا رانديگر هُئا. سماجي ۽ تعليمي خدمت جي اڄ بہ سندس مڃتا آهي. ڪيترن ئي عالمن کي ڪتابن لکڻ ۾ مدد پڻ ڪيائون. سنڌي ڊڪشنري لکڻ ۾ بہ سندن ڪارنامون هو. ڪيس (ٽ) جو لفظ ڏنو ويو هو جنهن تي محنت سان ڪم پورو ڪري ڏنائين سندن شاگردن مان عبدالڪريم سنديلو ۽ رام پنجواڻي ادبي دنيا ۾ پنهنجو نالو ڇڏي ويا.

آخري وقت تائين درگاهہ لواري شريف جي خدمت ۾ رهيا. 1940 کان 1956 تائين خدمت سان گڏ روحاني اُڃ بہ اجهائيندا رهيا. 1956ع ۾ بيماريءَ سبب لاڙڪاڻي آيا ۽ ٻن مهينن کان پوءِ وفات ڪيائون. سندس آخري آرام گاهہ لاهوري محلہ لاڙڪاڻي جي نئين علي بحر قبرستان ۾ آهي. سندس هي جهان ڇڏڻ کان اڳ آخري لفظ جيڪي پاڻ چيائين سي هي آهن:

وڏل وڏو ئي، آهيم تون ۾ آسرو.
ڏوهيءَ جان ڏوئي، عيبن کان آجو ڪيو.

آسودو مل چاندواڻي
ڪراچي
2010.2.10

غلام حسين جا قصيدا

هن ڪان اڳ ڇپجي آيل قصيدا پاڪ عنوان سان ڪتاب درويش رحمت الله پيرزادو جي ڇپيل قصيدن ۾ اسان دوستن سان اهو راز ونديو هو تہ لواري شريف جي لعلن جي ڇهين سجاده نشين خواجہ احمد الزمان جي دؤر ڪان قصيدا باقائدي پڙهڻ جو تاڪيد ڪيو ويو هو سائين غلام حسين دايو لواري شريف جي پنجين ،ڇهين ۽ ستين سجادہ نشين کي پنهنجي اکين سان ڏٺو ۽ هو پنجين ،ڇهين سجادہ نشين جي ملازمت ۾ لواري شريف ۾ رهيو هو .حقيقت ۾ کيس ماستري پڻ هئي ،جيڪا بہ ان سبب جي ڪري ڇڏي وڃي لواري شريف جي لعلن وٽ ملازمت اختيار ڪيائين ڇاڪاڻ جو سندس خاندان جي اها روايت هئي ۽ درويش غلام حسين ان روايت کي برقرار رکڻ لاءِ ائين ڪيو ۽ پنهنجي وفات کان ڪي بہ ٽي مهينا اڳ بيماريءَ وگهي لاڙڪاڻي موٽ ڪيائين.

هڪ روايت آهي تہ غلام حسين دايو کي لواري شريف ۾ ملازمت دوران جيڪو اجورو يا پگهار ملندي هئي .اها سڄي جي سڄي پنهنجي مرشد ڪريم جي اڳيان نذراني طور رکي ڇڏيندو هو.جڏهن کيس ان ڳالهہ لاءِ ڇتايو ويو ۽ اولاد خاطر رکڻ لاءِ چيو ويو تہ عرض ڪيو هئائين تہ منهنجو اولاد هاڻ پنهنجي پيرين سيرين آهي ،تنهن ڪري کين منهنجي هنن پئسن جي ضرورت نہ پوندي. درويش غلام حسين پيشي جي لحاظ کان ماستر هو تنهن هوندي بہ سندس ڪو رومانوي شاعريءَ طرف لاڙو نہ هو.جيتوڻيڪ سندس دور ۾ لاڙڪاڻي ۾ جميعت الشعراءَ سنڌ جي شاعرن جي هڪ تنظيم باقاعدي مشاعرا ڪرائيندي هئي پر سندس پختن صوفياڻن خيالن. پنهنجي مرشدن ۾ پڪي ايمان ۽ عقيدتمنديءَ جي ڪري هن بہ قصيدا چيا ،جيڪي

سلوڻي،سهل ۽ سادگيءَ واري ٻولي ،نهٺائيءَ ۽ نيزاريءَ واري قصيده جي شاعري ڪئي.

سندس شاعري جا اسين اوهان جي آڏو پيش ڪرڻ پيا چاهيون،انهيءَ ۾ سندس عاجزي هئين ٿي جهلڪي پوي.

حال روشن تو سيوئي ،ڇا ڪري ظاهر زبان،
ٿي ٻيا صغرا قيامت،رحم جو ڪونهي نشان،
سڀ پريشان حال ٻنهنجي ،ڪونہ آڏو ڪنهن چوان،
وٽ پڇان ۾ آهي هرڪو،طمع طوفان ٿيو عيان،
ڏي پناهي ڪر عنايت ،فضل پنهنجي سان اُڪار،
رحم واري ذات تنهنجي ،رحم ڪر پروردگار
رحم تنهن جو ٿا نهاريون، رحم تنهنجو بيشمار.

هن قصيدي جي هن بيتن ۾ اوهان کي ڪيڏي سادگي سلوڻي ،روان ٻولي پڙهڻ ۾ ملندي ،سندس هي قصيدو مسدس جي صف تي جوڙيل آهي.

اهڙي ڪنهن درويش تي جيڪڏهن ڪي زماني جون تڪليفون يا صحت جي لڳائي منهن ڪيندي آهي ،تنهن وقت سندس پختو يقين هوندو آهي تہ پنهنجي مرشد طرف متوجهہ ٿيڻ سان اهو مشڪل ضرور دور ٿيندو.ان لاءِ ڏسو هن قصيدي کي ،ڪيئن پيش ڪيو اٿس .جڻ تہ هن آئيندهہ نسلن کي اهو ڏس ڏنو ۽ گس ڏيکاريو آهي تہ هيئن چوڻ سان آساني پلئہ پوندي ،ڪنهن بہ مشڪل کي آسان ڪرائڻ لاءِ هيئن چئي ڏنائين :

شهنشاهہ مشڪل ڪشا،اڄ ٻاجهہ تنهنجي ٿي کپي
درد جا دارون دوا،اڄ ٻاجهہ تنهنجي ٿي کپي

هن قصيدي ۾ ڪافيو ۽ رديف پڻ انتهائي سادا سودا رکيا اٿس ۽ اڳتي هلي ڪهڙيءَ ڪهڙيءَ طرح ٻڌايو اٿس تہ ،

جـي بچـائين تـان بچـان ،ڪـونهي بلـو تنهنجـي بگـر،
ڪونـہ مالـڪ تـو سـوا،اچ ہاجھـہ تنهنجـي تـي ڪپـي.

ڪنهن مشڪل وقت ،بيماري،روزگارجي تنگي ۽ محتاجي کان امن و امان گهرڻ واسطي سندس هي قصيدو ڪيئن نہ دل کي ڏير ڏئي ،ذهن کان ٻوجهہ کي پري ڪرڻ جي سگهہ رکي ٿو ، فقط مرشد طرف متوجهہ ٿي پوري ڌيان سان هي قصيدو پڙهڻ جي ضرورت آهي .اوهان کي لڳندو تہ اوهان جي دل کي درويش غلام حسين زبان عطا ڪري ڏني آهي.

درد جـــو دارون دوا،بيمـــار ٿـــنَ جـــو تـــون طبيـــب،
مـــرض ماريـــل سـيدا ،ڪـــر تـــون ســگهاري الفيـــاث.
تـــي پيـــا محتـــاج محتـــاجن ســـندا،آهيون اســـين،
مفلســـي ۽ بيڪســـيءَ کـــان ،ڏي پنـــاري الفيـــاث.

اسين ايئن ان ڪري چئون ٿا ،ڇاڪاڻ جو اسانجو پختو يقين آهي تہ :

رحم واري ذات تنهنجي، رحم ڪر پروردگار،
رحم تنهنجو ٿا نهاريون، فضل تنهن جو بيشمار.

انهيءَ ڳالهہ ۾ بنهہ ڪو بہ شڪ شبهو ناهي تہ مرشد هر وقت مريد جي مدد ڪندو رهندو آهي ، رڳو اسان کي بر وقت ان ڏانهن متوجهہ ٿيڻ لازمي امر آهي .پر ڪنهن حالتن ۾ تہ هو خود بخود اچيو مددگار ٿئي ۽ ڪنهن اوجهڙ مان سُتڙ ڪيو ڇڏي،جنهنجي اسان کي ڪل بہ نہ پوندي.اسان جا وڏڙا درويش ،اسان جي لاءِ ڪافي آزيون نيرازيون ڪري ويا آهن ،اسان کي رڳو انهن جي نقشِ قدم تي هلڻ جي همت ڪرڻ گهرجي.

اسين اوهان کي درويش غلام حسين جون کي زندگيءَ ۾ کي سندس شاعري قصيدي جون جهلڪيون ئي ڏيکاري سگهيا آهيون .ممڪن آهي تہ اهي بہ اجا اڻ پوريون هجن ،تنهن ڪري : مڙئي مون ڏي ,هوتن ڏي نہ هڪڙي

هنن قصيدن جي ڪتابن جي ڇپجڻ جو اسانجو مقصد هن دؤر جي آسانين مان فائدو وٺڻ آهي ،اڳ اسان جا وڏڙا انهن درويشن جي هنن قصيدن کي هٿن سان اتاري ايندا هئا ,جيڪو ڪم تمام ڏکيو هوندو هو. پر هاڻ ڇاپي جي دنيا ،ڪمپيوٽر جي ايجاد جي ڪري ڏاڍي آساني ٿي پيئي آهي ان مان لاڀ وٺڻ جي ضرورت آهي ، پر پڪ سان ان عزم ۾ اوهان جي سهڪار جي بيحد ضرورت آهي ۽ رهندي, شل ڏڻي مڙني کي اها سگهہ عطا ڪري ,آمين

نيازمند
عبدالستار پيرزادو
ڪراچي, سنڌ
02 مارچ 2010
سيل : 03452217471
ايميل : sattar_pirzada@yahoo.com

ڪُلّ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

فضل ڪر يا رب، احمد مجتبيٰ جي واسطي
صاحبِ لولاڪ، ختم الانبياء جي واسطي

1. ڪر دعا مقبول منهنجي، جا مگان مولا ڪريم،
شاه سلطان الاوليا، نورِضيا جي واسطي

2. حل ٿئين مشڪل سيئي، ڪر عطا قلبِ سليم،
صاحبِ ختم الولايت، ذوالعليٰ جي واسطي

3 دين دنيا ڪر اسانجو، تون چڱو ۽ آخرت،
خانقہ جي نور نرمل، ذوالحياء جي واسطي

4. ڪر سندم سينو ڪشادو، حمد پنهنجي لئي ثنا،
ڪوٽ جي صاحب سخي، مشڪل ڪشا جي واسطي

5. قلب روشن چشم روشن، تن توانا ڪر مدام،
شاهه مدني غوث اعظم، ذوالعطا جي واسطي

6. مومنن کي گنج بخشيو ڪنهن نہ ويلي ڪر خجل،
رهنما مرشد مڪي، صاحب سخا جي واسطي

7.فضل جي درڪار داور، وهب ڪر راحم رحيم،
رهبرِ راهِ هُدي، صاحب لواء جي واسطي.

8.رک قدم ثابت اسانجو برصراط المستقيم،
پاڪ آلِ شاه سلطان، اولياء جي واسطي.

9.تون رحيمي تون ڪريمي بي سبب نعمُ الوَڪيلُ،
در سخا جو ڪر ڪشادو بينوا جي واسطي.

10.ڪر عطا توفيق ڳايان، شڪر تنهنجي نعمتن،
ڪر زبان منهنجي روان، شڪريه ادا جي واسطي.

11.بخت دولت عمر افزون اچ ڪليوناجين سياڳ
سڀ چئو آمين مومن هن دعا جي واسطي.

12.سڀ تڪيا توريه اجا يا درمتي آيو غلام
تون سڀا جهو هيڪڙو ڪافي گدا جي واسطي.

فضل ڪر يا رب، احمد مجتبيٰ جي واسطي،
صاحبِ لولاڪ، ختم الانبياء جي واسطي.

ڪُلُ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

حمد تنهنجو ۽ ثنا، تون بي مثل بيچون نشان،
لا شريڪ و وحدهو قادر مٿي جملہ جهان.

1. ابتدا ۽ انتها، تنهنجي نڪا اي ڪارساز
جا بجاء موجود آهين، بر زمين و آسمان.

2. تون رحيمي تون ڪريمي ،سڀ مٿي تنهنجي نظر،
ڪين دشمن کي وسارين، جڳ مٿي تون مهربان.

3. خوان يغمان آهہ تنهنجو تو لٽي هر ڪو پيو
جو گهري جيڪي پيو سوئي لهي تو بيگمان.

4. بحر بخشش جي اڳيان ناهن ڳرا هي ڏوهہ سڀ،
بحر بخشش آهہ تنهنجو بي حساب وبيڪران.

5. اي ڪريما بخش مونکي پڻ سندم مادر پدر،
۽ هجي اولاد صالح بخت تن جو نوجوان.

6. ذڪر تنهنجي سان ٿئي ،روشن سندم دل جو چراغ،
رڳ رڳ ۾ نامُ تنهنجو ۽ ٿئي ذاڪر زبان.

7. در مٿي تنهنجي نہ خالي، ٿو وري سائل ڪڏهن،
مومن و ملحد سندو آهين سدا حاجت روان.

8. در مٿي داتا سندءِ، آهي ايو عاصي غلام،
التجا مقبول ڪر ۽ ڏي ڪٿم امن و امان.

حمد تنهنجو ۽ ثنا، تون بي مثل بيچون نشان،
لا شريڪ و وحدهو قادر مٿي جملہ جهان.

ڪُلُّ

بسم لله الرحمٰن الرحيم

ڪرڪــــرم خيرالـــورا، يـــا رحمـــت اللعـــالمين،
شـــافعِ روزِ جـــزا، يـــا رحمـــت اللعـــالمين.

1.مرسـلن منهـدار تـون، جملــ جهـان جـو ڪـارڻي،
تـــون دنيـــا جـــو رهنمـــا، يـــا رحمـــت اللعـــالمين.

2.ڪونــ ثـاني ڪـو سنديءِ، ظـاهر شـرف معـراج ۾،
پـاڪ پـرور ڪئـي ثنـا، يـا رحمـت اللعـالمين.

3.سـڀ چـون نفسـي جتـي، تـون ٿـو پوڪـارين اُمتـي،
سـگهہ سـرين ايـڏي سـچا، يـا رحمـت اللعـالمين.

4.ڇـا نبـي تـوڙي ولـي، ارشـاد حـق جـا جـي ٿيـا،
فيضـــور ســي تــو ڪيـــا، يـا رحمـــت اللعـــالين.

5.جي نہ بخشين تون ڪنهينکي، ڪين بخشي ٿو خدا،
رب رڪــي تنهنجــي رضــا، يــا رحمــت اللعــالمين.

6.ڪـوڙ مـان تـوڪي قبـوليم، تـو بنـا ڪـونهي قبـول،
تـــو مڱـــان تنهنجـــي عطـــا، يـــا رحمـــت اللعـــالمين.

7.ڪر منور دل سندم، پرتئون پڙهان توتي صلوات،
روزشب صَلو علي، يا رحمت اللعالين.

8.تون حمايت هاشمي، ضامن ضعيفن جو ضمان،
ننگ توتي سرورا، يا رحمت اللعالمين.

9.سام تنهنجي سيدا، آهي پيو عاضي غلام،
پنهنجو ڪيو بحرِ خدا، يا رحمت اللعالمين.

ڪرڪرم خيرالورا، يا رحمت اللعالمين،
شافعِ روزِ جزا، يا رحمت اللعالمين.

ڪُلّ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الهي ڪر عطا طاقت، ڪريون حمد و ثنا تنهنجي،
اسان جي دل ٿئي روشن، ڪري ساره ثنا تنهنجي.

1. رسائين تو رزق روزي، سين ساجهر سويلو تون،
ڏيڻ ويلي نٿو ترسين، ڪري ڇا ڪو ادا تنهنجي.

2. ڏڪين تو عيب سيڪنهن جا، نٿو ظاهر ڪرين ڪنهنکي،
حليمي ٿي اها تنهنجي، ڪري ڇا ڪو شڪريہ ادا تنهنجي

3. سوالي نا وري خالي، هجي تو وٽ سوالي ڪو
پڄائين آس تو سيني، گهري جوئي سخا تنهنجي.

4. غلاما ٿي نہ تون غمگين، ڏٺي راحم سدا آهي،
ڪرم پنهنجو ڪندو قادر بديون بخشي خطا تنهنجي.

الهي ڪر عطا طاقت، ڪريون حمدو ثنا تنهنجي،
اسان جي دل ٿئي روشن، ڪري ساره ثنا تنهنجي.

ڪُلّ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

شاهِ زمان مشڪل ڪشا، تنهنجو شان جل جلالهو
تنهنجي عطا بي انتها، تنهنجو شان جل جلالهو.

1. مسجود تون معبود تون، هر جاءِ ۾ موجود تون،
سيني سندو مقصود تون، تنهنجو شان جل جلالهو.

2. غافر ذنوبي تون غني، ساتر عيوبي سڀ سندءِ،
ڪوجهي هجي توڙي چڱي، تنهنجو شان جل جلالهو.

3. تنهنجي صفت بيچون نشان، مظهر ٿئين پاڻهئي عيان،
تون مالڪِ ڪون و مڪان، تنهنجو شان جل جلالهو.

4. صاحب لواءِ توکي چوان، توکان مگان امن وامان،
تو کانسواءِ ڪانهي امان، تنهنجو شان جل جلالهو.

5. احوال روشن تو اڳيان، توکانسواءِ ڪنهنکي چوان،
فرياد رس تون بي گمان، تنهنجو شان جل جلالهو.

6. مومن هجي ڪافر هجي، بي دين يا منڪر سڀ کي ڪرم
تنهنجو پهچي، تنهنجو شان جل جلالهو.

7.هر ڪا ٿڪي هر ڪا دوا، سڀ امر ۾ تنهنجي ٿيا،
ڏاران امر ڪا نهي شفا، تنهنجو شان جل جلالهو.

8.لائق نه ٻيو تعريف جو حمد و ثنا توصيف جو
ثاني نه تو رحمان جو تنهنجو شان جل جلالهو.

9.مولا رکين منهنجو شرم، باري بچائين تون ڀرم، تنهنجو
ڪپي فضل و ڪرم، تنهنجو شان جل جلالهو.

10.منهنجي خطا تنهنجي عطا، ڪيئي ڪان خطا زياده عطا،
رحمت لکئي پنهنجي هٿان، تنهنجو شان جل جلالهو.

11.قلم قضا جيڪي لکيو، ڏاهي اهو احسن ڪيو
ڪونهي سڀاجهو تو جهو تنهنجو شان جل جلالهو.

12.لَا تَقنَطُو فرمان ٿيو بخشش جو اعلان ٿيو
سيني مٿي احسان ٿيو تنهنجو شان جل جلالهو.

13.داتا هنيم درتي صدا، تون شاهه مان دايو گدا،
خالي نه موٽيو ڪو گدا، تنهنجو شان جل جلالهو.

شاهِ زمان مشڪل ڪشا، تنهنجو شان جل جلالهو
تنهنجي عطا بي انتها،تنهنجو شان جل جلالهو

ڪُلّ

بسم للّٰه الرحمٰن الرحيم

مالــڪِ ارض وســما، تنهنجــو ڪپــي فضــل وڪــرم،
روزشــب تنهنجــي عطــا، تنهنجــو ڪپــي فضــل وڪــرم.

1.تــون رحيمــي تــون ڪريمــي، تــون معــا ون تــون غفــار،
عفــو ڪــر هرڪــا خطــا، تنهنجــو ڪپــي فضــل وڪــرم.

2.بــس غنيمــت آهه دل لئــي، پر تــوو تنهنجــو ڪــريم،
نــور ســان دل ٽئــي ضــيا، تنهنجــو ڪپــي فضــل وڪــرم.

3.مــور مقصــد ڪــي نــہ پهچــي، فــرد ڪهــڙو ڪــو هجــي،
ســي ٽئــي تنهنجــي رضــا، تنهنجــو ڪپــي فضــل وڪــرم.

4.هــر بشــر ۾ نــور پنهــان، پــر ٽئــين مظهــر ڪٽــي،
مظهــرِ نــورِ خــدا، تنهنجــو ڪپــي فضــل ڪــرم.

5. بــي مثــالي ٽــي مثــالي، ذات اقــدس تــو ســندي،
شاه سلطان اوليا، تنهنجو ڪپي فضل و ڪرم

6.ڪين مقيد ذات تنهنجي، جٿن گهرين تٿن ٿو ڪرين،
جــا بجــاء تــون رهنمــا، تنهنجــو ڪپــي فضــل و ڪــرم.

مالڪِ ارض وسما، تنهنجو ڪيپي فضل وڪرم،
روزشب تنهنجي عطا، تنهنجو ڪيپي فضل وڪرم.

7.جا جڙُي شيءِ سا تہ پنهنجي، ڪيئن تہ صانع ڪي چوي،
توڪيو هي آهي ڇا، تنهنجو ڪيپي فضل وڪرم.

8.رزق جو رزاق تون، ڪافي ڪفا آهين ڪٺم،
توڪيو هي آهي ڇا، تنهنجو ڪيپي فضل وڪرم.

9.ڪيئن رهي تنهنجي، اڳيان مشڪل سندم مشڪل ڪشا،
آه هت تنهنجي قضا، تنهنجو ڪيپي فضل وڪرم.

10.جي هجي ڪوئي نڪر، جهڙو ٺلهو خالي رڳو،
نا ڇڏين پنهنجا ٺلها، تنهنجو ڪيپي فضل وڪرم.

11.غير غفلت وئي وٺي، امراض هر ڪنهن ڪان بچاءِ
دافع رنج و بلا، تنهنجو ڪيپي فضل وڪرم.

12.پيو ڪٺو ڪيوان ۾ جي سعد ڪر تنهنڪي رحيم،
رحم تنهنجو ٿو مڱان، تنهنجو ڪيپي فضل وڪرم.

13.سرفرازي تاجداري، ڪاڻ ڪنهنجي ڪان ڏي،
رک اندر تحتِ قبا، تنهنجو ڪيپي فضل وڪرم.

14.آ شفا هٿ ۾ تنهنجي، ناحق ستائن ٿا طبيب،
امر ۾ تنهنجي شفا، تنهنجو ڪپي فضل وڪرم.

15.تو بنا ڪنهنڪي چوان، پيو ناهه آڌر آسرو،
روز شب تنهنجي عطا، تنهنجو ڪپي فضل و ڪرم.

16.سڀ ٿين ساجد سنڌ ۾، مادر پدر اهل وعيال،
تن توانا ڪر سگها، تنهنجو ڪپي فضل وڪرم.

17.ڏي اسان امن و امان، اهل و پسر شادان ڪر،
پيش تنهنجي هي ٻچا، تنهنجو ڪپي فضل وڪرم.

18.فضل واري پوش سان، افضل سنڌم اولاد ڪر،
بخت ياور با وفا، تنهنجو ڪپي فضل و ڪرم.

19.بيوسيلن جا وسيلا، ڪونه دارو ڪو سنڌم،
تو بنا تنهنجي سوا، تنهنجو ڪپي فضل وڪرم.

20.عيب سارا ٿيا پڌر، ستر ڪر تون اي ستار!
ڍڪ اگهاڙن جي لڄا، تنهنجو ڪپي فضل وڪرم.

21.وَامّ السّائِلُ سُٺي، خيرات لئي آيو غلام،
تو پڻي فضل وعطا، تنهنجو ڪپي فضل وڪرم.
مالڪِ ارض وسما، تنهنجو ڪپي فضل وڪرم،
روزشب تنهنجي عطا، تنهنجو ڪپي فضل وڪرم.

كُلّ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

شھنشــاھ مشــڪل ڪشــا، اڄ ٻاجھہ تنھنجــي تــي ڪپــي.
درد جـــا دارون دوا، اڄ ٻاجھـــہ تنھنجـــي تـــي ڪپـــي.

1. قلــب منھنجــي تــي اڄــا، آھ ســرورا پــردو حجــاب،
لاھ پـــردو ڪـــر ســـخا، اڄ ٻاجھــہ تنھنجــي تــي ڪپــي.

2. چئــو طــرف غفلــت وئــي ويڙھــي، ۽ پــڻ حــرص و ھــوا،
ڪــر ســندم ســينو صــفا، اڄ ٻاجھــہ تنھنجــي تــي ڪپــي.

3. فضل ڏاران ڪون مقصد، ڪي رسيو شاھا ڪٿي،
اڄ وري نـــورِ خـــدا، اڄ ٻاجھـــہ تنھنجـــي تـــي ڪپـــي.

4. ڪيــئن وري پينــار خــالي، در تــي ســائل جــو ھجــي،
دم بـــدم آن جـــي عطـــا، اڄ ٻاجھــہ تنھنجــي تــي ڪپــي.

5. بيڪـــس جـــا يـــر جھلا، نـــاڪس رھيـــو نـــادار تـــي،
ڪونـــہ حـــامي تـــو ســـواءِ، اڄ ٻاجھــہ تنھنجــي ڪپــي.

6. جــي بچــائين تــان بچــان، ڪــونھي بلــو تنھنجــي بگــر،
ڪونـــہ مالـــڪ تـــو ســـواءِ، اڄ ٻاجھــہ تنھنجــي ڪپــي.

7.ڪذب ڪارِي دل ڪئي، ۽ ڪيو گناهن اوجهرو
ڏي اچي ترتئون شفا، اچ ٻاجهه تنهنجي تي ڪپي.

8.صد شڪر احمدُ، زماني ۾ اچي مهدي ٿيو
مظهرِ نورِ خدا، اچ ٻاجهه تنهنجي تي ڪپي.

9.دل ٿئي آزاد منهنجي، ڪر عنايت جي نظر،
ڪر عطا صاحب لواء، اچ ٻاجهه تنهنجي تي ڪپي.

10.دور دنيا ۾ اچي، صاحب لواء اظهار ڪيئي،
جڳ چوي صد مرحبا، اچ ٻاجهه تنهنجي تي ڪپي.

11.سام تنهنجي سيدا، آهي پيو عاصي غلام،
ڪُلَ جا سائين سچا، اچ ٻاجهه تنهنجي تي ڪپي.

شهنشاه مشڪل ڪشا، اچ ٻاجهه تنهنجي تي ڪپي.
درد جا دارون دوا، اچ ٻاجهه تنهنجي تي ڪپي.

ڪُلّ

بسم للہ الرحمٰن الرحیم

شهنشاه مشڪل ڪشا ,جلوه نما تنهنجي نظر،
ڏين دنيا لاءِ ڪافي، آ سرورا تنهنجي نظر.

1.تنهنجي نوازي ڪيترا، عاجز اڳها هيٺا عليل،
دم بدم عاجز ڪري ٿي،سڀ سگها سرورا تنهنجي نظر.

2.ابتدا ڇا انتها، ظاهر هجي جيسين زمان،
هر زمان ۾ ٿي رهي، دارون دوا تنهنجي نظر.

3.جهول جي بيمار پيا، بيزار ٿيا جن کان طبيب.
ٿي اڪاري تار مان، سي اڪملا تنهنجي نظر.

4.پاند خالي نا وري، درگاه جا تي ڪارساز
جو پوڪاري ٿي ڪري، ٿُرتئون شفا تنهنجي نظر.

5.موج محبت جي وٺي، جن کي مليو صدق وصفا،
سي رسائي ٿي متي، عرشِ عُليٰ تنهنجي نظر

6.لطف تنهنجو جن متي، آتش اجهامي باغ ٿي،
نار کي گلزار ڪيو تنهنجي رضا تنهنجي نظر.

7.غـــرق ٿــي فرعــون ويــو وادي انـــدر ســونيل جــي،
ٿــي رهـــي قاتــل مــٿس، تيــرِ قضـــا تنهنجـــي نظـــر.

8.جــي پســان گــل ڦــل شــجر، تــوڙي چمــن ۾ ڪــلُ حُسُــنُ،
حُسُــن ڪــلُ جــو ڇــا ڇــوانِ، ثابــت صــفا تنهنجــي نظــر.

9.ڪونـــ ڪـــٿ تنهنجـــي بنـــا، راحـــم شـــفيق و رهنمـــا،
ديـــن دنيـــا جـــي شـــفا، ٿـــي پـــرورا تنهنجـــي نظـــر.

10.احـــد احمـــد يـــا ڇـــوان، مظهـــر خـــدا جـــي ذات حـــق،
يـــا سراســـر شـــاه ســـلّطان، الاوليـــاء تنهنجـــي نظـــر.

11.ڇـــا ڪـــري شـــڪريہ ادا، پـــورو ســـگهي درجـــو غـــلام،
نِـــت هجـــي تنهنجـــي ثنـــا، تنهنجـــي ســـخا تنهنجـــي نظـــر.

شهنشـــاه مشـــڪل ڪشـــا ،جلـــوه نمـــا تنهنجـــي نظـــر،
ديـــن دنيـــا لاءِ ڪـــافي، آ ســـرورا تنهنجـــي نظـــر.

ڪُلٌ

بسم للہ الرحمٰن الرحيم

وصـــف تنهنجـــي قـــل هـــو الله، در قـــرآن جلشـــانهو،
لاشـــريڪ و لـــم يلـــد، بيچـــون نشـــان جلشـــانهو.

1.وحدهو توصيف تنهنجي، پاڻهئي ڪثرت ڪرين.
وحـــدت و ڪثـــرت ٿئـــي، نـــورِ نهـــان جلشـــانهو.

2.ڪير ڪو توکي سڃاڻي، جي نہ بخشين تون شناس ،
پيشـــوا ڪـــونهي ســـوا تـــو در جهـــان جلشـــانهو.

3.تـــون هـــدايت جـــو ڏنـــي ڪـــانهي هـــدايت تـــو بنـــا،
رهنمـــائي ســـان وئـــي امـــن وامـــان جلشـــانهو.

4.پـــاڻهئي ســـلطان تـــون،ءِ تـــو ڏنـــين پيغـــام تـــون،
ڪيـــر آ تنهنجـــي ســـوا، پيغـــام رســـان جلاشـــانهو.

5.غـــين نـــاهين عـــين آهـــين، عـــين جـــو ديـــدار ڏي ،
در لباســـي بنـــدگي، محمـــد الزمـــان جلشـــانهو.

6.شـــاهہ ســـلطان اوليـــاء، تـــو لقـــب پنهنجـــو رکـــين ،
جـــا بجـــاء شـــاهِ لـــواري، تـــو چـــوان جلشـــانهو.

وصف تنهنجي قل هو الله، در قرآن جلشانهو،
لاشريڪ ولم يلد، بيچون نشان جلشانهو

7.صاحب مسند نشين، مظهر سنڌ ظاهر ٿيو
تو سڻائي فضل پنهنجي، جو بيان جلشانهو.

8.هرگهڙي تعريف تنهنجي، شاهدي ايمان جي،
تو ملي ايمان ڪامل، مومنا جلشانهو.

9.درلعل لواري تخت تنهنجو لا مڪاني ٿيو مڪان،
تون عرش ڪرسي برزمين وآسمان جلشانهو.

10.تي ولايت جي تماميت، دؤر آخر تو هلي،
سڀ حڪومت تي پسان، تنهنجو نشان جلشانهو.

11.آرزوءاشياءَ هر ڪنهن کي ظهوري تو سندي،
تي مسيحي دين ڪر، زنده عيان جلشانهو

12.تي حقيقت احمدي، جامع مسيحا سان اچي،
وقت جو محتاج ناهين، تي عيان جلشانهو.

13.توب لشڪر ۽ خراني جي ضرورت ناهه تو،
لفظ ڪن سان ٿيو عيان، جملہ جهان جلشانهو.

14.واڳ سڀ هٿ ۾ تنهنجي، ڪلڪ قضا جئن تو لکين،
پاڻ ڄاڻن تا تہ آهيون، حڪمران جلشانهو.

15.حڪم تنهنجي کانسواءِ، ڪونہ ڪک پن ڪوچُري،
عين اهڙي ڪر عطا، هر جاءِ پسان جلشانهو.

16.ڇا ڪري تعريف سگهندي، مور عاجز جي زبان،
ڪر عنايت سان روان، منهنجي زبان جلشانهو.

17.فضل تنهنجو تو ڪپي، ۽ فضل تو درڪار آهہ
فضل ڏاران ڪونہ ٿيو ڪو ڪامران جلشانهو.

18.هر مصيبت کان بچائج، مدح گو پنهنجو غلام،
ٻاجهہ ڪر ٻانهي مٿي، تون بيڪران جلشانهو

وصف تنهنجي قل هو الله، در قرآن جلشانهو
لاشريڪ ولم يلد، بيچون نشان جلشانهو

ڪُلُّ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

مظهــــرِ نـــورِ خـــدا، شـــاهِ لـــواري الغيـــاث،
دافـــعِ رنـــج و بـــلا، فريـــاد زاري الغيـــاث.

1. بيوســـيلن جـــا وســـيلا، عـــاجزن جـــي مـــاڙ تـــون ،
ڪـــر اڏيـــنن جـــي مـــدد، ۽ دســـتياري الغيـــاث .

2. درد جـــي دارون دوا بيمـــار تـــن جـــو تـــون طبيـــب ،
مـــرض ماريـــل ســـيّدا ڪـــر تـــون ســـگهاري الغيـــاث ،

3. آســـماني جـــا بـــلا نـــزل ٿئـــي ٿـــي بـــر زمـــين،
تـــنهن بـــلا کـــان ڏي امـــن ڪـــر قربـــداري الغيـــاث .

4. ٿـــي پيـــا محتـــاج محتـــاجن ســـندا آهيـــون اســـين.
مفلســـيءَ ۽ بيڪســـيءَ کـــان ڏي پنـــاري الغيـــاث.

5. ٿـــي حقيقـــت احمـــدي جـــامع مســـيحيءَ ســـان اچـــي ،
ديـــر دلبـــر چـــو ڪئـــي. ٿـــي انتظـــاري الغيـــاث.

6. چـــو ٿـــين محتـــاج ڪـــنهن جـــا جـــن ســـندو همـــراه تـــون،
ڪـــر نظـــر شـــاها اســـان تـــي فـــيض واري الغتيـــاث.

7. نا تواني ۾ ڏسي دشمن ڪِلن ٿهه ٿهه ڪيو،
ڏورِ وجهه تنکي مٿا ڪر ٻاجهه ياري الغيات.

8. تو وجهي وسواس ويري ياس ڏي تاڻي خبيث،
ڪر اچي وارث ولهين جي پوءِ واري الغياث.

9. سات جا سالار بي هٿيار ٻانها ڇا چون،
نا تواني کان نهارن ڪر ستاري العياث.

10. امن جو فرمان نافظ جو اچي زيرِ عَلمَ،
هر مصيبت کان بچي قاصر ڏوهاري الغياث.

11. واعدو امن وامان جو قؤل تنهنجو آسچو،
قؤل ڏي ڏَسُ سيّدا ڏي اوٽ ساري الغياث.

12. ڪين خامين ۽ خطائن ڏي اسان جي ڏِسُ ڪريم،
فضل تنهنجو آهه بيحد تون غفاري الغياث.

13. دست تنهنجو آ اسان تي تاقيامت دست رَسُ،
دستگيري ڪر حمايت ياري ياري الغياث.

14. در مٿي سائل سدا هي غوث عاجز ۽ غلام،
تو بنا ڪونهي اجهو ٻي ڪانه تاري الغياث.

مظهرِ نورِ خدا، شاهِ لواري الغياث،
دافعِ رنج و بلا، فرياد زاري الغياث.

ڪُلُّ

بسم لله الرحمٰن الرحيم

خالقِ هردوجهان، پنهنجو رحم ڪر يا ربّنا،
ڪونہ پيو حاجت روان، پنهنجو رحم ڪر يا ربّنا.

1. پئي هٿان منهنجي سڄائي، بخش ڪر مونکي ڪريم،
تون غفورن بر خطا،پنهنجو رحم ڪر يا ربنا.

2. نفس شيطان جي عداوت ,آ وڏو تڪ تار ۾،
تار مان ڪڍ پرورا، پنهنجو رحم ڪر يا ربّنا.

3. يَمحُو الله مَايَشاءُ، فرمان تيو فرقان ۾،
ڪير ميٽي پيو قضا، پنهنجو رحم ڪر يا ربّنا.

4. مرده دل زنده ڪرين ,اهڙي رکين قادر قدير،
بخش ڪر صحت وشفا، پنهنجو رحم ڪريا ربّنا.

5. ناهہ طاقت ڪا طبيبن، ٿا هلائن فڪر ڦند،
حڪم ۾ اجهؤن ڪيئن شفا، پنهنجو رحم ڪر يار ربّنا.

6. ڏسِ چوان ڪنهنکي، سواءِ تنهنجي نہ چاروڪو پيو
سڀ ٽئي توڪان چڱا، پنهنجو رحم ڪر يا ربّنا.

7.نـا اميـديء جـو نــ دَرَ منهنجــي رجـا پـرور پڄـاءِ،
ديــن دنيــا جـــي عطـا، پنهنجـو رحـم ڪريـا ربّنـا.

8.ڪـين سـائل کـي چئـو فرمـان سـائين تـو سـندو
تـو هٽـان تـو دَرِ صـدا، پنهنجـو رحـم ڪـر يـا ربّنـا.

9.حــال ســارو عيــب وارو پــيش آنــدم اي ســتار
حــال هــن تـي ڪـر سخا، پنهنجـو رحـم ڪـر يـا ربّنـا.

10.هــر مصـيبت کــان بچـائي، پــوش پــردو ڏي پناهــ
در مٿـي دايــو گــدا، پنهنجـــو رحــم ڪــر يـــا ربّنـــا.

خــالقِ هردوجهــان، پنهنجــو رحـــم ڪـــر يـــا ربّنـــا،
ڪونــ ٻيــو حاجـت روان، پنهنجـو رحـم ڪـر يـا ربّنـا.

ڪُلّ

بسم لله الرحمٰن الرحيم

جماعت ناجيه جو پرور اجهو آيو اجهو آيو،
پڏي دستار مُنهن منور اجهو آيو اجهو آيو.

1. حڪم هاديءَ سندو هلندو نه ٻي ڪنهن چون چرا رهنديءَ
عدل انصاف سان گستر، اجهو آيو آجهو آيو.

2. وئي دنيا آهي پرجي ،ضلالت ۾ ٻي دينيءَ سان،
سچو اسلام جو رهبر، اجهو آيو اجهو آيو.

3. نراسائي ڇڏيو پيارا، وڌايو قدم نيت ۾،
ڇڏي منتار امرت سر، اجهو آيو اجهو آيو.

4. مُنا مردود سي منڪر، گلاگو جي جماعت جا،
عرش کان تن مٿي پادر اجهو آيو اجهو آيو.

5. حَسَدَ کان پاڻ جن پانيو نتا چاڻن جماعت مان،
ملامت جو مٿن لشڪر، اجهو آيو اجهو آيو.

6. حديثن ۾ چيل آهي، ڪدي ڏسجو ڪتابن مان ،
لواءِ ڪُلُ جو حڪم صادر اجهو آيو اجهو آيو.

7.حڪم هر جاء سندو قادر هليو آيو ني باطن ۾،
مگر باطن ٿيندو ظاهر، اجهو آيو اجهو آيو

8.ڏٺي حڪمت سندو سائين ،پوي ٿي ڳل نه ڪنهن ڪائي،
ڍڪي جامون وني مظهر، اجهو آيو اجهو آيو.

9.مِٺائي قلب ڪارن ڪي، ڪري ٿو صاف سي روشن ،
ڪيڏي ڪارن جو دفتر، اجهو آيو اجهو آيو.

10.اسان ڪي آسرو آهي، فضل ڀانهن مٿي ٿيندو،
ڪندا مومن خوشي گهر گهر، اجهو آيو اجهو آيو.

11.غلاما ٿيء نه تون ماندو پرين پارس هتي ايندو،
پڙهج تون پرت مان هر هر، اجهو آيو اجهو آيو.

جماعت ناجيه جو پرور، اجهو آيو اجهو آيو،
ٻڌي دستار مُنهن منور، اجهو آيو اجهو آيو.

ڪُلُّ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

شل هجؤن صدق و صفا ۾ يا خدا فرياد رس،
تيون دين تي قائم دنيا ۾ يا خدا فرياد رس.

1.بي مثالي ذات تنهنجي، ڪير توکي ات پسي،
بي مثالي ڪيئن لقاء ۾ يا خدا فرياد رس.

2.صورتِ انسان لئي، فرمايئي پنهنجو مثال،
نور تيو آدم صفا ۾ يا خدا فرياد رس.

3.وقت سجدي جي ڪيو انڪار جي ابليس تي،
هوُ تيو هوڙي هوا ۾ يا خدا فرياد رس.

4.طور تي ڪنهنڪي چوان، ۽ نار ۾ ڪنهنڪي اُهاءِ،
نار تي نورِ ضيا ۾ يا خدا فرياد رس.

5.عرب ۾ ريءَ عين تي ،عرب آيو باوقار،
نور ظاهر مصطفيٰ ۾ يا خدا فرياد رس.

6.قلب مومن جو چوين ،آهي تيو منهنجو مڪان،
خلق چو تي چون چرا ۾ يا خدا فرياد رس .

7. جن سچاتو پاڻ کي، تن پڻ سچاتو اسم ربّ،
قلب اندر سي لقاء ۾ يا خدا فرياد رس.

8. جا بجاءِ تنهنجو نماءِ، شوقئن چوان هاڻي ظهور،
شاه سلطان اولياء ۾، يا خدا فرياد رس.

9. هوڙ هستيءَ جي هلي تي، ڪين توڪان مگن،
سالڪن جي سي گلا ۾ يا خدا فرياد رس.

10. جت هجين موجود تون، آهي اُتي سيڪا خبر،
بي خبر بغض و ريا ۾ يا خدا فرياد رس.

11. جن سندو محبوب تون، بهتان تن تي بيشتر،
ڪار ابتي تي دنيا ۾ يا خدا فرياد رس.

12. دين جي اوصاف ۾ اعتراض جي پنهنجا وٺن،
شل وڃن سي سپ سزا ۾ يا خدا فرياد رس.

13. ڪر پڌر پنهنجا پيارا، ڪين دم ڪو دير ڪر،
جي رهيا راضي رضا ۾ يا خدا فرياد رس.

14. يا آلهي فضل ڪر، دائم مٿي عاصي غلام،
نِتُ هجي تنهنجي ثنا ۾ يا خدا فرياد رس.

شل هجؤن صدق و صفا ۾ يا [illegible]دا فرياد رس،
تيون دين تي قائم دنيا ۾ يا خدا فرياد رس.

ڪُلّ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

مهرمــان وارث ولهــين جــي، لهــ اچــي تــون ســاراج.
درد ڏوري ڪـــان پوڪـــارن، برهـــ جـــا بيمـــار اچ.

1.گـڏ رهــين ســائـم ســدا، ونحــن ســندءِ آهــي ســخن ،
ڪيــئن پســان تــوڪي پــرين، آهــي ســندءِ اختيــار اچ.

2.گهر سجو تنهنجي بنا ڪونهي منجهس ڪو سو جهرو،
ڪراچــي آبــاد تــنهن ڪــي، دل گهريــا دلـــدار اچ.

3.گهوٽ جنهن جو گهر نہ گهاري ڪيئن گذاري نارسا،
وَرَ بنـــا وارث ولهـــي ڪهـــڙا ڪـــري ســينگار اچ .

4.تــاج نــاجيءَ جــو مليــو ڪهــڙا ٻــڌايان ڪــم وري،
ڏوهــ بــازي حيلــ ســازي، ســڀ بــديون اظهــار اچ.

5.بـادِ غفلـت جـي گهلـي، مشـڪل ٻـري دل جـو چـراغ ،
پرتــوي ســان شــاهہ پنهنجــي، ڪــر اچــي انــوار اچ.

6.غيـر غفلـت جـو هميشـهہ، تـو وسـي ڪـارو ڪـڪُر،
فضـــل تنهنجـــو ســـيّدا، آهـــي اجهـــو آذار اچ.

مهرمـــان وارث ولهـــين جـــي ،لهـــ اچـــي تـــون ســـاراج.
درد ڏوري كـــان پوكـــارن ،برهـــــ جـــا بيمـــاراج.

7.نفـــس شـــيطان تـــو لـــڙي، كـــاهون كـــري هـــر وار ۾،
كـــڏ تـــڙي تنهنكـــي پـــري، مـــوذي مـــري غمخـــواراج.

8.نفـــس مـــاٺهو نـــا چـــون، پـــر نفـــس حـــيلا تـــو كـــري،
تـــي پـــري محبـــوب كـــان، منكـــر متـــي وجهـــ مـــارَاج.

9.چـــو پڇـــين قاضـــي مُـــلا، مظهـــر اچـــي ٿينـــدو كـــڏهن ؟
شـــوق تـــوكي عـــيش جـــو؟ كـــونهي پـــرين دركـــاراج.

10.ســـير جـــاتي پـــاڻ كـــي، ۽ پـــاءُ جـــي كـــانهي پڇـــر،
نفـــس يـــاڙي تـــو پلائـــي ،۽ كـــري كـــڏ كـــاراج.

11.خود نمائيءَ سان كرين، غيبت گلا دل خوش كرين،
پـــاڻ كـــي بهتـــر چـــوين، كـــونهي ســـندم رفتـــاراج.

12.نفـــس جـــي مـــارين ادا تـــون، تـــان رســـين هـــن رمـــز كـــي،
نفـــس جـــي مـــارڻ بنـــا، كهـــڙا ڏســـين ديـــداراج.

13.ســـك هجـــي ســـيني انـــدر دلبـــر بنـــا ہيـــو ناسُـــجهي،
كـــين محبـــت تـــي گهـــري، ســـائين بنـــا ہـــي كـــارِاج.

14. عيش عشرت خوب ڪانا، نفس جي آهي مراد،
نفس قابو ڪر اڄ، جو آهه هي هسوار اڄ.

15. تون وجهين لعنت مٿن، رحمت مٿن سائين ڪري،
بحر بخشش جو وڏو آهي بيحد بسيار اڄ.

16. خواب ڇاجا ٿو پڇين، ڳڻتيون ڪرين ڪهڙا خيال،
حيف پاڙي ذات جا ٿي، ٿو لکين اخبار اڄ.

17. ڪانه نيڪي ڪا ڪيم، ڏوهن سندو ناهي شمار،
لطف تنهنجي جي اڳيان، ڪونهي ڳرو هي بار اڄ.

18. من سندو مطلوب منهنجو تون سدا راحم رحيم،
تو بنا ڪونهي وسيلو جو ڪري واهار اڄ.

19. سام پنهنجي ڪيئن ڇڏين، دشمن تي پڻ تنهنجي نظر،
رحم تنهنجو ربّنا، بيحد ڇوان ڪلتار اڄ.

20. توهه تنهنجي ٿو تڳان ڪونهي اجهو ڪو آسرو
سڀ پسي احوال مهنجو يار پڻ اغيار اڄ.

21. عرض آزي التجا سان، پيش تنهنجي پيو غلام،
سرّ جي صدقي ڪين لوڏج، در وٽان پينار اڄ.
مهرمان وارث ولهين جي، لهه اچي تون سار اڄ.
درد دُوري ڪان پوڪارن، برهه جا بيمار اڄ.

ڪُلّ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

1. يــا الهـــي در متــي ٻــانهو ســندءِ آيــو ذليــل،
سـڀ قبـولي ڏوهــ پنهنجـا پـيش پيـو تنهنجـي جليـل،
ڪيـر سـڻندو تـو بنـا منهنجـي صـدا خاونـد خليـل،
جي نــ بخشين تـون ڪنهنڪي ڪونــ ٻيـو آهـي جليـل،
انــت شــافي انــت ڪــافي انــت مــولا تــون غفــار.

رحـــم واري ذات تنهنجـــي رحـــم ڪـــر پروردگـــار
رحـــم تنهنجـــو ٿـــا نهـــاريون رحـــم تنهنجـــو بيشـــمار.

2. ڏوهــ ڏوهـــيءَ جـــا ڪـــروڙين مثـــل واريءَ جـــي اپـــار
ڇـــا صـــغيرا ڇـــا ڪبيـــرا ناهـــ تـــن جـــو ڪـــو شـــمار
ســـت زمينـــون ســـت ســـما ٿيـــا ڏوهـــ لڪجـــي جـــي تيـــار
بحـــر بخشـــش جـــي اڳيـــان تِـــرَ جيتـــرو نـــاهي شـــمار
عفـــو ڪـــر عصـــيان ســـارا ءِ ســـتر ڏي تـــون ســـتار.

3. آهـــي جيـــڏو نـــام تنهنجـــو آهـــي تيـــڏو آســـرو
ٻاجهــ اهڙيــائي مڱــان مــان ڪيـئن ڇـوان ڏي هيتــرو
ڇـــا گهـــري ٻـــانهو ســـندءِ نـــاقص ايـــاڻو ڪيتـــرو
آهـــي وَس تنهنجـــي سَـــيا جنهنڪـــي نـــوازين جيتـــرو
ڪيم ڪر محتاج ڪنهن جو سڀ درون پنهنجي ڏيار.

رحم واري ذات تنهنجي رحم ڪر پروردگار،
رحم تنهنجو تا نهاريون رحم تنهنجو بيشمار.

4. حال روشن تو سيوئي ڇا ڪري ظاهر زبان،
تي ٻيا صغري قيامت رحم جو ڪونهي نشان،
سڀ پريشان حال پنهنجي ڪونہ اوڏو ڪنهن ڇوان،
وٽ پڇان ۾ آھہ ھر ڪو طمع طوفان ٿيو عيان،
ڏي پناهي ڪر عنايت فضل پنهجي سان اُڪارِ

5. يمحُوالله مايَشَاءُ جيڪي گهرين سو ٿو ڪرين،
نار ڪي باغ جنان اقبح ميٺي احسن ڪرين،
جو گهري تنهنکي ملي ڪيڏي نوازش ٿو ڪرين،
نحس طالع ڪونہ آهي جي نظر رحمت ڪرين،
خستہ حالي در مٿي ڪر فضل پنهنجو آشڪار.

6. حال سارو پيش تنهنجي پرورِ هردو سرا،
ٻي ثمر مسڪين عاجز ڪونہ جنهنجو تو سوا،
۽ تلهو سڪٽو اچي درگه مٿي جو بينوا،
پاند پالهو پرِ سندم ڏاتار تون سڀ جو سدا،
پُرِ ڪيو پينار پنهنجو خوش گذاري ٿي بهار.

7. سڪ ڪپي اخلاص تو وٽ ڪونہ هلندو ڪو مڪرُ،
دل پري اغراض سان اهڙيءَ عبادت جو ثمر،
ڪونہ ڪم ايندو اهو ظاهر زماني جو هُنرُ،

مـــن رهـــي مســـتان تـــو شـيطان شـــومي ۽ جـــو آثـــرُ ،
ڏي سچائي صدق پنهنجو قلب منهنجو تون اُجارِ.

رحـــم واري ذات تنهنجـــي رحـــم ڪـــر پروردگـــار
رحـــم تنهنجـــو تـــا نهـــاريون رحـــم تنهنجـــو بيشـــمار.

8.صـــاف دل جـي آهـــ ڪنهنجـي ٿيـو اُتـي ديـنِ متـين،
ڪسب جنهنجو جِنَ منجهاران ٿيو اتي شيطان لعين،
تـــو ٻُلائـــي ويـــر وارث تـــڙ ســـندم عَـــدوُ مُبـــين،
تـــو ڪـــري جـــنهن کـــي پـــري دوزخ وجـــي ســـو بـــاليقين ،
ســـيِ پتـــين ســـائين بچـــائين پـــيش پـــانهو خاڪســـارُ.

9.عشـــق ايمـــان آهـــ تنهنجـــو کـــان زيـــاده مـــال زَر ،
عشـــق ايمـــان ڪـــر عطـــا مســـرور ڪرتـــون ســـر بســـر،
هـــاج ڪـــنهن ۾ ڪـــيم وجهـــ ۽ ڪـــر نـــ مـــونکي دربـــدر،
مُـــور مشـــڪل نـــا پـــوي ۽ قلـــب منهنجـــو ڪـــر قمـــر،
قلـــب کـــي ڪـــر صـــاف روشـــن قلـــب تـــي دار و مـــدار.

10.ڄُـــونِ ۽ بيچـــون ۾ مـــولا ســـندءِ ذات وصـــفات ،
تـــي منـــادي جـــا بجـــاء مظهـــر جـــي وائـــي وات وات ،
جـــنهن مجيـــو فرمـــان تنهنجـــو ڪانـــ تنکـــي هـــات تـــات،
عشـــق جـــي اره آئـــائي عَـــدُوَ لئـــي تـــي ڪـــات ڪـــات ،
رمـــز داور تـــو رکـــائي راهـــ تنهنجـــي پيچـــدار.

رحـــم واري ذات تنهنجـــي رحـــم ڪـــر پروردگـــار،
رحـــم تنهنجـــو تـــا نهـــاريون رحـــم تنهنجـــو بيشـــمار.

11. در لـــواري نـــور اطهـــر لطـــف تنهنجـــو ٿيـــو عيـــان،
جـــو رکـــي حـــق جـــي طلـــب سـوئي اچـــي زيـــرِ نشـــان،
حـــق ڪـــري حاصـــل اهـــوئي ۽ وٺـــي امـــن وامـــان،
وات وحـــدت جـــي پـــروڙي ہـــي نـــہ ٿينـــدي ڪـــا ڪٿـــان،
بخـــت ٿيـــو تـــن جـــو ســـوايو جـــو آيـــو دربـــار يـــار.

12. قـــدرتِ ڪامـــل ســـنڌ ۾ ايجـــاد پنهنجـــو ٿـــي ڪـــري،
مـــام ٿـــي ماڳهـــہ اڳـــي ارشـــاد پنهنجـــو ٿـــي ڪـــري،
ڪيـــر ٿـــو منهنجـــو ٿئـــي اتحـــاد پنهنجـــو ٿـــي ڪـــري،
نفـــس شـــيطان جـــي شـــرارت نـــاڏ پنهنجـــو ٿـــي ڪـــري،
ٿـــي تـــڙي ســـڀ کـــي پـــري بـــاري بچـــائج بـــار بـــار.

13. نســـب جـــي هـــٿ نـــاهـــہ حاجـــت پـــل هجـــي آلِ نبـــي،
ســـڀ مٿـــي فرمـــان تنهنجـــو آهـــہ جـــي شـــيخ وصـــبي،
جـــي امـــر تـــي نـــاهـــہ ڪـــوئي ذات تنهنجـــي ڇـــا ڪبـــي،
سِـــرُ رکـــي تنهنجـــي اڳيـــان مقبـــول ســـو تـــوڙي غبـــي،
ذات تـــي ڪـــاڏات نـــاهـــي صـــدق وارا در ڪنـــار.

14. چو منجهين موڳي مُني چو ٿي ڪرين ارمان دل،
زيـــب ظـــاهر جـــو نـــہ ٿينـــدو درد جـــو درمـــان دل،
ديـــن تـــي قـــائم رهـــي گهـــرُ عشـــق جـــو ســـامان دل،
نـــور جـــي دولـــت وٺـــي شـــادان ٿـــي فرحـــان دل،

حق ٿئي اظهار توتي ٻي نہ ٿيندي ڪا پچار.

15. آسري انعام جي داتا هنيم در تي صدا،
تون سخي ڏاتار سڀ جو آهه هي دايو گدا،
ڪر نوازش شان پنهنجي ڪان جنهن جي انتها،
روز ڳائي حمد تنهنجو مدح تنهنجي ۽ ثنا،
ڪر دعا مقبول منهنجي سڳهہ پريا سائين ستار.

رحم واري ذات تنهنجي رحم ڪر پروردگار
رحم تنهنجو ٿا نهاريون رحم تنهنجو بيشمار

ڪُلّ

بسم للہ الرحمٰن الرحيم

1. باغ وحدت جو ڪليو شاهِ جهان آيو وري،
ساقيءِ مئخان اچ وحدت سندي اپتي دري،
شڪ شبها ويا لهي ڪثرت رهي ناهي ذري،
احد احمد هيڪ ٿيا جملہ جهان جي سروري،
عشق جي اسرار جي راهِ نهان آهي ڳري

مظهرِ نورِ خدا توسان نہ ڪنهن جي همسري،
وحدهو جي وصف سان برمسندِ پيغمبري،

2. لاشريڪ ولم يلد تون ڪبريا جلّ شانهو
چُونِ ۽ بيچونِ ۾ واحد ثنا جلّ شانهو
ابتدا ۽ انتها تنهن جي نہ ڪا جلّ شانهو
سڀ بنا تنهنجي سري ربّ العُليٰ جلّ شانهو
هاج سڀ جي تو وٽان ارض وسما جي پروري.

3. تي نرالي ذات تنهنجي پاڪ تون جڳ کان جُدا،
آهه هر شيء ۾ نظارو مالڪِ هر دوسرا،
ڪين مقيد جاء هڪ موجودگي تو جا بجا،
تون قيوم آن ذات تنهنجي ناهہ بيء شيء کي بقا،
بي مثل تنهنجو نشان مظهر جي حڪمت تو ڏري

مظهرِ نورِ خدا توسان نہ کنهن جي همسري،
وحدهو جي وصف سان برمسندِ پيغمبري،

4.پاڻ پنهنجي رمز آهين رحمت اللعالمين،
پوش پردي سان چوين مون وٽ اچي روح الامين
سر سڄاتو يار اڪبر ميم ريءَ احمد امين.
سِرُ سڃاڻيو ذات مظهر تون احڪم الحاڪمين،
تون ڇڏائين تون وٺائين پاڻ مظهر آخري

5.شاه سلطان اولياء ذاتي ظهورو ذات حق ،
مظهرِ ڪامل اهوئي تيو نسورو ذات حق،
هر جڳهہ آهي اهو سارو ظهورو ذات حق،
سجدتن ۾ واحدتن جو قول پورو ذات حق،
تيو لواريءَ ۾ گذر گاهِ جليلِ اڪبري،

6.در لواري نور ذاتي تنهن اڳيان سرناءِ تون،
پئہ ٽپي ميدان ۾ سورهيہ نہ ڪجهہ ڪيٻاءِ تون ،
غير ڇاڻج پاڻ پنهنجو پاڻ کي سمجهاءِ تون،
لا سندو لانگهو لنگهي وحدت اندر وڪ پاءِ تون ،
هڪ چوين هڪڙو پسين ڪثرت سندي لاهي پري،

7.گل شريعت جو ٽڙيو اعلان وحدت جو هليو،
راهہ رستو صاف سهڻو ڦل طريقت جو مليو
پاڻ ساقي يار هو ۾ ملهہ حقيقت جو مليو
معرفت پنهنجي ڏنائين اصل اصليت جو مليو

ڪيم اڄهه پاهر ولهيا دل ۾ سچڻ جي حاضري

مظهرِ نورِ خدا توسان نه ڪنهن جي همسري،
وحدهو جي وصف سان برمسندِ پيغمبري.

8. نور حق جو در لواري، چو نه حجِ اڪبر چوان،
جو اچي درگاه ۾ حاجي اهو بهتر چوان،
دين ۽ ايمان تنهنکي جنهن مجيو مظهر چوان،
جو ڦريو فرمان کان بي دين سو منڪر چوان،
وٺ اچي راهِ هدا ناحق ڇڏي ڪر خاطري.

9. فضل حق جو در لواري ڪو نه اهڙو در سُجهي،
تخت حق جو در لواري پيو پلي منڪر رجهي،
جنهن مجيو اعلان حق سو مير نيڪ اختر سُجهي،
حق سندي اعلان کان ٿيا غير ڇٽ بر ٿر ٻجهي،
جي ڦريا سيئي ڦُريا بغض و ريا ۾ ويا ڳري.

10. ڇا ضرورت پير ڪنهن جي امن جو اعلان ٿيو
وٺي ڇٽي پيري مشائخي جڏ صراط آذان ٿيو
پيٽ پارو پير هرڪو تو جيهو انسان ٿيو
جو ڦري حق کان ويو سو در بدر شيطان ٿيو
پاڻ مولا پير سڀ جو باطني ۽ ظاهري.

11. زيب ظاهر جو ڇڏي باطن طرف ويچار ڪر،
ظاهري واعظِ نصيحت ڇا ڪندي دل تي اثر،

بي خبر باطن ڪنا خالي ٿلهو آهي ٽڪرُ،
مولوي رومي سڳورو ٿو سڏي تنهن پير خرَ،
جو پني ڏَرِ در پيو تنهن جي نہ ڪر تون چاڪري،

مظهرِ نورِ خدا توسان نہ ڪنهن جي همسري،
وحدهو جي وصف سان برمسندِ پيغمبري،

12.پرک حق جي آهہ پڌري دور دل ۾ ڏس ڪري،
حق جتي ظاهر هجي دعوت اهو سڀ کي ڪري،
ڪانہ جنهن کي هاج ڪنهن ۾ ڪين ڪنهن کان سوگهري،
پير پرجهي پاءِ پنهنجو خوض دل جو ڏس ڪري،
پاڻ اڳتي چاڻ تون جوهر ٿو پرکي جوهري.

13.بي سبب حق جي سخا مختيار ڪُلّ جو ڄاڻ تون،
بخت ٿئي تنهنجو سوايو صدق دل جو آڻ تون،
وٺ اچي پاسو سڄڻ جو لاهہ دل جي ڪاڻ تون،
من اندر محبوب تنهنجو ڪيڏ نہ ڪنهنجي ڪاڻ تون،
اور پنهنجي روح سان ۾ وک وڌائج ويتري،

14.تون پلي آئين سچا صاحب سخا جا پرجهلا،
ٿي سخا وت جي ندا آيس هلي تو در اجها،
سام تنهنجي سيّدا دامن لڳن جي رک لڄا،
ڪر عنايت نور جي لا خوف ڪر تون اڪملا،
پيش تنهنجي جي پيا تک تار مان ويا سي تري،

15.ڪُنَ ڪريمي آهه سهڻو رحمتي تنهنجو لوا،
رحم تنهنجي جو ابر سيپ تي وسي صبح و مسا،
باغ دل ۾ گل ٿيا ءِ شور دل م ولولا،
شور دل پنهنجي ڏسي بي راهه ٿيا سي مبتلا،
آهه مگر تنهنجي نوازش سيپ مٿي هڪ جيتري،

16.بي شڪايت شڪر تنهنجو بي سبب فضل و عطا،
رحمتي تنهنجي نظر عاصي نوازين نرملا،
غم غلامن جا وڃن شاهِ زمان مشڪل ڪشا،
شان پنهنجي دان ڏي مون ڏي نه ڏس سرور سچا،
ٻاجهه ڪر دائي مٿي نرمل سرين تون جيتري،

مظهرِ نورِ خدا توسان نه ڪنهن جي همسري،
وحدهو جي وصف سان برمسندِ پيغمبري،

ڪُلّ

بسم لله الرحمٰن الرحيم

1.شهنشاهه مشڪل ڪشا اڄ دانهن دل اوناءِ تون ،
ڪوڪ ڪاهل جي سڻي ورنهن وري ورناءِ تون،
قلب ڪنجي ويو سڄو سا ڪٿ اچي لهراءِ تون ،
تو سندو توکي سڏي ڪنهنکي چوي فرماءِ تون ،
ڳل لڳي دلدار تنهنکي ڇيچ پنهنجي لاءِ تون .

مظهرِ نورِ خدا شاهِ لواري آءِ تون ،
داد ڪر دلگير جو وارث ولهين جا آءِ تون.

2.شاهه سلطان اولياء داور ڏٺي تنهنجي خطاب ،
ٿيو طريقت ۾ عيان رازِ نهان تون بي حجاب،
بي سبب تنهنجي سخاوت ۽ عنايت بي حساب،
رحمتي تنهنجو لواء نوري نظارو بي نقاب ،
تون اپائين تون کپائين پاڻ پنهنجي راءِ تون.

3.ڪونہ خالي ڪو سوالي تُنہ موالي ڪو هجي ،
يا هجي ابتر اپا ڳويا قوالي ڪو هجي،
يا هجي ديو و پري يا ملڪ والي ڪو هجي،
ياهجي پير و مشائخ خوش خيالي ڪو هجي،
ڪارسازي تو وٽان جملي جهان جي جاءِ تون .

مظهــــرِ نــــورِ خـــــدا شـــاهِ لـــــواري آءِ تــــــون،
داد ڪـــر دلگيـــر جـــو وارث ولهـــين جـــا آءِ تــــون.

4.دل ڪــڙي حــرص وهـــوا تـــي بنـــد ڏوهـــن ۾ اسـير،
ســـڏ ســخاوت جـــو سـٽي آيـس اجهـي اڪمــل امـيـر،
تــون چــڏائين تــون بچــائين هـــرد وعـــالم تـــون بشـير،
تــون اســان لئــه آنهــن مالـڪ ملـڪ جـو منهنـدار ميـر،
عيــب ڪـــان آجـــو ڪـــري داريـــن ۾ مرڪـــاء تــــون.

5.تــي ٻُـــڏي اپـــڙي پئـــي بيـــڙي دنيـــا جـــي ٻــــار ۾،
نفـــس جـــو ڇُوهــــو ڇتـــو ســاٽي ٿيـــو هـــروار ۾،
لهـــر لـــوڏن ڪـــان بچـــائين تـــڪ تڪـــي ڪـــا تـــار ۾،
مهـــر مـــان ڪـــر ســـا ڪنـــاري اڪ ســچڙ تـــو يـــار ۾،
ســــاٿ پنهنجـــو باســــلامت ســـيّدا پهچـــاء تــــون،

6.تيـــو زمـــانو ســـخت ڏاڍو بيـــو ســـجهي اڳتـــي ســـفر،
آب عـــزت ســـان رکـــو بيٺـــو اچـــي پويـــون پهـــر،
ءِ هجـــي اولاد صـــالح بخـــت بـــالا خـــوش گـــذر،
روز شـــب ديـــدار تنهنجـــو بيـــو کپـــي ســـڪ جـــو ثمـــر،
راضـــپي جـــي راهـــه ڏس مـــون کـــي پـــرين ســـمجهاءِ تـــون.

7.تـــويگر ڪـــونهي بلـــو منهنجـــو اجهـــو تـــون آســـرو
ڪانـــڌ تنهنجـــي پانـــد ريءَ وارث ولهـــيءَ نـــا اوجهـــرو
پانـد پنهنجـي سـان ڍڪـين تنهنجـي حمايـت سـوجهرو

هجر جو هاڃو وڃي دل جو لهي ڏک ڏوجهرو
اڄ اڱڻ منهنجي سڀاجها خوش ڪلي ڳالهاءِ تون.

مظهرِ نورِ خدا شاهِ لواري آءِ تون ،
داد ڪر دلگير جو وارث ولهين جا آءِ تون.

8.تون سڀاجهو شاهه منهنجو عيب مون ۾ لک هزار
تو نوازيا ڪيترا عاصي اهوجها بيشمار
پيش تنهنجي هي ڪيمٽي ڪڻ ڳهيلي قربدار
قرب تنهنجا اصل ڪان گدلا اجارين بار بار
گڏ گذارج محب مون سان پير پنهنجو پاءِ تون.

9.بخت توڙي تخت وارا ڪنهن ڪيا سي تو ڪيا،
سڀ سڳورا فيض وارا ڪنهن ڪيا سي تو ڪيا،
سڀ رضا تنهنجي رسايا ڪين پاڻهئي سي رسيا،
جي رسائين تان رسان ڪانهي ڪمي تو وٽ عطا،
تي نظر تنهنجي نوازي ڪر ڪرم پهراءِ تون.

10.ڍڪ ڍلايون ڍول منهنجون ڪر ڀلائي پال تون،
پر وٺي گولي چوي هيٺن اجهو هر حال تون ،
حال روشن تو همه لالن اچي لڄ پال تون ،
ننگ توتي آ ضعيفن حال محرم حال تون ،
ڪر سٺائي سرورا پنهنجو ڪري آٿاءِ تون.

مظهـــرِ نـــورِ خـــدا شـــاهِ لـــواري آءُ تـــون ،
داد ڪـــر دلگيـــر جـــو وارث ولهـــين جـــا آءُ تـــون.

11.سـب سـليان مـذكور پنهنجـو دل گهريـا دلـدار اچ،
ڪانـ نيڪي ڪـا ڪـيم مـون وٽ بـدين جـا بـار ڳـچ،
بـاد عفلـت جـي وجـائي تـن انـدر جـي تـار سـچ،
ڪـر نـوازش نـور جـي محبـت جـو مـن ۾ پـار مـچ،
پاجهــ ڪــر پـانهي متـي ۽ تـار دل چمڪـاءِ تـون.

12.مون سجهين تون هيڪڙو تنهنجي بگر ڪانهي ڳلي،
زور زاري تـون اڳيـان حجـت نـ ڪـنهن جـي هـت هلـي ،
ريجهـ تنهنجـي شـاه جـنهن سـان رمـز تنهنجـي سـا رلـي ،
ڏگ دعـويٰ جـنهن چـڏيو سـا سـام پنهنجـي تـو جهلـي،
هـيءُ نمـاڻي تـو اجهـي ڍوليـا ڍڪـڻ تـي آءُ تـون.

13.درگهــِ اعلـيٰ سـنڌءِ تـي هـر زمـان روشـن رهـي،
فـيض سـان مخمـور هـر دم تـا حشـر گلشـن رهـي،
هـر يڪـي مسـند نشـين تنهنجـو تـو نعـره زن رهـي ،
در فنـا بـاقي بقـا سـان روءِ جانـان تـن رهـي،
نـور اعلـيٰ نـور تنهنجـو جـا بجـا القـاءِ تـون.

14.تـو نـوازيـا ڪيتـرا لا خـوف ۾ آهـن ويـا،
ڪـين تـا محتـاج ڪـنهن جـا سـور سـوجهن در پيـا،
هـت بنـا دلـدار تنهنجـي تـا ڏيچـارن مـون پيـا،
هـت پئـي رک پاجهــ لا خـوف ڪـر تـون پـر جملا،

سـر خرو هِــت هُـت رهــان قلـبِ قضـا ڦيــراءِ تــون.

15.هـت بـڌي آنهـون ڪـري درتـي سجـدِ تنهنجـو غـلام،
ڪونـــ دارو ڪـــو ســندر تنهنـــي بنـــا خيـــرالا نـــام،
روز شـــب دل جـــان ســـان تنهنجـــو هجـــي وردِ ڪـــلام،
دان دايـــو تـــو مڱـــي پـــرور ڏيـــو تـــنهن ڪـــي انعـــام،
شـــان پنهنجـــي ســـيّدا اڄ پلئـــ منهنجـــي نـــاءِ تـــون،

مظهـــرِ نـــورِ خـــدا شـــاهِ لـــواري آءَ تـــون،
داد ڪـــر دلگيـــر جـــو وارث ولهـــين جـــا آءَ تـــون.

كُلّ

بسم لله الرحمٰن الرحيم

1. حمد صا

حـــب كـــي جگـــائي ۽ ثنـــا هـــر وار وار،
موكليـــو جـــنهن مصـــطفيٰ جـــو شـــافع روز شـــمار،
وارث دينـــي نبـــي شـــاه لـــواري شـــاندار،
محمـــدي مســـند اُتـــي خـــتم الولايـــت تاجـــدار،
فـــيض پـــرور تـــا قيامـــت عهـــد داور برقـــرار،

اغثنـــي يـــا شـــاه ســـلطان اوليـــا هـــا كامگـــار،
داد كـــر دلگيـــر جـــو اي نـــور نـــافع نامـــدار.

2. علـــم نقطـــ آهـــ هـــك ارشـــاد تنهنجـــو تـــو كـــرين،
قلـــب ۾ ذكـــرِ خـــدا امـــداد تنهنجـــو تـــو كـــرين،
مـــرده دل كـــي زنـــده دل ســـان داد تنهنجـــو تـــو كـــرين.
صـــيقلِ لا ۾ پـــڙ بنيـــاد تنهنجـــو تـــو كـــرين،
تـــاج نـــاجي تـــو ڏكـــايو صـــاحب عـــالي وقـــار.

3. محمـــدي مســـند ســـنڌ مســـند اهـــا تـــي ســـرمدي،
تـــي زمـــاني كـــي امـــان مظهـــر حقيقـــت احمـــدي،
آهـــي شـــريعت ۽ طريقـــت جـــي هتـــي جـــامع نـــدي،
مجمـــع البحـــرين ڏس رمـــزِ قـــرآن ۽ شـــاهدي،
حـــق ســـندو اعـــلان تنهنجـــو پـــاك ســـونور غفـــار.

اغثني يا شاه سلطان اوليا ها كامگار،
داد كر دلگير جو اي نور نافع نامدار.

4. كاڻ دعوت دين جي كُلُ جو لوا هر جا نسب،
پل هجي كو ذات كهڙي يا هجي عجمي عرب،
جي گهري امن وامان توڙي كري حق جي طلب،
تنهن ملي امن وامان فضل داور بي سبب،
رنج ڏاران گنج حاصل نعمتِ پروردگار.

5. ذات پنهنجي شاه جي آهي كئي توجي قبول،
خدا پڻ آئيو ۽ آئيو محمد رسول،
هي اشارو مثنوي ۾ كين حق آهي حلول،
رفت فاني ماند باقي آهي مظهر جو اصول،
قلب ۾ ماپي خدا ارض وسما ماپي نه يار.

6. غوث ملتانيءَ ڏنو نور خدا جو هت نزول،
پا پيادو ٿيو روان غوث زمان صاحب عقول،
مرد كامل كو اچي هادي هدايت حق حصول،
هت ولايت جي تماميت ۾ هتي وحدت اُمول،
نور اصلي اڱ هئو ٿيو در لواري پائدار.

7. زور ظاهر تي نه آهي قلب تي ان جو اثر،
قلب ٿئي صافي صفا ۾ غير جو زائل كثر،
زنگ كثر جو وڃي ۾ رنگ وحدت جو گذر،

نقش صورت دل مٿي ٽيو اسم ذاتيءَ جو اکر،
نقش ٽيو ٽنهنجو فقط ٻيا غير ٽيا نقش ونگار.

اغثني يا شاه سلطان اوليا ها ڪامگار،
داد ڪر دلگير جو اي نور نافع نامدار.

8.هت حقيقت تي نظر ۾ ڪين ظاهر جو سبق،
ذات جي ناهي پچا ڪاري اچي ناهي فرق،
جو اچي سوئي اگهي روشن ڪري دل جو طبق،
هڪ ڏسي هڪڙو چوي ٻوڙي ٻيائيءَ جو ورق،
ذڪر ذاتيء سان گذاري ٻي نہ ٽيندي ڪا پچار.

9.تي نمازي جي پڙهين معراج مومن جي نماز
نفس تي تڪير وجهہ ۾تي حضوري پڙهہ نماز
نفس در حرص وهوا ڪهڙي اها تنهنجي نماز
خود نمازي تون نہ آهين ٿئي چوين چوبي نماز
سچ نمازي جي ٿئين تان قلب پنهنجي کي اُجار.

10.جي پرين درڪار توکي پاڻ پنهنجو تون سڌار،
سرڪ ساقي کان وٺي پوءِ قلب پنهنجي کي نهار،
اچ اڪيان شاہِ لُواري وات وائي ٻي نہ وار،
بحرِ بخشش جو هتي ناجي ڪري ٿو نامدار،
حق ٿئي حاصل اتاهين فڪر فاني سڀ گذار.

11.جـي وتـين ظـاهر رڳـو آهـي حقيقـت جي خـلاف ,
ڇـا ڇـوين ڪعبــو فقــط ديــوار آهــي در غــلاف,
تـو ڦـرين ڇـؤ ڦيـر ٿنهنجـي ۽ ڪـرين ڇـا ڪـي طـواف ,
ظـاهري ڇـا تـو ڏسـين ڪهـڙي هيـٺن لاف و گـذاف,
در حقيقــت نــور داور اُتِ وســي تــو بيشــمار.

اغثنــي يــا شــاه ســلطان اوليــا هــا ڪامگــار,
داد ڪــر دلگيــر جــو اي نــور نــافع نامــدار.

12.ڪـر حقيقـت تـي نظر ظـاهر ڪنـا منهن مـوڙ ڪـر,
ڇـا رســول الله جــو روضــه آ مثــي خــالي قبــر,
ڪـي صـنم اڪبـر سڌن تـنهن نحـس طـالعُ بـي خبـر,
پـر تـي ڏنـو صـديق اڪبـر نُـورُ حـق جـو سـر بسـر,
ســچ هيــو نــورِ خــدا ســو شــافعِ روز شــمار.
اغثنــي يــا شــاه ســلطان اوليــا هــا ڪامگــار,
داد ڪــر دلگيــر جــو اي نــور نــافع نامــدار.

13.تـي لـوري مثـل يثـرب نـور سـاڳيو بـي گمـان,
هــت اهــا ســاڳي حقيقــت احمــدي مســند عيــان,
هــت ســعادت تــي ملـي برڪـت پـلاري بـي بيـان ,
هــت ظهــورو نــور جــو ۽ لا مڪــاني درمڪــان,
نــور حــق جــو قيــد نــاهي نــور هــر جــاء ڪردگــار.

14.ڪـم هلـي تـو قلـب تـي نـورِ خـدا در قلـب ڏس,
ڪــر فنــا فڪــرات ڪـي هـڻ لا سـندي صـيقل سَـرشُ,

پاڻ حامي آهه تنهنجو پاڻهي فرياد رس ،
ذڪر ذاتي فيض وهبي ٿيو لواريءَ ۾ درس،
قلب ۾ نورِ خدا لا ريب ناجي سو پوڪار.

اغثني يا شاه سلطان اوليا ها ڪامگار
داد ڪر دلگير جو اي نور نافع نامدار.

15.جنهن قبوليو شاه توکي، تنهن مليو امن و امان،
ناغير جي پرواهه تنهن کي ،آهين جن جو پاسبان ،
ميخ محبت جنهن لڳي ، محتياج تنهنکي ڪيئن چوان،
ذڪر ۾ دائم هجي ، مشڪل اچي تنهن سو ڪتان ،
هور غفلت جي هنيو نہ تہ ڇا ڪري ٿو روزگار.

16 سب مدائي آهه منهنجي ،ٿي سدا تنهنجي سخا،
جي خطائن ڏي نهارين ،ڪير سهندو ڪو جفا،
باجهه تنهنجي ٿي بچائي ،آهه خاطي در خطا،
فضل ڪر فتاح مونتي ،ڦير تون قلمِ قضا،
تو بنا ڪنهن کي چوان ،بيو ناهه ڪو آمرزگار.

17.ڪا ادا مون کان نہ ٿي ، معراج مومن جي نماز
وسوسا تڪبير سان ،آيا ڊ ڪي اهڙي نماز؟
جي فڪر هن تي ڪيان ، دوزخ نئين اهڙي نماز
حال سارو پيش آندو باادب ۽ سان نياز

18.عمر ساري وئي هجي، توبهہ پڳي مون باز بان
تي اچي پيري مٿان، دل مان نہ ويو حرص وآز
نفس شومي جي شرارت ،حرص سان جنهن ساز باز
ناهہ تڪيو ڪو ڪٿم ،تنهنجي بنا بيڪس نواز
تي نظر تنهنجي ڪري، آجا سيئي اميدوار.

19.ڪر غلاما نياز نوڙت، در مٿي درگاهہ جي،
مظهرِ نورِ خدا، سرتاج عالم شاهہ جي،
رهبرِ راهِ هُدي ،محبوب منور ماهہ جي،
قلب ڪر معمور منهنجو ذڪر سان الله جي،
قلب ڪر ورشن سندم، ٿيو قلب تي دارو مدارُ.

20.چنگ چوريم چاهہ مان ،داتا سٽي منهنجي صدا،
چا گهري ۽ چا چوي، ناقص نماڻو بينوا،
پُرِ ڪيو پينار پنهنجو ڪر عطا بي انتها،
جڳہ ڏسي ريسون ڪري، باقي رهي نا آس ڪا،
شان پنهنجي ڏي ڏسي، دايو نوازيو غمگسار.

اغثني يا شاه سلطان اوليا ها ڪامگار
داد ڪر دلگير جو اي نور نافع نامدار.

ڪُلُ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

1. سوڙهه سخي مهل مشڪل، ياد ڪر پنهنجو مجيب،
جي ڪٽو ڪيوان ۾ قيري، ڪري بهتر نصيب،
ٻمحُوالله مايشاءُ، فرمان داور جو مجيب،
جو پوڪاري ڪونه موٽيو در ولان تي ٻي نصيبه

سيگهه ۾ رس سروارا، نرمل طبيبن جا طبيب
مظهرِ نورِ خدا، فرياد تي پهچو حبيبه

2. جو سڏي تنهن کي رسين، تُنهنجو اهو ئي شان آ،
دين دنيا جي سواءِ، تُنهنجي نه ٻيو درمان آ،
جي شفا ڪنهن کي ٿئي، تنهنجو اهو فرمان آ،
سڀ پتين تنهنجي سخا، طالب اهو عرفان آ.

3. درد دک سڀ دور ٿئي، دارون دوا توکان ملي،
آهي وس تنهنجي سچو هر جاءِ امر تنهنجو هلي،
جڳ سچو توکي مڃي، اوصاف تنهنجا ٿيا بلي،
تون انادي پاڪ پرور، چلت توسان سڀ چلي،

4. غير غفلت وئي وئي، امراض هر ڪنهن کان بچاءِ،
مرض موذي ويو وئي، تنهن مرض کان اڪمل ڇڏاءِ،
ڪانه ويرمر تو لڳي، تو کانسواءِ ڪونهي بچاءِ،

ليـر هـي ڪلـڪِ قضـا، ٿلـمِ شـفا ڪـي تـون وهـاءِ

سـيگهہ ڀرس سـروارا، نرمـل طبيـبن جـا طبيـب
مظهـرِ نـورِ خـدا، فريـاد تـي پهچـو حبيـب

5.سـڀ خطـائون مون ڪنا، تيون ڪون پاڙيم ڪواڪر،
سـڀ نيڪـيءَ جـا نـاه نـاهيم، ڪانـ تـن ڀرڪيا ڪَش،
سـڀ وچـايم حـال پنهنجـو ڪـر نـ مـونتي تـون ڏمـر،
آهـ رحمـت تـو وٽـان، زحمـت سـندو ڪـونهي سـڦر.

6.مـان عيـب سـان پريـل، پـر تـون چڱـو آهـين اصـل،
ڪـر پـلا پنهنجـي پلائـي، ڀاڄهـ پنهنجـيءَ ڏي اُٿـل،
حـال سـاروزار آنـدم ۽ وڏا خطـرا خلـل،
حـال هيڻـو هـيءَ ڏسـي، مالـڪ مٿـم ڪرڪـا ڪهـل.

7.سَـڏَ سُـڻي پنهنجـو پـرين، لائـج نـ دمر هـڪ دير ڪـا،
ڪانـ مـونکي ٻـي سُـجهي ٿـي ،جـا چـڏائي پهـر ڪـا،
سـير سـختيءَ جـي اچـي ٿـي، چـڏ اڪـاري سـير سـا،
ڪـر ڪنـاري شـاهہ منهنجـا، تـڪ تڪيـري نيـر جـا.

8.ڪيـر ٻيـو تنهنجـي بنـا، جـو عيبـدارن کـي ڪٽـي،
عيب عاصـين جـا نـ هرگـز ڀاڄهـ تنهنجـي تـي ڪٽـي،
ڪـين ٿـو گـدالا وسـارين، فضـل تنهنجـو ٿيـو مٽـين،
ٿـو ڪٽـي تـنهن کـي سـدا، تـوڙي اهـو ڪـنهن نـاوٽي.

سيگهہ ۾ رس سروارا، نرمل طبيبن جا طبيب
مظهرِ نورِ خدا، فرياد تي پهچو حبيب

9. جي ڪرين ڪيڏي سخا، تنهنجيءَ سخا کي حَدَ ناهہ
ڳاڻ ڳاڻا تي ڪان پاڻ ڪو سوالي رَدِ ناهہ
پيش تنهنجي جو پيو ڪهڙو هجي سو بدناهہ
ذات تي ڪا ڏات ناهي، جي چڱي ڪنهن جَدَ ناهہ

10. سڀ ميان تو وٽ چوڻ، جي ناهہ حاجت ۾ ضرور،
عيب پوشي ڪر سندم ۽ معاف ڪر هر ڪو قصور،
درد دانهون رات آنهون، پهچ مونتي در آسُور،
چاڻ خاطيءَ کي اهو، ميان دَرِ خطا ۾ تون غفور.

11. شاهہ سلطان اوليا، مظهر سنڌ داور ٿيو،
ٿي لواري نور اطهر ٿو پوڪاريان تو پيو
حق حقيقت هيڪڙو ۾ ورق پيا ٿيءَ جو ويو
ڪيئن ٿئي مشڪل ڪشائي، جو لواريءَ نا ويو.

12. جي اچي ڪو پيش ٿنهنجي، بخت ٿنهنجو اڄ ڪليو
صاف ٿيو عصيان ڪان ۽ تاج نا جيءَ جو مليو
تو ٿئي مقبول سوئي، دين ايمان تنهن مليو
ذڪر ۾ دائم گذاري، نفس پنهنجو تنهن جهليو.

13. ڇا ڪري تعريف تنهنجي، هيءَ زبان منهنجي مجال،
جي لکي مخلوق ساري، آهہ ٿيڻي سا محال،

هيچ ٿي تعريف سائي، ڇا رسي ٻانهن خيال،
آهه جهڙو تهڙو ڪر، مقبول سائل جو سوال.

14.ڇو اچي تڪليف ڪنهن کي، جي هجي حق سان مدام،
پر ٿيو غافل اهو آيو زَجر جو تنهن سلام،
يادگيري ٿو ڏياري، ياد ڪر مونکي غلام،
ڪجهه نه ورندءِ ڪنهن منجهاران ،فضل منهنجو ڳُهرُ تمام.

15.فضل ڪر دائي مٿي، درگاهه تي آيو غلام،
تو ڏني صحت و شفا، ۽ فضل ٿنهنجي جو انعام،
ڪوبه مشڪل ڪيم وجهه راهِ هُدي تي رک تمام،
ڪيمُ ڇڏ مونکي پراهون ،ڇيچ لائج مون دوام.

سيکهه ورس سروارا، نرمل طبيبن جا طبيب،
مظهرِ نورِ خدا،فرياد تي پهچو حبيب

ڪُلّ

بسم لله الرحمٰن الرحيم

1. حمد هر دم حق سندو بيحد چوان شوقئن ڪثير،
جنهن مڪو سرور سچو مرسل مٺو ماهِ منير،
واهه وارث تنهن سندو شاهِ لواري پاڪ پير،
تي لوائي ڪلّ مٿي، رحمت وسي قادر قدير.

السّلامِ شاه سلطان، اوليائن دستگير،
مظهرِ نورِ خدا، شاهِ لواري پاڪ پير

2. شاهه شاهان شاهه منهنجو سر زمين سلطان آهه،
رهبرِ راهِ حقيقت، ۽ سرِّ يزدان آهه،
تو نوازي يڪ نظر، صاحب سندوهيءَ شان آهه،
بيڪسن جو پير جهلو ۽ درد جو درمان آهه

3. رحمت العالمين، شاهِ عُليٰ اَحسن لقب،
پاڪ دامن پارسا، شاهِ زمان عالي نسب،
عاصين جو تيو اجهو بخشش سندو آهي سبب،
زير ڪلّ جي جو اچي، تنهنجي ٿئي تو فضل ربّ.

4. ڪير آدم ۾ هئو جنهن کي ڪيو ملڪن سُجود،
تيو شڪي شيطان سو جنهن تي ڏٺو ظاهر وجودُ،
آهه هيءَ سو نور حق جو ۽ تيو ظاهر عُبودُ،
پرت مان سالڪ اچن، ڪن باليقين صادق سجود.

السّلامِ شاه سلطان، اولياھا دستگير،
ممظھرِ نورِ خدا، شاهِ لواري پاڪ پير

5.تو ڏسي ٽيڏو سدا ئي، ٽي مگر ھو آھه ھڪ،
ڪين وحدت کي سڃاڻي، جو ته ڪثرت ۾ غرق،
حق حقيقت ھيڪڙو ناھي تنھين ۾ شبھه شڪ،
ھِت نظارو نور جو ھُت آ تجلو ذات حق.

6.چو منجھين موڳا ملا، چو ٿو وٺين تڪرار کي،
دل اندر جھاتي وجھي، پس عشق جي اسرار کي،
تان ڏسين صورت سچي، رازِ نھان انوار کي،
نور ظاھر باطن شھه زمان سردار کي.

7.نور اعليٰ نور آھي، مظھرِ نورِ خدا،
ظاھري ھت معنوي، ٿيو ٿڪ يه ڳاھي برسما،
راز ھن کي ربّ ڄاڻي، ۽ ٻين کھڙو سما،
ملڪ ٿا ملڪوت ۾ ٿنھنجي ڪرن سارھه ثنا.

8.فيض ڪان فائق سندي، حيران آ عرب و عجم،
مھر آنجي ٿا مگن، ۽ طلب تنکي دمّ بدم،
ذوق آن جي جو ذرو دارون دوا ٿئي ھر الم،
عاصين کي آسرو آھي، ڏسي آن جو ڪرم.

9.در مٿي درگاھه جي، سھسين سوالي صبح شام،
قطب ۽ ابدال توڙي، ڪُلُ وليءَ جي خاص عام،

پيــر ســيئي پيــر تنهنجــا، ٿــا چمــن بحــرِ ســلام،
ٿـا نمـي هـر هـر چـون پيـا، پـاڪ تنهنجـو هـيءَ ڪـلام.

السّــــلامِ شــــاه ســــلطان، اولياهـــــا دســـــتگير،
مظهـــرِ نـــورِ خـــدا، شـــاهِ لـــواري پـــاڪ پيـــر

10.جـا بجـاءِ ٿيـو لطـف آن جـو ۽ متي هـر ڪنهن يمـن،
آن بنـا ڪـونهي وسـيلو ناهــ ڪنهن امــن و امــن ،
جــي پڳــا هــن در ڪنــا، ٿيــو باهـــ ســارو تــن زمــن،
ڪانـ جـن کـي ڪـا هـدايت، ٿيـا رليـا مثـلِ مـرن.

11.مـن گهرئـي محبـوب کـي، شـاهِ عُليٓ اڪبـر چـوان ،
يــا نمــاڻن جــو وســيلو دُرسُ ســو دلبــر چــوان ،
يــا صــاحبِ لــولاڪ جــو مرســل منــو منــور چــوان ،
يــا نســورو نــور حــق جــو پــاڪ ســو پــرور چــوان .

12.ڪونـ اهـڙو ڪـو پيـو ۽ ڪونـ اهـڙو ڪـو شـفيق،
رهبـــــرِ راهِ هــــــديٰ ۽ رازدان رهبـــــر رفيـــــق ،
پــاڪ ســيرتَ پــاڪ صــورت، پارســا احســن خليــق ،
شــاهہ اعلــيٓ مهــر معليٓ، آهـــ ســو روشــن طريــق .

13.صـد مبـارڪ آهــ تـن کـي، جـي پنـاري پيـر جـي ،
صـد مبـارڪ آهــ تـن کـي ،پـيش پيـا هـن مير جـي،
بخـــت بـــالا تـــن ســـندا، جـــي زيـــر ســـايہ شـــير جـــي ،

سڀ ڇڏا عيبن ڪنان، دامن لڳاهن پير جي.

السّلامِ شاه سلطان، اوليا ها دستگير،
مظهرِ نورِ خدا، شاهِ لواري پاڪ پير

14. ڪاڻ دعوت دين جي، ڪُلْ جو لوا مشهور ٿيو
شاه سلطان اوليا، محمدالزمان مشهور ٿيو
پرتوي تنهن پير جي سان، ملڪ سڀ معمور ٿيو
هادئي مهدي زمان، نزد خدا منظور ٿيو.

15. شاه سلطان اوليا، محمد الزمان انور آهه،
نور نرمل نور سرور، سڀ مٿي سردار آهه،
هت تجلو نور جو ۽ طور جو چمڪار آهه،
سر بسر ذاتِ خدا، شاهِ زمان سالار آهه

السّلامِ شاه سلطان، اوليا ها دستگير،
مظهرِ نورِ خدا، شاهِ لواري پاڪ پير

16. قال منهنجي ڪي وڃائي، حال ڪر في الحال ۾،
ڪيم ڇڏ تون ڪارڻي، مرشد مٺا اشڪال ۾،
قلب مان ڪس ڪي ڪڍي، ڪر پار تون في الحال ۾،
پير پارس مون پرين، همرا هه تي هر حال ۾.

17. اي پلارا پير جهلا، افضل سندم اولاد ڪر،
عيب عاصيءَ جا نه ڏس، بدڪاريون برباد ڪر،

صاف ڪر سينو سندم ۽ عشق جو امداد ڪر،
يا شَفِيعُ المذنبين ،هن اهنج مان آزاد ڪر.

18. درد منهنجي جي دوا، ديدار دلبر جو عجيب،
ڪونه اهڙو ڪو سخي، ۽ ڪونه اهڙو ڪو طبيب،
سان اشاري سيّدا تون ، پست ڪر منهنجو رقيب ،
مهر مان مشتاق ڪي ، ٻانهپ ڪيو پنهنجي نصيب.

19. پرورا پرتو اتَو، هر حال ۾ عاصي غلام،
عشق جو امداد ٿئي ،۽ فضل جو ٿيرو مدام،
محوَ محبت ۾ ٿيان، ۽ عشق پنهنجو ڏي انعام،
تون وسيلو مون سندو عالم سندو سيّد امام.

20. هيء جماعت تو جُڙي، سرور سچا آمين چئو
سام تنهنجي جي پيا مشد متا آمين چئو
تن ۾ ذڪر تنهنجو هجي نيڪ ونوا آمين چئو،
ساڻ ڪلمي خاتمو خيرالورا آمين چئو.

السَّلامِ شاه سلطان، اوليا دستگير،
مظهرِ نورِ خدا، شاهِ لواري پاڪ پير.

ڪُلّ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

يـا الاهــي فضــل ســان، پــوري ڪــرين منهنجــي رجــا،
نــور پنهنجــو دل انــدر منهنجــي ڪــرين جلــوه نمــا،
ڪــول مڪــڙي دل ســندي، تــوڪي پســان جيــئن جابجــا،
ورد قلبــي مــون هجــي، تنهنجــي صــفت ســاره ثنــا،
عــاجزيءَ ســان هيــئن چــوان ،هــر هــر ادب آڻــي بجــا.

مظهــرِ نــورِ خــدا، جلــوه نمــا ذاتِ ضــيا،
جــا بجــا شــاهي لُــواري، شــاهہ ســلطان اوليــا.

2. بــي مثــالي ذات تنهنجي،تــي بشــر ۾ جلــوه گــر،
ســڀ ٿيــا ســاجد ملائــڪ، شــان اعلــيٰ منجهــہ بشــر،
نــور بــاطن ۾ پســي، ســجدو ڪــري ٿيــا معتبــر،
ظــاهري صــورت ڏســي، ابلــيس انڪــاري اپــر،
ڪـين آنـدو تـنهن امـر، مالـڪ منـا تنهنجـو بجـا.

3.حسـد جـي هـاجي هٽـي، بلڪـل ڪيـو تنهنڪـي تباهـہ،
ويـو پيـائي ۾ پـڏي، هرجـاءِ نــہ تـي ان جـي نگاهـہ،
عـرش تـي مالـڪ چـوي، آدم انـدر سـو ڪـين آهـہ،
حـق ڪـان عـاري ٿيـو لعنـت ڪئـي ان تـي الله،
تـي سُـڃاڻُو حـق جـو ۽ پـاڻ ڪـري ان تـي فـدا.

مظهرِ نورِ خدا، جلوه نما ذاتِ ضيا،
جا بجا شاهي لُواري، شاهه سلطان اوليا.

4. نور ڄاڻي نور کي، ۽ نور ري نابين ڄاڻ،
قلب جي اک کانسواءِ، سو ناقص وخود بين ڄاڻ،
اک کلي جيسين نٿي ،عالم هجي بي دين ڄاڻ ،
ريءَ ٻڪيءَ رهبر سنديءَ محتياج ۽ غمگين ڄاڻ،
يڪ نظر سرور ڪري ،هر ڪنهن سندو سينو صفا.

5. حق مرشد معنوي، مرشد مليو نورِ خدا،
جسم سارو نور اطهر، ذات تنهنجي بابقا،
نور ڏاران ناهه ڪي ،صافي ٿيو ربّ جو لقا،
سڀ صفت تنهنجي چوَنِ، ڇا انبياء ڇا اوليا،
پرتوي سان شاهه جي، روشن ٿيو ارض و سما.

6. چو ٻلين ٻورا ٻُلا، تون حسد ايڏو ڪيم ڪر،
ختمُ الرّسلُ خيرالبشر، جو وقت آڻي ياد ڪر،
ڪين اصحابن ڏٺو، شمس و قمر نورِ نَظر،
پر ابوجهل ٿي ڏٺي ،صورت سچي جي سياهه ٿرِ،
سياهه سارو پاڻ هو، ۽ هت ته هئو نورِ ضيا.

7. اک پٽين جي قياس جي، آهي عيان منجهه هر زمان،
طور تي روشن ٿيو، ۽ نار ۾ پڌرو چوان،
عين ريءَ ڏس عرب کي، رحمت رسي جمله جهان،
تان زماني تان زمان، مظهر ٿيو محمدالزمان،

ٿيو لواريءَ ۾ ظهورو، ۽ ٿيس عز و عُلي.

مظهرِ نورِ خدا، جلوه نما ذاتِ ضيا،
جا بجا شاهي لُواريءِ، شاهه سلطان اوليا.

8. نور روضو ٿيو سراسر، سجده گاهِ مومنان،
اصفيا ۽ اتقيا، ابدال ۽ قطبِ زمان،
جنَ بشر تورڙي ملڪ ،جيڪي ڏسين جملي جهان،
ڳُوٺي جانا ۾ اچي سڀ، ٿا گهرن امن وامان،
نور ذاتي جي اڳيان، ساجد آهي هرڪو ادا.

9. پاڻ جي پاسي ڪرين، هرجاءِ پسين پرَ ڪي پڌر،
غير وا حد ڪين آهي، سڀ مٿي نرمل نظر،
ڪانه خالي جاءِ ڪا، سڀ رنگ رحمت جي اثر،
خود نه آهين پاڻ تون، ڪونهي جسو تنهنجي مگر،
پوءِ پڳو پولو ويو هر جاءِ وسي نورِ خدا.

10. هر زمان ۾ حق ظاهر، ٿو ڪري پنهنجي سخا،
دين کي پشتي ڏئي، شامل ڪري پنهنجو لوا،
سڀ وٺن امن و امان، ڪونهي وسيلو ما سوا،
جن مجيو سي سڀ ڇٽا، باقي نيت بد ۾ پڏا،
ڏوهه نه آٿي پاڻ تي، بي ڏوهه آهي بيريا.

11. ڇو رلين ٿو ويسلا، آئين هتي ڇاڪاڻ تون،
ڪٿ پرين تنهنجو وسي، ڳولا اٿي ڪر پاڻ تون،

تو سڏي سرور سچو نيت ذرو ڪڻ ساڻ تون،
هٿ وٺي هاديءِ سندو، پوءِ من مرادون ماڻ تون،
ساڻ توجهه تو رسائي، جت صفائي آ سدا.

مظهرِ نورِ خدا، جلوه نما ذاتِ ضيا،
جا بجا شاهي لُواري، شاهه سلطان اوليا.

12. سڀ ڪڻ نيت جزا، جيڪي گهرن سو تو ملي،
حق چاڻي يا ڪفر، سو پاند پنهنجي تو جهلي،
خاص نيت خاص چئو ٻيو ڏوڙ پنهنجي منهن ملي،
الاعمالُ بِالنِّياتِ، تو مٿو مرسل سلي،
پاڻ آڏو پاڻ تون، ڪهڙي ڪرين ٻي چون چرا.

13. غير جو نقطو وڃائي، جي ڪرين عبرت نظر،
عرش تي پرور اهوئي، فرش ڪان ڪونهي ٻهر،
ڇا مدينو ڇا مڪو تو ڙي لُواريءَ جي اندر
هر طرف جلوو سندس، جاين مٿي ٻُلَّ ڪيم ڪر،
جا بجاءِ آهي اهوئي، ناهه ٻيو خالق سوا.

14. بي مثل بيچون سڏين، پوءِ ڪيئن ٿيندو تو لقاءِ،
مثل جيسين نا ٿئي، تيسين نه ماڻي ڪو لقاءِ،
طور تي ڪنهنڪي چوان، ۽ نار ۾ ڪنهنجو اُهاءِ،
سڀ ڀتين سائين سڏي، ڇو تو ڪرين عفلت ادا،
ڪِي اندر مان غير تون، تان هٿ پسين ان جو لقا.

15.چو رهين غمگين تو سائين سدا آهي رحيم،
سڀ مٿي شفقت ڪري، ۽ سڀ نوازي تو ڪريم،
جئين تصور تو ڪرين ،تيئن تو رسي هردم حڪيم،
جي چوين جبار تان، جابر پسين آقا عليم،
سچ پچين توجي ميان، مشفق زياده ڪان پتا.

16.ڪين اهڙو مهربان ،آهي اسان مادر پدر،
هٿ رکي تو ٻاجهه جو صاحب سٻاجهو ٻاجهه ور،
ڪونه اهڪو ڪنهن رکي، مالڪ شفيق و مهر ور،
غم غلاما ناهه ڪو سائين سدا راحم اپر،
رحم راحم تو ڪري، ۽ تو نوازي بينوا

مظهرِ نورِ خدا، جلوه نما ذاتِ ضيا،
جا بجا شاهي لُواري، شاهه سلطان اوليا.

ڪُلّ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

1. اڄ چمن ۾ چهچٽو، وحدت سندو بلبل ٻيا،
ڪر ثنا واحد سندي، جو پاڻ سلطان اوليا،
پاڻ مخفي خود ڪري، هر دوجهان ان جوڙيا،
سڀ سندو مقصد اهوئي، پاڻ ٿيو نورِ ضيا.

جلوه گر دورِ دنيا ۾، پاڪ ذات ڪبريا،
گاهي آدم گاهي احمد، گاهي سلطان اوليا.

2. بي مثالي بي نظيري، پاڪ ذاتِ ذوالجلال،
سان صفت رحمان جي، سيڪي ٿيو حسن وجمال،
اڄ رحيمي شان ۾ ٿي، تو ڪري فضلِ ڪمال،
ناهه طاقت ڪا بشر کي، ناهه ٻئي ڪنهن جي مجال.

3. ڪر نظر نقطي اندر غير وحدت ڪين ڏس،
غير جو نقطو وڃائي، غين ساڳي غين ڏس،
دل اندر جهاتي وجهي، اسرار حق دن رين ڏس،
سڀ ٿيو مقصد اٿيئي، ساڻ دل جي نين ڏس.

4. چشم عبرت جو پٽي ڏس، قدرتِ قادر ڪمال،
ساڻ صورت پانهنجي، فرمائيو آدم مثال،
وقت سجدي جي ڪئي، ابليس پنهنجي قيل قال،

چو ڪيان سجدو انهيءَ جو خاڪ پتلي جو سِفال.

جلوه گر دور دنيا ۾ پاڪ ذات ڪبريا،
گاهہ آدم گاهہ احمد، گاهہ سلطان اوليا.

5.تي مُئو ظاهر متي، تڏهين پيس لعنت بحال،
ڪين ڇاتائين انهيءَ مان، پاڻ باطن ذوالجلال،
هت اهائي ٿي حقيقت ،پاڻ پنهنجو تون سنڀال،
حمل ۾ سورج اهوئي، اسد ۾ بيو ٿيو محال.

6.جي پرين پڌرو ٿئي، ظاهر دنيا جي دار ۾،
ڪون دنيا ۾ رهي ها، ڪو ڪفر ڪفار ۾،
پاڻ جنهن کي ٿيو گهري، سوئي اچي دربار ۾،
جي فراري ٿيا رليا، رهزن ويا في النار ۾.

7.جي هجين عارف تہ ڪر، تون وقت موسيٰ جو قياس،
نار ۾ نورِ خدا ، ۽ نار م آيو لباس،
پڻ اَنا اَحمَدُ بِلا مِيمِي، سندو ڪج تون تپاس،
هيءَ اهو اسرار ساڳيو، جي هجين تون گل شناس.

8.ڪعبتہ الله ڏي ڪيو ،سجدو اهو ربيّ امُرُ،
ڪعبتہ الله ۾ ڇئو ڇاتو اچي ظاهر نظر،
ڪير آدم ۾ هئو ۽ نار ۾ ڪنهنجو ظهر،
جابجاءِ آهي اهوئي، جي پسين باطن مگر.

جلـــوه گـــر دورِ دنيـــا ۾، پـــاڪ ذات ڪبريـــا،
گاهـــِ آدم گاهـــِ احمـــد، گاهـــِ ســـلطان اوليـــا.

9.هـوڏ هستي جي وچـائين، تـان پسين پِـر ڪـي پـڌر،
چـا مـدينو چـا مڪـو تـوڙي لُـواريءَ جـي انـدر،
سـڀ حقيقـت هيڪـڙي، نـالن مٿـي پُـل ڪـيم ڪـر،
پـاڻ سـاڳيو پـاڻ آهـي، جانـا اهـوئـي جلـوه گـر.

10.منجهـ لـواريءَ مومنـا، مظهـر خـدا جـو آئيـو
سـان امانـت احمـدي ,صـاحب صـفا جـو آئيـو
مالـڪ سـرِّ حقيقـت، مهـ لقـا جـو آئيـو
هـادئي مهـدي زمـان ,مالـڪ لـواء جـو آئيـو.

11.صـد مبـارڪ مومنـا، آيـو سـچو سـيّد امـام،
خـازنِ گـنج هـدايت، مخـزنِ نـورِ تمـام،
مُـورُ مقصـد جـو اهـو سـرور سـپاجهو ذوالڪـرام،
پئـ پئـ آهـي اهـوئي، جـان ٿئـي روزِ قيـام.

12.مرشـدِ غـوثِ زمـان، سـرتاج شـاهان آئيـو
مالـڪِ بـاغ ولايـت، سِـرِّ يـزدان آئيـو
راشـدِ امـن و امـان، سـطان خوبـان آئيـو
بيوسـيلن جـو وسـيلو شـمس تابـان آئيـو.

جلوو گر دورِ دنيا ۾ پاڪ ذات ڪبريا،
گاهه آدم گاهه احمد، گاهه سلطان اوليا.

13. سڀ جزا آهن پيا، تي خدا جي ذات ڪُلّ،
ڪرنفِيءَ جي بات تون ،ثابت صحيح اثبات ڪُلّ،
راز سڀ رازق سندا، ٿيا مجمع الحسنات ڪُلّ،
مقصد معنيٰ مڙيوئي، ٿيو ڏٺيءَ جي ڏات ڪُلّ.

14. درمٿي داتا سندءِ ،هرڪو اچي ٿو صبح شام،
ٿا نمي هرهر چون، مظهر خدا جا السلام،
توهه آن جي سان ٿسي، رحمان ٿو سڀ تي تمام،
اڄ رضا آن جي هلي، عالم سندا احمد امام.

15. رحمت اللعالمين، پڌرو ٿيو ڪل جو لوا،
مشرقِ تا مغربِ، روشن ٿيو شمس الهُدي،
بخت يار جن سندو سي سڀ اچي سائل ٿيا،
سوجهرو سج جو ڏسي، باقي ٻجي چمڙا ويا.

16. مغز معنيٰ حسن ڪل، جو ناهي ڏاران ڳُل حُسن،
سڀ زمين افلاڪ تورڙي، بحر ٿيا ان جي يمن،
حسن ان جي سان ٿريا، گل ڦل شجر تورڙي چمن،
جابجاء جلووا نهي جو نور بخشي ڪُلّ حسن.

جلوه گر دور دنيا ۾ پاڪ ذات ڪبريا،
گاهه آدم گاهه احمد، گاهه سلطان اوليا.

17. هت ملي سردار آن جو ٿو مٿي تير قضا،
جئن ڪيو تئن ٿو ٿئي، اڄ ٿي ملي آن جي سخا،
بخش ڪيو ايمان ڪامل، ۽ پسايو من لقا،
پڻ نه ڇڏ پاٿان پري، پنهنجو ڪيو سرور سچا.

18. ڪونه اهڙو ڪو سخي، ۽ ڪونه اهڙو ڪو رحيم،
تو نوازي ناقصن کي، ۽ ڪري ڪامل ڪريم،
سڀ مرض ۽ مشڪلن جو آهي سو حاذق حڪيم،
نحس طالع بخت وارا، تو ڪري فائق فهيم.

19. رات چوٿين پاڪ جي، بيشڪ پلي جان شبقدر،
هن سخا جي رات ۾ پهرائيو پينار در،
ڍڪ اگهاڙن کي ڏئي، آجا ڪيو عاصي اپر،
پڻ رچايو ڪارٽي، سان رنگ رحمت جي اثر.

20. پروار ڪيو ٻاجهه پنهنجي، ناهه ڪو مون سان عمل،
سڀ خطائون مون ڪنا، تيون ۽ وهايم سڀ زلل،
محض ان جو آسرو ٻي ناهه ڪا پيٽي نه ٻل،
لاڳ ڏيو نالائقن کي، اي رسم آن جي اصل.
جلوه گر دور دنيا ۾ پاڪ ذات ڪبريا،
گاهه آدم گاهه احمد، گاهه سلطان اوليا.

21. جي مرادون مون رکيون، سي سڀ پچايو پورا،
۽ هجي اولاد صالح، بخت يا ور با وفا،
پڻ پرين پرتو اٿو هر حال ۾ مرشد مٺا،
قبر محشر موت ۾ سائي، ٿجو رهبر اجها.

22. ڏوهه کان منهنجو ڏکي ٿو سيّدا جان و جگر،
هي ۽ کمايم ڪينڪي برباد ٿي ساري عمر،
ڇا چوان احوال پنهنجو سڀ خطائن جو وکر،
ڏوهه کان ڏوهي ڇڏايو پيش آن جي آ نڌر.

23. وَرُ وسيلا وڙ ڪري، ڏوهن اَٿم ڏَهڪارِ جي،
سور پويان ٿا سجهن، سختي ٻجهي سرڪار جي،
هي ڏنگايون ڏوهه، منهنجا سڀ وڃن ميسار جي،
صاف ٿي عصيان کان، آڏو اچان سينگار جي.

24. عرض عاصيءَ جا قبولج، جي ڪيم شام و سحور،
سڀ مدايون ميٽ منهنجون، معاف ڪريو سڀ قصور،
تو پنان هادي هدايت، ۽ ڏيو دل جو حضور،
سان اشاري نفس ماري، بخش ڪيو سَروَرَ سُرُورُ.

25. سگ سڏايان شاهه آن جو ٿو غلامِ ڪُلّ حسن،
ڪين ڪيو محتاج ڪنهنجو منجهه رکو امن وامن،
۽ رکو شادان دائم، ساڻ پردي منجهه زمن،
وقت هالاڻي هجي، سرور سچا ڪلمون ذهن.

ڪُلّ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

تاريخ پاڪ چوٽين، وحدت بيان آهي،
نورِ خدا جو تنهن ۾ ذڪرِ عيان آهي.

1.جلوه نما جهان ۾ اظهار نور هي ٿيو
آيو بشر ۾ پهرين، سجدي نشان آهي.

2.احمد سواء ميم جي، منصور چيو آحق جي،
هي مامريءِ شڪ جي، ساڳيو ديان آهي.

3.ذاتِ خدا ۾ فاني، باقي رهيو ٻيو ڇا،
تنهنڪي خدا چوڻ ۾ ڪهڙو گمان آهي.

4.پهرين ٿيو تہ آدم آخر ۾ ٿيو محمد،
مظهر خدا جو هاڻي، محمد الزمان آهي.

5.مظهر خدا جو اعليٰ، آيو پرين پڌر ۾
نور سندي نظر ۾ ڪون و مڪان آهي.

6.جاتي خدا جو مظهر، طابع جميع جڳتر،
شاهِ جهان اڪبر، سخي احمد الزمان آهي.

تاريخ پاڪ چوٿين، وحدت بيان آهي،
نورِ خدا جو تنهن ۾ ذڪرِ عيان آهي.

7.مظهر خدا جو جنهن ۾، مرسل مطيع تنهن ۾
بالا بلند سڀ ۾ شاهِ زمان آهي.

8.تونهين خدا جو مظهر، آن جي رضا تي پرور،
مرسل نبي جي اڪبر، سيڪو دوان آهي.

9.هردوجهان جي شاهي، خالق ڏني سيائي،
آيو هتي سوجائي، شاهِ جهان آهي.

10.رک هوش کي جگر ۾، جلوه ڏسين پٽر ۾،
گل ڦل توڙي شجر ۾ نورِ نهان آهي.

11.صاحب سياجهو سرور، مهتاب ماهه منور،
نالي وٺڻ سان اڪبر امن وامان آهي.

12. سلطان جي چوڻ سان، مشڪل دفع ٿين ٿا،
سلطان اولياءَ ئي، وردِ زبان آهي.

13.سچ جو شعاع جاتي، چمڙو چڪارن تاتي،
جي ناشناس ڪاتي، ڇا تن امان آهي.

تـــاريخ پـــاڪ چـــوتين، وحـــدت بيـــان آهـــي،
نـــورِ خـــدا جـــو تـــنهن ۾، ذڪـــرِ عيـــان آهـــي.

14.طالب اچي جو ڪدل، حق سان ڪري سو واصل،
نـــافع ســـندي نظـــر ســـان، ســـو ڪـــامران آهـــي.

15.اڪمل عجيب جنهن ڪنهن، تن جو طبيب سيڪنهن،
دارون مـــريض هـــر ڪـــنهن، هـــي فـــيضِ رســـان آهـــي.

16.جيڪـــو هلـــي اچـــي تـــو دوزخ ڪنـــا بچـــي تـــو
محفـــل ۾ ســـو رچـــي تـــو هرڪـــو خنـــدان آهـــي.

17.اهـــڙو عجيـــب جـــن جـــو بـــالا نصـــيب تـــن جـــو
درمـــان مشـــڪلن جـــو حاجـــت روان آهـــي.

18.ڪـــوڪـم چگـــونـــه منهنجـــو آهـــيم توهـــ تنهنجـــو
ســـرور ڪيـــوم پنهنجـــو هـــي نـــاتوان آهـــي.

19.احســـن خليـــق ڪامـــل، رهبـــر رفيـــق عامـــل،
دارون شـــفا جـــو نرمـــل، هـــادي زمـــان آهـــي.

20.صـــاحب ســـخا جـــو اعلـــي، گـــل حســـن ويـــر والا،
بهتـــر بلنـــد بـــالا، پـــارس ســـمان آهـــي.

21.جــي شــڪ رڪــن انــدر ۾، حــا ســد حيــا فخــر ۾،
تنڪــي لڳــو جگــر ۾، ڦهــري ڪــو ڪــان آهــي.

22.ڪهــڙي رڪــين فڪــر ۾، رهــ شــاهه جــي ذڪــر ۾،
ســـيني ســـندو حشـــر ۾، احمـــد الزمـــان آهـــي.

23.شــيطان شــوم جــو تــو خطــرو رڪــين تــون ڪهــڙو،
صــورت ســندي جــا ســرور، تيــر و ڪمــان آهــي.

24.رهبـــر رفيـــق راحـــم، ايمـــان بخـــش ســـالم،
دائـــم حســـين خـــادم، ســـگ دربـــان آهـــي.

تـــاريخ پـــاڪ چـــوتين، وحـــدت بيـــان آهـــي،
نـــورِ خـــدا جـــو تـــنهن ۾، ذڪـــرِ عيـــان آهـــي.

ڪُلّ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

1. باغ وحدت ۾ پوڪاري، بلبل مستان اچ،
ڪوڙ ڪثرت جو ڪيو، وحدت ٿيو اعلان اچ،
حق وٺي هر ڪو اچي، جيڪو هجي خواهان اچ،
ڪون پنتي ڪو پوي، ديو و پري انسان اچ.
پرت ۾ پختا پچي، هيئن ٿا چون پروان اچ.

حمد ايزد مومنا، آيو هتي سبحان اچ.
اسم جنهنجو ٿو وٺي، محمدالزمان سلطان اچ.

2. ڪاڻ دعوت دين جي، پيغام ويا ٿي مشتهر،
ساڻ رحمت جي اشاري، ۽ عنايت جي نظر،
سڀ اچن امن وامان ۾، جي هجن جن و بشر،
غير غفلت کي گنوائي، ڪان چئن خوف وخطر،
رحمت اللعالمين، ڪل جو چڙهيو نشان اچ.

3. جو گهمين ٿو ويسلو ۽ ٿئين ٿو دربدر،
ڪڏ ڪٿر دل مان ڪڍي، ۽ ڪڏ ڀيائيءَ کي ڀهر،
تان ڏسين صورت صفا، نور نهاني بيشتر،
هيءَ امانت احمدي، نور خدا ٿيو سربسر،
ظلم ظلمت کي وڃائي، ٿو ڪڍي ڪفران اچ.

حمد ايزد مومنا، آيو هتي سبحان اچ.
اسم جنهنجو ٿو وٺي، محمدالزمان سلطان اچ.

4.احد احمد پاڻ ۾ عالم جڙي جنسار ٿيو
تخت وحدت نور ايزد، شاهِ جهان سالار ٿيو
لعل لواريءَ مومنا، ساڳيو اهو اسرار ٿيو
هادئي مهدي زمان، طالب اهو تڪرار ٿيو
ٿو وسائي سڀ مٿي، رحمت سندو باران اچ.

5.رهبرِ راهِ هدي ، برمسندِ خير الانام،
شاه ثابت منجهه شريعت، ۽ حقيقت ۾ مدام،
معرفت جو گنج اعلي، علم لدنيء جو غُلام،
سڀ سلامي تنهن سندا ،مرسل ولي جي ذوالعظام،
در مٿي پينار تنهنجي، مالڪِ نعمان اچ.

6.ڪيئن ڪرايو خاڪ کي، سجدو سچي ربّ العلي،
مام مونکي هيءَ سٽايو چو منجهيا آهيو مُلاَ،
خود خدا جي ذات تنهن ۾ خاص هو نورِ خدا،
هيء اهوئي نور ساڳيو ٿي اها ذاتِ ضيا،
خاڪ پتلو جنهن چيو سو ٿيو شڪي شيطان اچ.

7.عرش توڙي فرش تي، آهي اها ڏوم ڏام تي،
عبد ۾ آهه ربّ سمايو راز هن ۾ ڇا مام تي،
شاهه سلطان اوليا، جوان رکايو نام تي،
راز هن کي تا پروڙن ،عاشقان نهڪام تي،

سـب مٿـي فـائق سـندو آهـي تيـو فرمـان اچ.

حمـد ايـزد مومنـا، آيـو هتـي سـبحان اچ.
اسـم جنهنجـو تـو وٽـي، محمـدالزمان سـلطان اچ.

8.نـور اعلـيٰ نـور آهـي، مظهـرِ نـورِاالله،
ظـاهر هـت معنـوي تيـو عـرش اعلـيٰ تخـت گاهـہ
نـور سـب درگاهـہ تنهنجي،نـور تنهنجـي آ نگاهـہ
ملـڪ تـوڙي فلـڪ هرجـاء، تـا گهـرن تنهنجـي پناهـہ
هـٿ ٻـڌي آزيـون ڪـري، تـو روضـئہ رضـوا ن اچ.

9.تحيـر عقـول فـي ذاتهـہِ،آهي عبـث اهـڙو فهـمہ،
هـبت اهـو سـاڳيو مـدينو ۽ مڪـي وارو حـرمہ
پرتـوي هـن نـور کـان ،روشـن ٿيـون عـرب و عجـمہ
ٿيـو سـهائو سـوجهرو ۽ ويـو انـڌيرو ٿـي عـدمہ
فـيض کـان سـرور سـندي، شـاهہ و گـدا حيـران اچ.

10.ليمـع الله جـي اشـاري، جـو اهـو اهيـاڻ جـاڻ،
هـيء اهـو اسـرار جـاڻج ،۽ حقيقـت کـي سـڃاڻ،
تـو مـرين ظـاهر مٿـي، ۽ پـاڻ کـي ڄـاڻي سـڄاڻ،
شـافعِ هـردو جهـان جـو حڪـم دل تـي يـاد آڻ،
جـن ڏٺـو ظـاهر سـندمہ تنهنکـي وڏو نقصـان اچ.

11.شـاهہ شـاهان شـاهہ منهنجـو،سـب مٿـي سـردار ٿيـو
هـت سـيّد العـالمين ،رحمـت سـندو آثـار ٿيـو

احــد مــان ســاجد ٿهــي، نــوري اچــي نــروار ٿيــو
پــاڻ ســاڳيو پــاڻ آهــي، واقــفِ اســرار ٿيــو
هــڪ چئــو هڪــڙو پســو وحــدت ســندو آذان اڄ.

حمــد ايــزد مومنــا، آيــو هتــي ســبحان اڄ.
اســم جنهنجــو ٿــو وٺــي، محمــدالزمان ســلطان اڄ.

12. مــن گهرئــي مطلــوب کــي، مــاهِ هــدي منــور چــوان،
يــا ســلامت جــو شجر، شــمشِ ضــيا انــور چــوان،
يــا ضــعيفن جــو زمــان، شــاهِ علــيءِ اطهــر چــوان،
يــا سراســر نــور ســو ذاتِ خــدا مظهــر چــوان،
حســن حضــرت جــو پســي، حــورون پريــون شــادان اڄ.

13. صد شــڪر ٿيو مومنــا، جنهن کــي گهــري قــادر قــدير،
بخــت يــاور جــن ســندو، تقــدير جــنهن کــي ٿــي نصــير،
ســو اچــي هــن جــاءِ تــي، حاصــل ڪــري نــور ڪثيــر،
نــور کــان نــوريءَ ســنديءَ، خــالي نــہ آهــي ڪــو فقيــر،
صــدق وارا شــاد ٿيــا، ۽ ٿيــو انــڏن ارمــان اڄ.

14. رات چــوٿينءِ پــاڪ کــي، لاريــب ســو معــراج چئــو
ذات ســان ذاتــي گــڏيو ســيني ســندو ســرتاج چئــو
در متــي دلبــر ســنديءَ هرڪــو ميــان محتــاج چئــو
ســڀ مــرض ۽ مشــڪلن جــو هــٽ تنهــين عــيلاج چئــو
پــيش تنهنجــي جــي پيــا مشــڪل تنــي آســان اڄ.

حمد ايزد مومنا، آيو هتي سبحان اڄ.
اسم جنهنجو تو وٽي، محمدالزمان سلطان اڄ.

15. شاهه مشفق ماهه ما ،شمس هدايت بي نظير،
ڏيهه سڀ ڏاني سندس، شاهه زمان عالي امير،
سڀ سلامي ٿنهن سندا، ڪامل وليّ قطب ڪبير،
تا پڙهن صلوات تنهن تي، جا بجاءِ عاشق اسير،
جي لڳا لڙهه لام ٿنهنجي ،سي ٿيا شادان اڄ.

16. شاهه والا شان آهي، شان بالا ٿيو عظيم،
هت تنهين امن وامان ،۽ پڻ صراط المستقيم،
هن اشاري ۾ منجهي ويا، ڪيترا فائق فهيم،
جي پڳا هن جاء کان، تن لاءِ تي نار جهيم،
معترض مقهور ٿيا، ۽ ويو رلين ايمان اڄ.

18. سڀ سپاجها پاجهه سان، عاصيءَ اياڻي جو سوال،
عمر تي برباد ساري، ۽ رڳا ٿيا بدافعال،
ڪانه بندگي تي پڄي، حاصل نڪي جانب جمال،
ناهه تڪيو ريءَ توهان، پنهنجو ڪيو فضل ڪمال،
سرورا آن کان سري، دهرا ڏياريو دان اڄ.

19. تون سخي سردار اعلي، مان اٿاسو بي خبر،
۽ برو بيڪار سارو ٿيو گناهن سان گذر،
رحم ڪر راحم مٿم، اڪثير کي اوتيو اپر،
صاف ڪر سينو سندم ۽ قلب کي پر نور ڪر،

دز تــــين دشــــمن هچـــارا، ۽ تـــين نـــالان اج.

20. ســـيّدا پرتـــو اتـــو پُـــلَ پيـــڙ ۾ نڪموحســـين،
بـــي ثمـــر بـــدڪار بيحـــد، ۽ سراســـر دل حـــزين،
ســـپ مـــدايون ميــٽ منهنجـــون، ۽ ڏيـــو ڪامـــل يقـــين،
مهـــر آن جـــي تـــو مڱـــان، اي حضـــرتا قربـــت قـــرين،
ڪـــر عطـــا نورالهـــدي، حـــق اليقـــين ايمـــان اج.

حمـــد ايـــزد مومنـــا، آيـــو هتـــي ســـبحان اج.
اســـم جنهنجـــو تـــو وٽـــي، محمـــدالزمان ســـلطان اج.

ڪُلّ

بسم للہ الرحمٰن الرحيم

1. جسم سارو نور نرمل، حق سندي رحمت مدام
معرفت جو نور اعليٰ، ماهه مقصد جو تمام
نور روضي مثل ڪعبي، تيو طوافِ خاص عام
عرش توڙي فرش وارا، تا اچن بحرِ خدام
جنّ بشر توڙي ملڪ ،هي تا چون اطهر ڪلام

السلامِ نور ايزد، قوتِ جانم السلام
مخزنِ نور هدي، شاهِ لواري السلام

2. ابتدا چا انتها، جيسين هجي نورِ نظام
آدم و نوح وخليل واحمد، تيو مرسل امام
پئه بپئه آئي امانت ،تي لعل لواريءِ ۾ تمام
تا اچن بحرِ امن ،مرسل وليّ جي ذوالڪرام
شوق مان هر ڪو اچي ، تو چوي صبح شام

3. آبروئي حسن خوبي، حسن بالا ڪان فهم
نور حق جو سو چوان، لاريب تيو سي ڪان اتم
مالڪِ ملڪِ حقيقت، ۽ ولايت جو ختم
سرورِ سرتاج عالم، دافع رنج و الم
قطب ۽ اقطاب پڻ ،سڪ مان چون اعليٰ اهم

4. منجهه چمن صبح ومسا، سرور سندي گفتار تي،
چشم نوري جلوه گر، سيني اندر سنگار تي،
تاب تنهنجو ٽيو تکو ۽ جابجاءِ انوار تي،
دُرسُ سي پر نور ٿيا، جن طلب تارؤ تار تي،
مست محبت ۾ سدا، سڪ ۾ سر شار تي.

5. مهه وشن جي انجمن ۾ ماهرو مهدار آهه
تاج بر سر يمع الله، سيني سندو سردار آهه
اڄ مٿا مختيار تو سڀ ملڪ تابعدار آهه
جي نه آئين تون هتي، مظهر نڪو اظهار آهه
ورد سيڪنهن سيّدا، هي ذڪر وارن وار آهه

6. شاد باش اي دل، ڪه دارون دردمندان آئيو
جڳ سڪيو جنهن لاءِ ٿي، سو شاهه خندان آئيو
آفتابِ اوج رفعت، شير يزدان آئيو
خاتمِ باغِ ولايت، صاحبِ شان آئيو
پرت مان سيڪنهن سدا، هي لفظ درمان آئيو.

7. رهبرِ راهِ حقيقت، سِرُ سبحان آئيو
مالڪِ ملڪِ نبوت، شاهه دوران آئيو
سَرِ وَخوبي باغ حُسُنَت، گُلُ گلستان آئيو
با لباسِ بندگي، سالار سلطان آئيو
ذوق هن مان در مٿي، هر ڪو عجز مان آئيو.

8.حال حاضر بامريدان، ماڙ تنهنجي بي نظير،
خوف تنڪي ناهہ ڪو جي پيش پيا عاجز حقير،
وقت ۾ سڪرات يا ،جي پڇي منڪر نڪير،
يا اچي روزِ جزا، جنهن ۾ سڄهي شورِ شهير،
ات سنياليان شاهہ آنڪي، ۽ چوان ادبِ ڪثير.

9.گل ڪڙيا گلزار ۾ ،۽ جا بجا هِڪار ٿي،
بلبلِ ٿهہ ٿهہ زنان ،جان فدا آ صدبار ٿي،
نينهن جي ناوڪ ،لڳي دارون دوا بيمار ٿي،
زاغ زاريءَسان چيو هئہ هئہ اسان جي هار ٿي،
هرزبان ۾ هي ترانو مشڪ چڱ تاتارٿي.

10.مير مشفق ماهہ ما، شاهِ عَليِ عالي امير،
بيوسيلن جو اجهو دامن لڳن جو دستگير،
غير دل جو ٿو گنوائي، ۽ ڪري قلبِ منير،
تا نمي چائث چمن ،اوتاد ۽ قطبِ ڪبير،
سوزمان دم دم چون، مشتاق با عِجزَ وَ فير.

11.سيِّدِ سر تاج شاهان، محض نورِ ذوالمنن،
قرب تنهنجو ويجهڙو ونحن صادق سخن،
توهہ تنهنجي سپ تڳن ،۽ جڳ مٿي ٿُنهنجو يمن،
ڪث وسيلو ناهہ ڪنهنجو تو بنا ڪونهي امن،
تا پوڪارن پرورا، سالڪ سچا اهڙي لَحِن.

12. من گهرئي منٺار کي ،ساجن چوان رهبر سليم،
طور تي چمڪو چوان، يا ٿنهن چوان موسيٰ ڪليم،
يا مسيحيٰ سو چوان، يا هو بهو احمد ڪريم،
يا نسور نور حق جو يا چوان آقا عليم،
پر چون سردار کي، هن پرِ پيا صادق صميم.

13. ڪانءِ اهڙي ڪٿ عطا، ڪونهي ڪٿي اهڙو عجيب،
ناز پرور نازين، محبوب قادر جو مجيب،
درد جو دارون دوا ،هر مرض جو پورو طبيب،
جو آئيو هن جاءِ تي، تقدير ياور تنهن نصيب،
طالبن کي طلب تڪڙي، هي رسائي ٿي قريب.

14. حق سندي دعوت هلي، ڪُلّ جو لواء مشهور ٿيو
جو اچي سوئي رچي، هاديءَ ڪنا پُرِ نور ٿيو
قرب ڪامل جي ڪڙولي، ڏک اُن جو دُور ٿيو
ڪونہ اهڪو تنهن ٿئي، نزدِ خدا منظور ٿيو،
فڪر جي ڦرهي پڙهي، هن ذڪر ۾ مخمور ٿيو.

15. سڄ سڳورا هن غلامِ درسندي جي التجا،
عشق جو امداد ٿئي، ۽ آل منهنجي تي عطا،
ذوق آن جو تو مڱان، ۽ دل مٿي صورت صفا،
دزِد دل جو چور ٿئي، پيو ڪونہ گهر جي تو سوا،
ذڪر آنجو حضرتا ، من ۾ هجي نيڪ ونوا.
السلامِ نور ايزد، قوتِ جانم السلام
مخزنِ نور هديٰ، شاهِ لواري السلام.

ڪُلُّ

بسم للّٰه الرحمٰن الرحيم

شاهِ خوبان مهرِ جهان پرور، يلي آيو يلي آيو
لباسِ بندگي داور، يلي آيو يلي آيو

1. نهان توڙي عيان هرجاءِ اهو ساڳيو سچ حاضر،
ڪروڙين پوش سان اظهر، يلي آيو يلي آيو

2. ڪري اظهار آدم ۾، ٿسي آيو مديني تي،
لواري ڪي ڪري منور، يلي آيو يلي آيو.

3. وچائين پاڻ جي هيڪر، پروڙين تان حقيقت سِرُ،
چوين پوءِ خود خدا اڪبر، يلي آيو يلي آيو

4. ظهور و حق ڪري جاتي، ڪفر تاتي رهي ڪهڙو،
دنيا جو رهنما رهبر، يلي آيو يلي آيو

5. موافق تي فضل بيحد، وساري ڪين دشمن کي،
عجائب خُلقَ سان ڏاتر، يلي آيو يلي آيو.

6. سدا سِڪ مان اُهي پانڌي، هلن ٿا راهه ۾ هردم،
پڙهن صلو علي سرور، يلي آيو يلي آيو.

شاهِ خوبان مهرِ جهان پرور، يلي آيو يلي آيو
لباسِ بندگي داور، يلي آيو يلي آيو

7. ڇڏيا جن خيال ۽ خطرا، ڪٽي ويا گوءِ سي غازي،
متس گهوري ڇڏيائون گهر، يلي آيو يلي آيو

8. يلي منڪر رلي در در، ڪٽي نيت جزا بر سر،
عدوَ جي سر مٿي خنجر، يلي آيو يلي آيو.

9. موافق يا هجي منڪر، وٺي بهرو ته نيت جو
اچا ڪارا ڪندو ظاهر، يلي آيو يلِي آيو.

10. تڙي چاتي گلاڪو ٿو پٽئي جي پاڙ وٺي پٽجي،
ڏسي سو فيصلو آخر، يلي آيو يلي آيو.

11. سڄي اختيار جو مالڪ، گهري جيئن ٿو ڪري ٿو تئين،
اسان جي قياس کان ٻاهر، يلي آيو يلي آيو.

12. هلي هت ڪانه ٿي حجت سڏائڻ خاص ڪيئن گهر جي،
مگر جنهن کي گهري دلبر، يلي آيو يلي آيو.

13. اچي هر ويل اوکيءَ ۾ سچڻ ساٿي سدا ٿيندو
شهہ مشڪل ڪشا انور، يلي آيو يلي آيو.

14.تـين پوريـون اميـدون سـي رڪـي دل پر جماعـت جـي،
ڪـري پـڏرو سـگهو پـاور يلـي آيـو يلـي آيـو.

15.غلامـا در متـي دلبـر، پوڪـارج نيـاز مـان هـر هـر،
ولهـين جـو واهـرو واهـر، يلـي آيـو يلـي آيـو.

شـاهِ خوبـان جهـان پـرور، يلـي آيـو يلـي آيـو
لبـاسِ بنـدگي داور، يلـي آيـو يلـي آيـو.

ڪُلّ

بسم لله الرحمٰن الرحيم

1. هر زمان حق جو ظهورو جا بجاء نروار ڏس،
در وجودي نور ذاتي، آدم صفي اظهار ڏس،
نار ۾ آيو اهوئي، طور تي چمڪار ڏس،
عين ريءَ ڏس عرب ۾ صاحب سندو اختيار ڏس،
پَٽ ۽ پَٽ آيو لواريءَ، ۾ اهو انوار ڏس.

در وجودي نور ذاتي، شاهہ جو ديدار ڏس،
بالباسي بندگي، شاهِ زمان سالار ڏس.

2. لاشريڪ و وحدهو قادر ڏٺي آ بي نياز
بي مثالِ پاڪ پرور سو سڀاجهو ڪارساز
پاڻ ٿي جاسوس آيو هر زمان شاهہ نواز
تاب مستوري نہ ڏاري، حسن ان جي جو رواز
گنج مخفي عيان، سائينءَ سندو اسرار ڏس.

3. ذات مخفي ٿي عيان ،ڪيو منجهہ بشر جلوو پديد،
حڪم ات سجدي سندو ملڪن مٿي آيو جديد،
سڀ ٿيا ساجد اتيئي، ۽ ٿيو هرڪو سعيد،
شوم هو شيطان عاري، ۽ ٿيو حق کان بعيد،
ظاهري صورت مٿو لعنت مٿس هر وار ڏس.

در وجودي نور ذاتي، شاهہ جو ديدار ڏس،
بالباسي بندگي، شاهِ زمان سالار ڏس.

4.جان دل سان جي ڪرين، چؤڦير تون پنهنجي نظر،
پاڻ مَن پنهنجو پسين، مخلوق جا ٿي بيشتر،
ڪين هڪ جهڙا لين، ماڻهو مرون ڇا جانور،
سڀ بتائن واٽ وحدت، ڳل هجن توڙي شجر،
ڪوڙ ڪثرت جو ڇڏي، وحدت سندو جنسار ڏس.

5.واهہ وحدت مان ٿي ڪثرت، وحدت و ڪثرت ڪُلّ،
حق حقيقت هيڪڙي، تون شڪل ٻوليءَ تي نہ ڀُلُ،
ڪونہ ڀانئج ڪو ٻيو ڄاڻي سڄڻ جو ڄاڻ ڄُلُ،
چئو طرف جلوو سندس، عرش و زمين تي هوءِ هُلُ،
دور ڪونهي توکنان، وَنحُن سندو اقرار ڏس.

6.سڪ رکي سيني اندر محبوب منور ماهہ جي،
معنوي مرشد مٺي، رهبر سندم دل خواه جي،
پوش پردي ۾ ڏسين، سا صورت سچي الله جي،
صورت و معنيٰ ٻئي، ساري حقيقت شاهہ جي،
سر بسر ذاتِ خدا، دل جان سان دلدار ڏس.

7.چو ڀلين منڪر مُنا، شور و فُغان تون ڪيم ڪر،
ظاهري انسان هو ابوجهل ۽ خيرالبشر،
معنوي مرسل مٺو ابوجهل هو ڪارو ڪٺر،
ڪر فڪر معنيٰ مٿي ،ظاهر جهٿي يڪ سان نظر،

هوڏ هستيءَ کي ڇڏي، پنهنجو ڪري ويچار ڏس.

در وجودي نور ذاتي، شاهه جو ديدار ڏس،
بالباسي بندگي، شاهِ زمان سالار ڏس.

8. صاحبِ لولاڪ آيو پاڪ پرور تي ٻهر،
شاهه آيو شوق مان، تي ٻاجهه عاصين تي اپر،
بيڪسن جو پرجهلو تيو شافع يوم الحشر،
هر زمان دعوت ڏئي ،انجام الست جو پڌر،
عبد ۾ آيو ڇپي، سهڻي سندو سينگارا ڏس.

9. در زماني آخري، پرور ڪئي ساڳي عطا،
دين جي دعوت هلي، اقرار ناجي ڪيو سدا،
سڀ وٺن راهِ هدي، ڪونهي امن ڪُلَّ جي سوا،
جن مڃيو سي سڀ باقي، ٻيا ٻيائي ۾ پڏا،
ڪل مٿان ڪل جو ڏٺي، نورِ خدا نروار ڏس.

10. هن زماني آخري، ڪان تي مرن ورتي پناهه،
ترس هوندو ڪونڪو اعمال بڇڙا ۽ گناهه،
پرک حق جي ڪانڪا، تي گرچه آ فضل واالله،
خَيرٌ لَّكَ مِنَ الأُولىٰ سندي تون رک نگاهه،
جيئن پوءِ تيئن ٿئي، زياده رحمتِ اظهار ڏس.

11. خود خدائي تي نمي، ساري سندس تصوير ۾،
الف اول جي حمايت، ميم جي تدبير ۾،

دال آ دورِ زمان، مهديءَ سندي تفسير ۾،
ميم جِي جَي مام سمجهين، ڪُل پسين تنوير ۾،
ميم جو پولو پيچي، ڏيهن سندو ڏاتار ڏس.

در وجودي نور ذاتي، شاهه جو ديدار ڏس،
بالباسي بندگي، شاهِ زمان سالار ڏس.

2.دل ٻڌج محبوب سان، غير کان خاموش ڪر،
ڪر مڙهي پنهنجي صفا، حرص و هوا کان گوش ڪر،
پيءُ پيالو پرت مان، محبت سندو مئي نوش ڪر،
سُرڪ ساقي کان وٺي، ڪو جذب دل ۾ جوش ڪر،
من اندر محبوب پنهنجو ڪُل منو مختيار ڏس.

13.چوڏهين سن کان گهري ٿي، جانورن امن وامان،
تنهن زماني سان اچي، آ پلٽئُ اٽڪي ويو اسان،
غير غفلت جان ڳاري، ڏوهه ڏوهن جي متان،
حال هيٺو سيّدا، توکانوسواءِ ڪنهن کي چوان،
تون وسيلو تون جزيلو حال ما غمخوار ڏس.

14.وَرُ وسيلا واهرو عاجز هتي آنهون ڪري،
نفس شيطان شومتي، ڪامل متر ڪاهون ڪري،
فضل ڏاران ڪين هرگز خارجي خرَ ٿو ٿري،
دست ڏي دارين جو رهبر اجها تو کان سري،
ڏي اندر جو سوجهرو تان غم وڃن غمتار ڏس.

15.عجز مان آنهون ڪري، گولو سنڌ درجو غلام،
مون مجيو توکي اچي، تنهنجو ڪيم سجدو سلام، ورد
وائي وات ۾، تنهنجي ثنا تنهجو ڪلام،
ڪين گهرجي تو سوا، مقصد ڪيو منهنجا تمام،
در مٿي دانهون ڪري، دايو سنڌ سردار ڏس.

در وجودي نور ذاتي، شاهه جو ديدار ڏس،
بالباسي بندگي، شاهِ زمان سالار ڏس.

ڪُلّ

بسم لله الرحمٰن الرحيم

1. حمد تنهنجو ۽ ثنا، تون لا شريڪ و بي نياز
قدرتون تنهنجون پسي، هر ڪو ڪري ٿو وات باز
هر زمان مظهر سندءِ، ڪهڙو انهيءَ ۾ تنهنجو راز
در حضورِ تو سندي، عجزن چوان ٿو با نياز.

مظهرِ نورِ خدا، شاهِ لواري شهه نواز
شاه سلطان اولياء جڳ جو سدا تون ڪارساز.

2. ذات تنهنجي بابقا، آدم مٿي احسان ٿيو
سڀ فرشتن جي مٿان، سجدي سندو فرمان ٿيو
سجدي ڪان آدم سندي، اعليٰ تنين جو شان ٿيو
مظهريت ڪان تو سندي، انڪار ۾ شيطان ٿيو.

3. بي خبر ابليس ڪيئن، هو قياس ان جو تون بہ ڪر،
ٿي مڃيو حق کي انهيءَ، لعنت وجهين ڇا ٿي مگر،
ڪين مظهر کي مڃيائين، حسد هوڏيءَ کي اپر،
جنهن نہ مظهر کي مڃيو ٿي جاءِ ان جي پڻ سَقَرَ.

4. جي رکين تون گوش دل جو ۽ ڪرين گهري نظر،
هر زمان مظهر ٿئي، سائين سندي رحمت پڌر،
عين ريءَ ڏس عرب کي، ذاتِ خدا ٿي سر بسر،

ٿي لواري فيض واري، نور ساڳيو جلوه گر.

مظهرِ نورِ خدا، شاهِ لواري شه نواز.
شاه سلطان اولياء جڳ، جو سدا تون ڪارساز.

5.هر زمان مظهر ٿئي ٿو دين جي دعوت ڪري،
سڀ وٽن امن وامان، ظاهر عطا پنهنجي ڪري،
جي ڪري انڪار ڪو ڪونهي بيو جو ور ڪري،
ڪُل متو مختيار مالڪ، پاڻ پڌرو ٿو ڪري

6.مير مدنيءَ جي زماني، جڏهن ٿيو جلوه پديد،
دين جي دعوت هلي، اسلام آيو ٿي جديد،
دست بستہ عجز مان، جنهن ٿي مڃيو سو ٿيو سعيد،
جي ٿيا منڪر سندس، تن لاءِ ٿيو دوزخ شديد.

7.هت حقيقت ٿي اهائي، ۽ اها ساڳي عطا،
دين ملت راز ساڳيو، ۽ چڙهيو ڪُل جو لوا،
سڀ وٽن راهِ هُديٰ، مسلم يهودي يا بيا،
۽ گهرن منهنجي سخا، ڪونهي وسيلو ما سوا.

8.جي گهرين تون خير خوبي ،درد سڀ جي ٿيو شفا،
ورد وائي وات آڄ، شاه سلطان اوليا،
سڀ وٽن نالو سندس، چيا اصفيا چيا اتقيا،
ٿو ٿئي هن نام ۾ سائين سڀا جهو بيريا.

مظهرِ نورِ خدا، شاهِ لواري شهه نواز
شاه سلطان اولياء جڳه جو سدا تون ڪارساز.

9. شاهه آيو شوق مان، ٿي شاه سلطان اوليا،
تاج ناجيءَ جو ڏئي ،شفقت ڪري پنهنجي مٿان،
وقت هن لئه ٿي، سڪيا،مرسل نبي ۽ اوليا،
فضل تن تي ٿيو وڏو جي پيش پرين جي پيا.

10. نا رُڳي جاگهه لواري، آهه حاضر جابجا،
عرش تي پرور اهوئي، فرش کان ڪونهي جدا،
ڪانه خالي جاءِ ڪا، هر رنگ ۾ ناظر سدا،
ساهه کان ويجهو ٿيو ۽ دور ڪونهي تو ڪنا.

11. رزق روزي سڀ رسائين، ڪين ٿو ڪنهنکي ڇڏين،
ڇا بجاءِ تنهنجو ڪري، سو ڏيڻ ويلي نا ڏسين،
جو گهري تنهنجي سخا، في الفور تون تنهنکي رسين،
لطف ٿيا تنهنجا لکين ،قاصر بندا آهيون اسين.

12. خُوان نِعِمان آهه تنهنجو ٿو لٽي هرڪو پيو
جو گهري جيڪي پيو سوئي لهي توکان پيو
پاند تنهنجي جو پرو ڪنهن کي نه ڏاتر ڪو پيو
عقل عاجز آهه هت، تنهنجو ڪرم بيحد ٿيو.

13. بي سبب تنهنجي سخا، رحمت وسي ڪل جي مٿان،
جو اچي دربار ۾ نا جي ٿئي سو بيگمان،

تو وسائين مينهن رحمت، جو مٿي جملہ جهان،
بحر بخشش تو سنديءَ جو بي حساب و بيڪران.

14. ڪين دشمن ڪي وسارين، نا ڇڏين پنهنجا نڌر،
پشت جن ڪي ناهہ ڪي، آهن اجهي تنهنجي آڌر
نور پنهنجي سان نوازي، ڪر اهي سائو سہر،
چنگ چوري تند تاڻن، ۽ رڪن تنهنجي پچر.

15. روز شب تنهنجي عطا، دفتر نئون ڪلڪِ قضا،
بخش بهرو تا مگن، شاهہ و گدا صبح و مسا،
ڪونہ خالي ڪو وري، بدتر هجي يا بي نوا،
ميٽ اقبح عادتون، ۽ ڪر مٿم فضل و عطا.

16. ڪر رحيما رحم پنهنجو شاهہ عالم ڪارساز
ڪانہ بندگي ڪا پڳي، ناهي ڪٿم روزو نماز
ڏوهہ ڏوهيءَ جا وڏا، تن ڪانسواءِ پيو حرص و آز
محض تنهنجو آسرو، شاهِ جهان بيڪس نواز.

17. در مٿي درگاهہ جي، آهي اپيو دايو غلام،
دان محبت جو گهري، ۽ فضل تنهنجي جو انعام،
مور مشڪل نا پوي، خطرو اجايو خيال خام،
هر گهڙي تن ۾ هجي، ورد زبان تنهنجو ڪلام.

مظهرِ نورِ خدا، شاهِ لواري شهہ نواز
شاهہ سلطان اولياءُ جڳ جو سدا تون ڪارساز.

ڪُلُ

بسم لله الرحمٰن الرحيم

سڀ عاجزن جي التجا، يا شاهہ سلطان اوليا،
محتياج درتي بينوا، يا شاه سلطان اوليا.

1.مشڪل اسان آسان ڪر، في الفور سو احسان ڪر،
صحت وشفا اعلان ڪر، يا شاهہ شلطان اوليا

2.ڪاڏي ويان ڪنهنکي چوان، فرياد رس تون بيگمان،
وهلو ملي امن وامان، يا شاهہ سلطان اوليا.

3.احوال ظاهر تو اڳيان، ڪهڙو بڌائي چا چوان،
لطف و سخا ڪر بيڪران، يا شاه سلطان اوليا

4.شاهِ زمان مختيار تون، سيني سندو سردار تون،
هيء لاهہ دل جا بار تون، يا شاه سلطان اوليا.

5.بخت نگو تو در اچي، سو پڻ سعادت ۾ رچي،
خوف زده پَرِ ۾ پچي، يا شاه سلطان اوليا.

6.ويري وجهي وسواس ۾، ناهل نحس هن ياس ۾،
موذي مري خود ياس ۾، يا شاه سلطان اوليا.

7. اعلان تنهنجو ٿيو عيان، ڪٿ ناه ٻيو امن وامان،
توڪان سوا ڪونهي امان، يا شاه سلطان اوليا.

8. سڀ جي لڄا رک شاه تون، اڄ ٿي نہ بي پرواهہ تون،
چاروا سان جي راه تون، يا شاه سلطان اوليا.

9. تو در ٿيو سيڪو دوان، توڙي هجي قطبِ زمان،
درگہ سندء حاجت روان، يا شاه سلطان اوليا.

10. ڪامل ڪرامت جو ڪڪر، هيڻن حمايت ڇٽ ڇپر،
سيني سجهي راحم اپر، يا شاهہ سلطان اوليا.

11. دلگير جي دل ڏير ٿيءِ، تنهنجي نظر اڪسير ٿيءِ،
رحمت سندو تون وير ٿيءِ، يا شاه سلطان اوليا.

12. صفتون سڀئي توکي روا، پر تون رحيم ورهنما،
پڌري ڪيو رحمت صفا، يا شاه سلطان اوليا.

13. ٿورا ڳڻي کهڙا ڳڻيان، بدڪار بد توکي وڻيا،
عاصي اٻوجها تو ڏٺيا، يا شاه سلطان اوليا.

14. دايو مڱي هي دان ٿو ڪامل شفا ايمان ٿو.
ڳائي سدا تو شان ٿو. يا شاه سلطان اوليا.
سڻ عاجزن جي التجا، يا شاهہ سلطان اوليا،
محتياج درتي بينوا، يا شاه سلطان اوليا

كُلّ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

مظهرِ نورِ خدا، صاحب لوا فرياد رس،
دستگيرِ عاجزان ،صبح و مسا فرياد رس.

1.ڪونہ چارو ڪو سجهي، تنهنجي بنا قادر ڪريم،
در مٿي تنهنجي اچي، شاھہ و گدا فرياد رس.

2.پاڻ تي اختيار ڪيئي، رحمت ٿئي زحمت ڪٿان،
زحمت و رحمت ٻئي، جلوه نما فرياد رس.

3.جسم لاغر ڪي ڏسي، خوف زدھہ ٿي جان دل،
بخش تون اطمينان دل، صاحب سخا فرياد رس.

4.ڪارسازِ هر دو عالم، يَمحُوَ الله مَايَشاءُ فرمان تو،
آهہ آسان تو اڳيان، ڦيري قضا فرياد رس.

5.جت هلي ٿي ڪانہ ڪنهنجي، ٿي ويا وسري طبيب،
ٿي نظر تنهنجي اتي، ڪارڻ شفا فرياد رس.

6.زهر کي ٿو نوش ناهين، ابتي کي سبتو ڪرين،
آهہ قدرت ڪاملہ، تو کي اها فرياد رس.

7.مون سجهين تون هيڪڙو تڪيو نہ توريءَ ڪو ٻيو
مالڪِ ڪل شاھہ سلطان اوليـاء فرياد رس.

8.ناامیدي ٿئي نہ هرگز تو چيو لاتقنطو
هت ڪٿي هر هر چوان، صحت و شفا فرياد رس.

9.پاڻ پنهنجو پاڻ ڄاڻين، ڇا سڄاڻي ڪو بشر،
بندئہ عاجز سندءِ، تون رهنما فرياد رس.

10.احد احمد پاڻ ۾ ،احد احمد در زمان،
ميم جي جامي وڏو ۾ چون چرا فرياد رس،

11.راز مخفي مام مخفي، رند ڄاڻن راز ڪي،
عقل عاقل تنگ ٿيو در ماجرا فرياد رس.

12.جيئن گهرين سي ڪجهہ ڪرين ،حڪمت رکين اسباب ۾.
عالم الاسباب ٿيو جور و جفا فرياد رس.

13.چشم ظاهر سان نہ ڏس، حڪمت انهيءَ جي تون غلام،
جان دل سان ڪر بشارت، التجا فرياد رس.

مظهرِ نورِ خدا، صاحب لوا فرياد رس،
دستگيرِ عاجزان، صبح ومسا فرياد رس.

ڪُلُ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

قدرت بالا سنڌ، کھڙو ٿيو اسرار اڄ،
منزلِ جانان نهان ٿي، ڪيئن ٿئي ديدار اڄ.

1.انتها تنهنجي نه ڪائي، مالڪِ روزِ ازل،
لا اُباليءَ کان سنڌ، هر ڪو ٿيو لاچار اڄ.

2.ذات تنهنجي با بقا ٿي، مظهريت ۾ سا رحيم،
هر زمان دورِ دگر، تنهنجو ٿيو اختيار اڄ.

3.چشم ظاهر ڇا مُقابل، چشم باطن سان ٿئي،
چشم باطن نور ساڳيو مُرشدِ مختيار اڄ.

4.شمس آ خانو مٿيو ۾ ڏؤر ڇنڇر ٿيو تمام،
شمس موٽيو تاب سان، ٿيو شرف ۾ آچار اڄ.

5.ناگهان بادِ خزان، ساڙي وڏو دل جو چمن،
سيگهه مان آئي صبا، سر سبز ٿيو گلزار اڄ.

6.هڪ وڃي پيو ٿو اچي، فرمان سلطان اوليا،
نائبِ اُو تسا قيامت، ياد رک تون يار اڄ.

7.آفتـــابِ وج همـــت، تـــاب ســـان موتيـــو وري،
تيـــو سُـــهائو ســـوجهرو چمـــڙو تيـــو بيڪـــار اڄ.

8.نفـس در حـرص و هـوا، ويـري وجهـي خطـرا خيـال،
وجهـ مليـو نـادان کـي ،رک هـوش تـي هوشـيار اڄ.

9.تـاج نـاجيءَجو مليـو شـاڪر رهـي غـازي ٿئـين،
جنـگ جـوٽي نفـس سـان، ڪـري نفـس کـي مسـما راڄ.

10.خـواب پنهنجـا خيـال پنهنجـا، بحـث پنهنجـا ۽ دليـل،
سـڀ اڳيـان تنهنجـي ڦريـا، ڇـو ٿـو ڪـرين ويچـار اڄ.

11.ســچ هيــو تيــڙو ســچو پســبو ســچو هــر ٻــول ۾،
قـول تنهنجـو سـڀ سـچو پـر قلـب تيـو درڪـار اڄ.

12.صـــدق دل جـــي ســـاڻ، آئـــج وسوســـا دل ۾ نـــه آڻ،
نـــور ســـاڳيو جـــاودان، ســـاڳيو اهـــو غمخـــوار اڄ.

قـــدرت بـــالا ســـنڌ، ڪهـــڙو تيـــو اســـرار اڄ،
منـــزلِ جانـــان نهـــان تـــي، ڪيـــئن ٿئـــي ديـــدار اڄ.

ڪُلُّ

بسم لله الرحمٰن الرحيم

دستگيرِ عاجزان، مشڪل ڪشا فرياد رس،
پرده پوشي بيڪسان، صاحب سخا فرياد رس.

1.حال جو احوال تو بن، تي شڪايت ذوالجلال،
تو سواء ڪنهنڪي چوان، جڳ پرورا فرياد رس.

2.غرق بيڙي تي سندم، غم جي لڙهي درياءَ ۾،
ڪر اُڪاري پار سا، صاحب لواء فرياد رس.

3.تي نظر اڪسير تنهنجي، هر مرض جي لئہ شفا.
ڪر مريضن تي نظر، شاها اها فرياد رس.

4.مُقتضا منهنجي پڄائج، مقصدِ دنيا و دين،
ڪارسازِ هرد و عالم، ڪر عطا فرياد رس.

5.ڪارڪن جي، بر ثواب و ڪار ڪم جي نا تمام،
هٿ ۾ تنهنجي تي رهي، تنجي قضا فرياد رس.

6.قادرا قدرت رکين، جوئي گهرين سو تون ڪرين،
رحم ڪر راحم سدا، ۽ بينوا فرياد رس.

7.آتــــشِ اوڙاهــــــ ۾ رنـــــج و الــــــم آڏـــــي وڏو
ڪـــــر اهـــو بـــــاغ ارم ســــائين ســـــچا فريـــــاد رس.

8.احمـدي بـي مـيم سان، تعريـف تنهنجـي تـي پـڌر
احـــــد واحـــــد ۽ صــــــمد، تنهنجــــي ثنـــــا فريـــــاد رس.

9.بنـد ۽ بيــوس تيــو ســاتي نـــ پانـــڌي ڪـــو رســيو
تـــــون اجهـــو تـــون آســــرو تــــون رهنمـــا فريـــــاد رس.

10.تــو چـوين لا تَقنَطُــو مـــان نااميــدي ڪيـئن چــوان،
در تــــي تنهنجـــي التجـــا، صـــبح و مســـا فريـــــاد رس.

11.ذات تنهنجـي جـي سـوا، چـارو نـــ ڪـٿ بـي چـار گـان،
تــــا تڪـــن تنهنجــــي عطـــا، رهبـــر اجهـــا فريـــــاد رس.

12.فضـــل تنهنجــو آڪشــادو ڪــر نـــ مـونکي نـــا اميـــد،
مـــن ســـندي پــوري ڪــــرين ســــرور رجـــا فريـــــاد رس.

13.عجــز مـــان دايـــو آيـــو درگهـــ مٿيخاونـــد خليـــل،
بـــي ســـبب رحمـــت گهـــري، فضــــل و ســـخا فريـــــاد رس.

دســـــتگيرِ عـــــاجزان، مشــــڪل ڪشـــــا فريـــــاد رس،
پـــرده پوشـــي بيڪســـــان، صـــاحب ســـخا فريـــــاد رس.

ڪُلُ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

تـــون بـــي واهـــ جـــي واهـــ آڌار مـــولا،
ســـڌي راهـــ محڪـــم تـــي بيهـــار مـــولا.

1.غضـــب جـــي نـــ گهرجـــي ،مـــونکي ڪابـــ دولـــت،
ڪپـــي نعـــم صـــالح، تـــي هـــر وار مـــولا.

2.پنيـــا در پنـــي ڪـــنهن جـــي، پـــورت نـــ تـــي ڪـــا،
ڪـــرم ســـاڻ پنهنجـــي، دران ڏيـــار مـــولا.

3.ٻـــري دل ۾ آتـــش تـــي، حـــرص و هـــوس جـــي،
قناعـــت جـــي پـــاڻيءَ ســـان، ســـا ٺـــار مـــولا.

4.گهلـــي تـــي خـــزان، خـــود پرســـتيءَ جـــي هرجـــاءِ،
صـــبا عجـــز جـــي، آڻ ڪـــيدون خـــار مـــولا.

5.وســـاري وطـــن پنهنجـــو پلجي پياســـون،
اســـان جـــي وطـــن تـــي، تـــون واڳ وار مـــولا.

6.اچـــي غـــم ســـنڌي، بحـــر ٻيـــڙي پئـــي آ،
نـــوازش ســـان تـــنهن کـــي، ڪـــرين پـــار مـــولا.

7.رسيو كون ياور نكو حال پائي،
غريبن يتمين جي ,لهه سار مولا.

8.سجهي دَرَ ن پيو تو,آيو در غلام،
ڪٽي ڪون توبن ,پيو بار مولا.

تون بي واهه جي واهه آڌار مولا،
سڌي راهه محڪم تي بيهار مولا.

ڪُلُّ

بسم لله الرحمٰن الرحيم

سدا حمد تنهنجو لکين بار مولا،
ثنا تنهنجي ۽ شڪر هر وار مولا.

1.ڇڏين ڪون خالي، ٿو ڪو ساهه وارو
ڏئين روز سڀ کي، تون ڏاتار مولا.

2.ڪرم تنهنجو بيحد، تون رحمن راحم،
سڄي خلق جو،تون تي آڌار مولا.

3.ٻيو ڪون مالڪ، ڪو روزِ حساب،
عدالت ۾ پنهنجي، تون مختيار مولا.

4.عبادت جو لائق،تون تحقيق آهين،
نِمون تنهنجي در تي سزا وار مولا.

5.گهران ٿو مدد ،توکان هردم حڪيم،
سواءِ تنهنجي ڪونهي، مددگار مولا.

6.تون هادي اسان جو تون ئي رهنما،
اسان کي سنئين راهه سيکار مولا.

سـدا حمـد تنهنجـو لكـين بـار مـولا،
ثنـا تنهنجـي ۽ شـڪر هـر وار مـولا.

7.اسـان بخـش نعمـت ،ڏنـي جـا تـو نـيڪن،
غضـب جـي نـه نعمـت، ٿـي دركـار مـولا.

8.چـڏي راهـه بـي راهـه ،گمراهـه زَرِ كيـا،
كپـي كانـه اهـڙي ،ٿـي مـردار مـولا.

9.بـلا آسـماني، لهـي بـر زمـين،
مصـيبت اسـان تـان ،اهـا ٽـار مـولا.

10.نـه طاقـت زبـان كـي، كـري شـڪر تنهنجـو
لـواري ۾ مظهـر، تـون نـروار مـولا

11.ثنـا عـام تنهنجـي، مليـو لقـب نـاجي،
لـواري جـي سـركار تـون غفـار مـولا.

12.وسـي ابـر رحمـت جـو تنهنجـو هميشـه،
دليـون مئـل جيئريـون، ۽ گلـزار مـولا.

13.اچـي جـي نيـاگو سـياگو ٿئـي سـو
كـري ٿنهنجـي تبـديل، دريـار مـولا.

سدا حمد تنهنجو لکين بار مولا،
ثنا تنهنجي ۽ شڪر هر وار مولا.

14. وجي حسد دل مان، دغا توڙي ڪينو
هجي دل ۾ تنهنجو ئي اذڪار مولا.

15. وڃائي وطن پنهنجو پلجي پياسون،
اسان کي تون پنهنجي، وطن وار مولا.

16. هتيڪو دنيا جي، ڪيو دام مونکي،
ڪڍي دام مان ان جي، ڪر ڌار مولا.

17. پسيو سونهن شيطاني، موهيو وجهي مون،
وئي رک تون تنهن کان، نگهدار مولا.

18. اُجالو اندر جو سچي سونهن صورت،
سِپر سونهن تنهنجي، مون نروار مولا.

19. پڇي ڪوٺ ڪثرت، وري واءِ وَحدَتَ،
چوان هڪ پسان هڪ، تون منٺار مولا.

20. وجي ميٺ محبت ،دنيا خواه عقبي،
فقط تات تنهنجي ،۽ گفتار مولا.

21.هلائين سلامت، تون ٻيڙو اسان جو
تري تار تک مان، پوي پار مولا.

22.سڄاڻپ جي پنهنجي، اسان ڏي شناس،
سڄاڻ مدد ڏاران، دشوار مولا.

23.سفر ثاب تن جو کٿا تير محبت،
کپي جام محبت ،ٿو تمنار مولا.

24.نکو راهه ساٿي، نکو حال محرم،
چپر چانو چورن ،تون غمنار مولا.

25.اچي پيش تنهنجي، پيو تو غلام،
اصل ننگ توتي، کڻين بار مولا

سدا حمد تنهنجو لکين بار مولا،
ثنا تنهنجي ۽ شکر هر وار مولا.

ڪُلٌ

بسم لله الرحمٰن الرحيم

1. وهب پنهنجي سان رحيما، ڪر عطا حق اليقين،
پڻ رحيمي شان سان ڪر، شاد دل منهنجي حزين،
لطف پنهنجي سان نوازي، ترِ سندم عدو مبين،
هت ڪٺي هر هر مڱان، آقا اِياڪَ نَستَعِينُ.

توهه پنهنجي سان پڄائين، مقصدِ دنيا و دين،
احمدي بي ميم تون توتي، ڪيم توڪل تعين.

2. ولد والد کان پراهون، پاڪ پرور تون صمد،
ذات تنهنجي با بقا، راحم سڀاجهو تو اَحَدُ،
جڳ بنا تنهنجي سري، ۽ جڳ سڄو محتياج رَدُ،
ڪونه مقصد ڪي رسيو تنهنجي بگر تنهنجي مدد.

3. تون الڪ ۽ لڪ نه تنهنجي، ڪا پئي ۽ هو عَدَمُ
لفظ ڪُن سان پيو نهي، پڻ عرش ڪرسي ۽ قلم
عشق جي پهرين ايرادي، عمل ۾ سوئي فهم
جذب تنهنجو جوش سڀ ۾، پر وساري تو وهم.

4. يَمحُوَاالله مايَشاءُ، اهڙي رڪين پنهنجي ستا،
محو ڪر منهنجون بديون، تنهنجي عطا صبح ومسا،
گردشِ گردون کان، مونکي بچائين تون سدا،
فضل سان پنهنجي سڏي، تون رک اندر تحتِ قبا.

توهہ پنهنجي سان پڇائين، مقصدِ دنيا و دين،
احمدي بي ميم تون توتي، ڪيم توڪل تعين.

5.رات غفلت ۾ وڃي، ڪونهي ڪتڻ ڪونهي جهاد،
نفس در حرص وهوس، شيطان گيريءِ فساد،
نفس جي تمنا وڃائي، آسندم نخلِ مراد،
ڪر عطا آبِ حياتِ، جا وڏان منهنجي مراد.

6.سڀ ٿئي تنهنجي رضا، توبن نہ ڪو تنهنجو قسم،
جنهن کي گهرين سوئي رسي، توڙي هجي ڪوبي فهم،
بي سبب رحمت مٿي، آهر ڪنهين جو هوش گم،
هٿ ٻڌي توکي پوڪاريان، بي سبب ڪر تون ڪرم.

7.تون ڇپر ڇورن ڇنن، تنهنجي سوا ڪونهي ٻلو
ڍول ڍڪ سڀ عيب منهنجا، ڪر نہ تون نا تو ڍلو
ننگ توتي آ ضعيفن، ڪڻ ڳهيلو ويسلو
روح ۾ منهنجي رهي، تنهنجو متو نالو نلو.

8.ڇا زبان ليکو ڪري، تنهنجي عنايت ڪيتري،
جڳ سڄو ويهي لکي، پوري نہ ٿئي تر جيتري،
لفظ ڳن سان پئي ٿهي، ويرم لڳي توا يتري،
ڪين ڪر محتياج ڪنهن جو سگهہ سرين تون هيتري،

9.تون لواريءَ ۾ عيان، حق شاهہ سلطان اوليا،
احمدِ بي ميم تون، صورت بنا نورِ ضيا،

بند صورت ۾ نہ تون، منصف سچو تون بي ريا،
پاڻ مصور نقش جوڙين، ڪين پاڻهئين چٽ ٿيا.

توهہ پنهنجي سان پڇائين، مقصدِ دنيا و دين،
احمدي بي ميم تون توتي ،ڪيم توڪل تعين.

10.مظهرِ نورِ خدا، شاهِ ولايت تون وليؑ،
وارثِ ديني نبي، نورِ هدايت تون وليؑ،
مُنبَعِ جُود و سخا، ابرِ ڪرامت تون وليؑ،
تون شهِ مشڪل ڪشا، تنهنجي بنا ڪانهي گلي.

11.آنُ چڏي ٿهہ تي لڙين ،صورت مٿي ڪا روڪ آ،
ڪيئن سچاڀي لا مثل، صورت بنا ڪهڙو لقا،
لَن ترانِي ياد ڪر، موسيٰ مثل ۾ ٿيو لقا،
ترس صورت تي نہ تون ، حق آهي وراء الورا.

12.زرق رازق ٿيو اهو جنهنکي ڏئين تون بي حساب،
عالمِ الاسباب ۾ برڪت بنا ٿي دل خراب،
هيءَ حڪايت حال جي، تنهنجي شڪايت جو ڪتاب،
بخش اطمينانِ دل، ۽ ڪر عطا راهِ ثواب.

13.جي بچائين تان بچان، شيطان شومي ٿو پڏي،
عدوَ ازلي سخت ڏاڍو هر گهڙيءَ ويري وڳي،
ٿو پکيڙي دام پنهنجي، غيرِ اُلفت ڏي سڏي،

پـاڙ پـتِ خنّـاس جـي چـڏ، پـاڻ سـان گـولي گـڏي،

تـوهـ پـنهنجـي سـان پـچـائـين، مقصـدِ دنيـا و ديـن،
احمـدي بـي مـيم تـون تـوتي ،کـيم توڪـل تعـين.
حح
14. راهـ پنهنجـي تـو ڏيكـاري، جـا صـراط المسـتقيم،
راهـ رسـتي ۾ رڪـاوٽ، تـو وجهـي شـيطان الـرّجيم،
بنـد دل حـرص وهـوا ۾ ،قلـب ڪـتجـي ٿيـو ذمـيم،
وهـب پـاجـهؤن ڪـو نـ چـاڙهو، وهـب ڪـر راحـم رحـيم.

15. حـال سـڀ معلـوم تـوکي، چـا سـليان آقـا علـيم،
هـن نـدوري نِيـا نهـوڙي ،ڪيتـرا فـائق فهـيم،
تـرس ڪـرهن حـال تـي، پـاجهن پريـا قـادر ڪـريم،
مغفـرت جـو دان ڏي، ۽ ڪـر عطـا قلـبِ سـليم.

16. عفـو جـو فرمـان جـاري، صـبح ۾ فضـل و ڪـرم،
وار ليكو سـڀ سـندم، ڪـڻ مهربـانيء جـو قلـم،
سـڀ وڏا تـوڙي ننـڍا ،عصـيان منهنجـا ڪـر عـدم،
لـڄ رکـين لڄپـال منهنجـي، ڍڪ اگهـاڙن جـو شـرم.

17. خـوب صـورت خلقجـي ،آئـين ميـان تـون بـر زمـين،
آشـيان تنهنجـو نـ هـت، ٿيـو آشـيان خلـدِ بـرين،
وڃ اڏامـي اصـل ڏي، پـوءِ ڪـر نـ اسـفل سـافلين،
چـڏ دنيـا جـون دارتـون، سـاڳيو پسـين پنهنجـو مڪـين.

18. ڇا ڪمائي تو ڪئي، ويچار پنهنجو پاڻ ڪر،
روز شب غفلت ۾ گذري، پاڻ دل کي ڄاڻ ڪر،
آرسي دل جي ڪٽِي، صيقل صفائي ساڻ ڪر،
دل صفا جيسين نہ ٿي، تيسين نہ ويسر پاڻ ڪر.

19. دل خرابيءَ ۾ پئي. ايندي نہ ڪم چربِ زبان،
سينڌ سرمي تي تنهنجي، دل ناهہ دلبر جو ڌيان،
ڍول هيٺاهين ڍري، سينو نہ ساهي ڪو متان،
بندگي شرمندگي ڪر، عجز آزي نياز مان.

20. جي نہ تون غازي ٿئين، حاجي ٿئين ڇاٿي پيو
ناهہ جي آرام دل، ناجي ٿئين ڇا ٿي پيو
ديد بن دلدار جي، راضي ٿئين ڇا ٿي پيو
جي نہ دشمن تو ڏسيو، قاضي ٿئين ڇاٿي پيو.

21. ڄاڻ هر ڪا پاڻ توکي، ڪونہ پنهان ڪوبہ حال،
ڪانہ نيڪي ڪا ڪيم، ۽ ٿي حياتي پائمال،
بار بدين جو ڳرو منهنجو ڇٽڻ پرور محال،
وار ليکو ڪر عطا، غافر ذنوبي ذوالجلال.

22. دين دنيا ۾ ڏکين، پردو رکين روز قيام
ناهہ ٽڪيو ڪو ڪٽم تاريءَ، تڳان تنهنجي مدام
ننگ سڄاڻج پاڻ پرور، ۽ ڪٺو پنهنجو غلام
فضل دايو تو منگّي، لاتقنطو تنهنجو انجام.
توهہ پنهنجي سان پڄائين، مقصدِ دنيا و دين،
احمدي بي مير تون، توتي ڪيم توڪل تعين.

ڪُلُّ

بسم للّٰه الرحمٰن الرحيم

1.فضل پنهنجي سان سخا ڪر، مون مٿي خاوند خليل،
بي ثمر محتاج بيحد، ۽ مڙهو عاجز عليل،
صدق سان سڪٽو اچي، تنهنجي طرف تنهنجي سبيل،
ڪوبه خالي ڪونه موٽيو در وٽان تنهنجي جميل،
ڏات ڏيندڙ تون سين ،راحم ربي نعم الوڪيل.

در سخا يوم الحشر، آهي ڪليو تنهنجو جميل،
در لواري لطف تنهنجو بي سبب رحمت سبيل.

2.دَرُ ڪليل دربارجو، آهي سدا شام و سحر،
ٿا اچن دربار ۾، تنهنجا سوالي بي ثمر،
نااميديءَ سان نه موٽيو،دَرَ تنهنجي تان ڪو بشر،
ڪر عطا بخشي خطا، سائين سڀاجها ڀاڄهه وَرَ
بي سبب تنهنجي سخا، رحمت پنهي مڱُڻو سبيل.

3.يَمعُ الله مايشاءِ ، تنهنجي عنايت ٿي عيان،
سڏ مٿي فرمان تنهنجو بخت وارا ٿيا دوان،
بخت جن جو تو لکيو ناجي اهي ٿيا بيگمان،
دل اندر ذاڪر سنديءِ، ظاهر ۾ تڪليفِ زمان،
مام تنهنجي ۽ بشارت، ڪي پروڙيندا قليل.

در سخا يوم الحشر، آهي كليو تنهنجو جميل،
در لواري لطف تنهنجو بي سبب رحمت سبيل.

4. تو سيكاريو حمد پنهنجو روز شب هر كو كري،
پرورش تنهنجي ذمي، شكريہ ادا تنهنجو كري،
پاجهہ تنهنجي عام ٿي، ۽ خاص پڻ توكان سري،
سڀ يتيين محتاج تو دَرِ مهر سيكو ٿو گهري،
ٿو رجا سڀ جي پڄائين ،سگهہ سرين ايڏي جليل.

5. شامتِ اعمال ما ، صورت وٺي غضب و جبر،
چؤطرف آهو فُغان ،آتش فشان ٿي ويو دهر،
پڄ پڄان سر جي لڳي، ۽ وٺي خوف و خطر،
الامان ۽ الامان، راحم اسان تي رحم كر،
تو بنا كونهي اجهو كو آسرو خاوند خليل.

6. عيب منهنجا پيا كلي، ٻڌجي ٿيا رنج و بلا،
حال سارو زار ٿيو كنهن كي چوان چئو تون ڀلا،
بي نصيبي كيئن اچي، ڏاتار تون ربّ العُلي،
كاكمي ناهي سخا، ۽ ٿي عطا بي انتها،
ٿي رحيمي شان ۾ عاصي نوازيو هي ذليل.

7. وئي وڃا وسري سين، حيران رهيا فُخرِ زمان،
ٿي مصيت تي مصيت، سوڙهہ سختي در جهان،
بهتري ٿيندي نہ ات، بدخواهہ ٿيا خود پاسبان،
تحط سالي ۽ غريبت، وقت اوكو ٿيو عيان،

باجهہ سان پرور بچائين، ٿي تکي سيلاب سيل.

در سخا يوم الحشر، آهي ڪليو تنهنجو جميل،
در لواري لطف تنهنجو بي سبب رحمت سبيل.

8. ويو سچائيءَ جو زمانو ٿي خوشامند جي ڪثر،
سچ چوڻ سان مچ لڳي ٿو ڪوڙ جو ٿي ويو قدر،
خير جو ٿيو ظنُ نہ ڪنهن ڏي ۽ پرائي ٿي پچر،
نفس جي خواهش پٺيان ،لڳجي وڃي ٿو مال زرَ
عدوَ ازلي ويو وٺي، تنهنکي ٽڙي رک زير زيل.

9. صحبتِ ياران رهي ،آهي فقط پنهنجي پچار،
سير ٿو هر ڪو سڏائي، پاءِ ڄاڻڻ بي وقار،
يا کُليو دفتر شڪايت، جو ڪمي ٿي روزگار
ڏوهہ پنهنجو ڪونہ ڄاڻن پرٿيو ڪان روز گار
پاڻ سان پاٽهئي ڪري، ڪهڙي ڪجي ٻي ڪال قيل.

10. غير الفت وئي وڃي ۽ حق شناسي ٿي پري،
غير جي آغوش ڪان، ڪنهن جي نٿي دل پوءِ سري،
پيو ايرادي ۾ خلل، جي ڏوهہ هِن هُن تي ڌري،
نيڪ ظن کان ويو اڏي، اخلاص پنهنجو پر ڪري،
غير جو ارمان ڪهڙو حال محرم پڻ ثقيل.

11. چو پوي اهلِ طريقت، جي عقيدي ۾ فرق،
پر ٿوي ذاتِ خدا، بر مومنا ڌاران فرق،

هڪ ڪري بارش سندس، پر قلب پنهنجي جو فرق،
ڇا لطافت مينهن ۾، تر جيترو ٿيندو فرق،
ابر جهڙو بحر تي، تهڙو وسي بر آب نيل.

در سخا يوم الحشر، آهي ڪليو تنهنجو جميل،
در لواري لطف تنهنجو بي سبب رحمت سبيل.

12. سخت ٿيا اهلِ دغا، ۽ تنگ دل اهلِ وفا،
هي ڪري ٿو پير پويان ،هو ڪري جور و جفا،
درد جو درمان ڪنهن وٽ ۽ ڪٿي دارون شفا،
آشنائي ٿي زباني ۽ نه پنجي ٿي وفا،
آشنا بيگان ٿيا، ٿيو لطف تنهنجي جو دليل.

13. ٿي قطع ڪهڙي اسان جي، ڪي ويا غيرن اجهي،
ڪون غير تمند ڪو اهلِ طريقت ٿو ٻجهي،
ٿي چڱي ٻچڙي سماوي پر بدي پنهنجي سجهي،
پر رکين پردو اسان جو ٻاجهه تنهنجي ٿي ٻجهي،
ملڪ ۾ آتش ٻري، گلزار ڪر جئن بر خليل.

14. پالنا تنهنجي ذمي، ڳڻتي اجائي ڇو ڪجي،
پاڪ پرورتون غني توڪل سدا توتي ڪجي،
تو بنا پرور نهارڻ سخت غلطي ٿي ڪجي،
درد جو درمان تو وٽ، دانهن در تنهنجي ڪجي،
سڀ يتين سائين سدا، ڪافي ڪٺم آهين ڪفيل.

15.مفت ۾ جا شيءِ ملي، تنهن مفت جو ڪونهي قدر،
روح کي راحت نہ ڪائي، عيش عشرت پر خطر،
ڏک پليان سک ٿو ملي ۽ رنج محنت ۾ يسر
مغفرت جي رات سيڪا، آهہ مثل شب قدر،
صيقل لا کي ڪٽي ڪر، لعل پنهنجي کي صقيل.

16.چار دن ڪي چانڊني، تون نيٺ ويندين هيڪلو
مِٽ ڪٽي ڏيندا اُتاهون، ڪونہ ٿيندو پر جهلو
تي هٿين خالي فقط ويندين اڪيلو ۽ نلهو
سڀ پڇي بيزار ٿيا، پرور نہ تون ڪو بلو
پيو مڙهو محتياج تو در ڪر عطا پنهنجي اصيل.

17.تون ڏنو اعلان پنهنجو. جو اچي زير علم،
ذات جي ڪانهي ضرورت،سڀ مٿي فضل و ڪرم،
جو ميجي فرمان آيو گهٽ هجي ٿيو سو اتم،
۽ وٺي امن وامان، ماٺي اهو باغِ ارم،
جو اچي سو ٿو اگهي، ڪوجهو هجي يا ڪو شڪيل.

18.تي صلا تنهنجي ڪرم جي ڪر مٿي آيو غلام،
سڀ ڪٽي عصيان پنهنجا، پاڻ سان آند م تمام،
عفو جو بهرو مگان، پيو فضل تنهنجو عام جام،
صاف ڪر عصيان کان، ۽ دل رهي روشن مدام،
ننگ توتي آهہ پرور تون سخي نعم الوڪيل.
اڄ ات چوٿينءَ جي ادا اُپٽي دري احسان جي
اَڄ آه مجلس مومنا محمد الزمان سلطان جي

ڪُلُّ

بسم لله الرحمٰن الرحيم

1. سخت ٿيو دورِ دنيا، ڪونهي ڪنهين کي ڪو ترس،
هر طرف شور و فغان ۽ آهه و زاري جو جرس،
ڪو ٻيو ڪنهن در وڃي، ڪنهن جو نہ ڏسجي داد رس،
تا ڪٿن پنهنجو ڪرم ۽ منهن مٿو مثلِ مگس،
ڪا ٻَلي ڪانهي رهي، تو بن نہ ٻيو ڪهٽ گهيڙ گس.

مظهرِ نورِ خدا، مشڪل ڪشا فرياد رس،
احمدي ٻي ميم تون، صاحب لواء فرياد رس.

2. گردشِ گردون ڪان، پهتي مصيبت در جهان،
نوح طوفان ۾ بچايو تو ٻيڙيءَ کي بيگمان،
ٻچڙا ٻلي جا ويا بچي، آويءَ اندر تون نگهبان،
گڏ سُڪن آلا ٻرن، تن جو بچائين ڪاروان،
تا تڪن توڏي نهارن، سيّدا هن ويل رس.

3. باغ الفت ويو سڪي، ڪلفت سندي آئي خران،
رت لڳي ويو رت پٽيان، خالي نہ گهر ڪو خاندان،
خير خواهيءَ ۾ نڪوئي، نيڪ ڪم ڪان ٿي ٻُڇان،
زر وڃي مقصود ٿي، مطلوب ويو تن جي هٿان،
عدوَ ازليءَ پيچ پاتو حال هن تي ڪر ترس.

مظهرِ نورِ خدا، مشڪل ڪشا فرياد رس،
احمدي بي ميم تون، صاحب لواء فرياد رس.

4. ماٺيپو ويو ناس تي ۽ عادتِ خناس تي،
عدوَ جو پوئلڳ رهي، ڪهڙي بچائي راس تي،
هن نڏوري جي چٽي، صدق وصفائي ناس تي
بي ترس تي هڪ ٻئي جو خلق ڪائي ماس تي،
تي تڪي سيلاب جاري، مهم ۾ غمٽار رس.

5. صلح ٿيندو ڪيئن اتي، جت آهه شيطاني اثر،
هي چڪي تو پاڻ ڏي ۽ هو گهري ان کان اتر،
ڏند ڏيندي پاڻ ۾، حاصل نه ٿيو تر جو قدر،
سيرتِ ابليس تي، صورت رهي نالي بشر،
حال هن تي پال ڪر، ناهل نهوڙي تو نجس.

6. باغبان ٻوڙي وڌو سوسن سمن ۽ ياسمين،
موج تي مهراڻ ڪي، آبِ روان برسر زمين،
واء ويلا وئي مچي، عاجز رهيا پڻ فاخرين،
ويو وڌي جور و جفا، ڪوتاهه دل اهلِ زمين،
ڪونه ڪنهنجو ڪو رهيو تنهنجي بنا فرياد رس.

7. تلخ ڪاميء ڪان دنيا، جي خلق ساري تنگ تي،
هاء گهوڙا ياس حسرت، شهر برجهر جهنگ تي،
چال چلڪت وئي ٿري، ابليس جي سا ڍنگ تي،
ويو اُڏي شرم وحيا، ساڃهه وئي بي ننگ تي،

حــال پســجي پيــو ڏکيــو،ســائين ســچا فريــاد رس.

مظهـــرِ نـــورِ خـــدا، مشـــڪل ڪشـــا فريـــاد رس،
احمـــدي بـــي مـــيم تـــون، صـــاحب لـــواء فريـــاد رس.

8.انقلابـــي ٿيـــو زمـــانو پســـت ٿيـــو جاهـــ و جـــلال،
بيڪـــ ســـاڏوء جـــو رهيـــو ابلـــيس جـــا پـــائر بحـــال،
شـــهد دنيـــا تـــي رهـــي، مـــاٺهو ٿيـــا مـــک جـــي مثـــال،
چـــؤ ڪنيـــا قاســـي پيـــا، خـــوفِ خـــدا ڪـــونهي خيـــال،
قـــرب پنهنجـــو ڏي اســـان ڪـــي، بـــرملا فريـــاد رس.

9.تـــو ڏنـــو يـــس ۾ پنهنجـــو امـــر راهِ مســـتقيم،
عـــد وَ پـــڌري ڪـــان بچـــو اولاد آدم ٿيـــو فهـــيم،
بنـــدگي منهنجـــي ڪريـــو هـــذا صـــراطُ المســـتقيمَ،
ڪـــر عطـــا توفيـــق طاعـــت، وهـــب ڪـــر پنهنجـــو ڪـــريم،
راهـــ پنهنجـــي تـــي رکـــين، صـــاحب ســـخا فريـــاد رس.

10.ڪنهن تڪيو ڪنهن جو تڪيو سوريوسگو ڪنهن صبح شام،
پـــر نـــ آفـــت تـــي تـــري، ويتـــر وڌي تـــي عـــام جـــام،
سڏ سڻي پيو ڪونہ ٿو ڪنهنڪي چوان دل جو پيام،
ڪُل جزا ڪُلَ سان گڏيا، تو سان ٿيو دل جو قيام، ذات
تنهنجـــي جـــي ســـوا، واهـــر نڪـــا ٻـــي دســـت رس.

11.جـــو تڪـــي اولاد آدم لاءِ چـــاڙهيو تـــو لـــوا،
طالـــبِ حـــق هـــت اچـــي ۽ ٻـــي امـــن جـــي تـــي صِـــلا،

ٿي چـه مـي گـوئي شـروع، انڪـار ۾ سـي مبـتلا،
ملـڪ تـي آفـت رسـي ٿيـا، پسـت تـن جـا حوصـلا،
ڪـر ڪـرم پنهنجـو اسـانتي، اڪمـلا فريـاد رس.

مظهـرِ نـورِ خـدا، مشـڪل ڪشـا فريـاد رس،
احمـدي بـي مـيم تـون، صـاحب لـواء فريـاد رس.

12. سـڀ تڪيـا تـوريءَ اجايـا، ناهـه تڪيـو تـو سـوا،
جـي پليـرا حـق ڪنـا، سـي ديـن دنيـا کـان ويـا،
سـڏ سـٺي فرمـان داور، پـيش تنهنجـي جـي پيـا،
تو قبوليـا ۽ جهـڙسـان، جهـڙا ڪ تهـڙا جـي هئـا،
بـار تـن جـو توکنيـو اي ننـگ پـرور داد رس.

13. تـاج نـاجي سر ڏري، منهن تـي پـوئي ڪرڪارسـا،
داغ کـان انکـي بچـائي، دل سـڄي سـينگار سـا،
ڏار جـي دلـدار کـان، کهـڙي رهـي پـت ڪارسـا،
غيـر کـان آزاد ٿـي، بـدّ رابطـي جـي تـار سـا،
داغ کـان بـي داغ ٿـي، پنهنجـو پـرين منٺـار پـس.

14. غـرق در حـرص وهـوا، يـادِ خـدا دشـوار ٿـي،
خـود نمـائي ۽ انانيـت، تـو مٿـي هسـوار ٿـي،
ٿـي زبـان سـڪٽي وڃـي، جـا بـي اثـر گفتـار ٿـي،
رک قـدم اعمـال تـي، نيڪـي وٺـي سـرڪار ٿـي،
نيـڪ بـد جـو فـرق ٿينـدو هـار کـٽ جـو جـاڻ گـس.

مظهرِ نورِ خدا، مشڪل ڪشا فرياد رس،
احمدي بي ميم تون، صاحب لواء فرياد رس.

15. لقب غازي تو مليو تنهنجي غزا ڪهڙي هئي،
بند توکي ڪنهن ڪيو تنهنجي رتا ڪهڙي هئي،
تي غذا وقتي اها، يا ابتدا اهڙي هئي،
جيت پيارا نفس پنهنجو مقتضا اهڙي هئي،
فتح پيارا نفس تي، غازيءِ سندو وجهه هار هس..

16. نعمتِ عظميٰ ملي، پر دل نه ڪجهه شاڪر رهي،
شهدِ دنيا ميٺ ۾، مک جان پئي ساغر رهي،
عد وَ جي لاري لڳي، پنهنجي متي ڪافر رهي،
اصل پنهنجي کي وساري، طلب ۾ قاصر رهي،
ويو وڪوڙي غير دل کي، رهبرا فرياد رس.

17. دل خرابي تي ڪري، منتار کي آگهه ڪيو
نيٺ ٻانهو آهه تنهنجو ڪو ڪرم پنهنجو ڪيو
غير غفلت مان ڪڍي، پنهنجي ٻلي پنهنجو ڪيو
سپ سري توکان سڄڻ، هر حال مون سهنجو ڪيو
ڳڻ نه ٻهڳڻ عيب منهنجا، پاڻ ڏي دلدار ڏس.

18. قول پنهنجا مون نه پاڙيا، آهه تو ۾ آسرو
مون قبوليا ٻول تنهنجا، شڪر ڳايان ڪيترو
آسري تنهنجي لڳو، دايو نوازيو جيترو
فضل تنهنجي جي اڳيان، مان ڇا چوان ڏي هيترو

سـپ ڪـيمر تنهنجـي بلـي، تـوتي سـچوئي بـار بـس.

19. نيـاز مـان مڱـڻـو اچـي، داور پوڪـاري پيـو مـدام،
تـي صـدا منهنجـي اهـا، پنهنجـو ڪيـو پنهنجـو غـلام،
دسـت داتـا تـو ڏنـو، تـو ۾ رجـا تنهنجـو ڪـلام،
چـڏ اڏي گولـو گـڏي، تنهنڪـي ڏيـو پنهنجـو انعـام،
در مٿـــي پينـــار تنهنجـــو پـــرورا فريـــاد رس.

مظهـــرِ نـــورِ خـــدا، مشـــڪل ڪشـــا فريـــاد رس،
احمـــدي بـــي مـــيمر تـــون، صـــاحب لـــواء فريـــاد رس.

ڪُلُّ

بسم لله الرحمٰن الرحيم

1.هــر زمــان مظهــر الهــي، شــاهہ شــفقت جــو ســبب،
پئــي بـــہ پئــي آئــي امانــت، خــاص رحمــت جــو ســبب،
حـــق رســـيو حقـــدار وٽ، دائـــم اقامـــت جـــو ســـبب،
احمـــدِ بـــي مـــيم آيـــو ٿيـــو شـــفاعت جـــو ســـبب،
ڪـــل اچـــي دعـــوت ڏنـــي، لازم اطاعـــت جـــو ســـبب.

در لباســـي بنـــدگي، ظـــاهر خلافـــت جـــو ســـبب،
شـــاهہ ســـلطان اوليـــاء، مظهـــر شـــناخت جـــو ســـبب.

2.نـــور ذاتـــيءَ جـــو ظهـــورو شـــاه ســـلطان اوليـــاء
صـــاحبِ خـــتم الولايـــت، شـــاه ســـلطان اوليـــاء،
ٿيـــو ولايـــت جـــي ڪماليـــت، شـــاه ســـلطان اوليـــاء،
وڌ ولـــيّن ڪـــان متـــاهون ،شـــاهہ ســـلطان اوليـــاء،
در لـــواري تاقيامـــت، آهـــ جنـــت جـــو ســـبب.

3.ٿـــي لـــواري فـــيض واري، ســـان امانـــت تاحشـــر،
بانگـــاهِ شـــاه ســـلطان، اوليـــاء جـــي تـــاجور،
درفنـــا بـــاقي بقـــا ٿيـــو نـــور ســـاڳيو ســـر بســـر،
هـــڪ چـــڏي پيـــو ٿـــو اچـــي، وارو وڃـــائي دردهـــر،
صـــورت معنـــي پئـــي ،نـــورِ نهايـــت جـــو ســـبب.

درلباسي بندگي، ظاهر خلافت جو سبب،
شاهہ سلطان اولياء، مظهر شناخت جو سبب.

4. نور ذاتيءَ جو ظهورو ڪين پيو ٿيندو وريہ
ڪل ڏنو اعلان مظهر، جو ميجي تنهن پيرويہ
پاڪ مسند جي ڏٺي، اعلان ڪل تي وڪ ڏريہ
ڪل سندي مجلس اچا، اعلان ڪل جي پيرويہ
دعوتِ ڪل تاقيامت ٿيو عدالت جو سبب

5. شاه سلطان اولياء، رحمت مٿي جملي جهان،
ڪل سندي اعلان ۾ ٿيو فضل داور بيگمان،
چونڪي جو درلواري، تا حشر ٿيو درزمان،
ميچ ڪٿي مظهر سچو اعلان ۾ ٿيو در زمان،
هوڏ مستي ڪم نہ ايندءِ جا هلاڪت جو سبب

6. ڪل سندي اعلان تي، پنهنجو ڪٿي ويچار ڪر،
ڇا نيتجو پوءِ ٿيندو، پاڻ کي بيدار ڪر،
سڀ خوشي ويندي هلي، دل سان پنهنجي تڪرار ڪر،
حق پٺيان وڃ تون هليو مظهر مٿو آڏار ڪر،
پاڻ پنهنجي لاءِ پيدا، ڪر نہ زحمت جو سبب.

7. ڪل سندي اعلان ۾ امن وامان ره مستقيم،
جو اچي مظهر ميجي سوئي ٿئي، جنت مقيم،
جابجاء ڪل جي سخا، هرجاء وسي رحمت عظيم،
سڀ وٺن امن وامان، توڙي صراط المستقيم

نــور ذاتــيءَ جــو ظهــورو، ٿيــو بشــارت جــو ســبب.

در لباســي بنــدگي، ظــاهر خلافــت جــو ســبب،
شــاهہ ســلطان اوليــاء، مظهــر شــناخت جــو ســبب.

8.مالــڪِ ڪــل تــو ڏنــو اعــلان پنهنجــو ۽ صــلا،
بخــت وارا ويــا اچــي، بخــتِ نگــون ٿيــا مبــتلا،
فخــر تــن کــي ويــو کٽــي، ٿيــا شــور دل ۾ ولــولا،
سڏ ســجهي ســرڪار جــو جــت پســت ٿينــدا حوصــلا،
اڄ ســيان ڏيــنهن اينــدو آهــہ عظمــت جــو ســبب.

9.هــر مهينــي رات چــوٿين، عيــد اضــحيٰ ۽ فطــر،
ســڀ ملهــايون چاهــہ مــان ،فضــلِ خــدا ٿيــو بيشــتر،
بــا ادب مجلــس ســٺو ســائينءَ ســندي رحمــت پــڌر،
رحــم راحــم تــو ڪــري، مــومن نــوازي ســر بســر،
رات چــوٿين پــاڪ جــي ،آهــي اجابــت جــو ســبب.

10.رزق روزي ســڀ ســندو مــون بــار آ تــوتي رکيــو
ڪر نہ مون محتياج ڪنهنجو ڪنهن نہ ويلي ڪر ڏکيو
آب عــزت ســان بچــائين، رک ڪــٺم ســهنجو ســکيو
دان ڏي ديــــدار ڏي، ايمــــان ڏي آيــــو بکيــــو
خــوش رهــي خنــدان ســو تنهنجــي عنايــت جــو ســبب.

11.شــاهہ ســلطان اوليــاء، تنهنجــي اجهــي تنهنجــي بلــي،
حــال محــرم حــال تــون، احــوال پيــو ڪــنهن کــي ســلي،

پردھہ پوشي ڪر سندم تاريءَ تڳان تنھنجي تڪي،
درد دک سپ دور ڪر، ھن سام پنھنجي ڪي جھلي،
گنج داتا بخش پنھنجو تيو سخاوت جو سبب،

12.جي مجي آيا ھتي، رحمت وسي تن تي مدام،
توقبوليا ھاجھہ سان، عاجز اگھا پنھنجا غلام،
دان دايو تو مڱي، تنھنجي سخا جو صبح شام،
ڪيم ڪر محتاج ڪنھن جو ھت ھتي آ تنھنجي سام،
دست داتا تو ڏنو تنھنجي حمايت جو سبب

در لباسي بندگي ظاھر، خلافت جو سبب،
شاھہ سلطان اولياء، مظھر شناخت جو سبب.

ڪُلّ

بسم لله الرحمٰن الرحيم

1. عجز مان پانهو آيو درگهه مٿي خاوند خليل،
بي وسيلو بي ثمر، آسون رکي تو ۾ جليل،
بي وسيلا بي سبب، رحمت گهرن تنهنجي سبيل،
ڪونه ڪٿندو تو بنا، عاصي اپوجها ۽ عليل.

ره روان را رهنمائي، جي اچن تنهنجي سبيل،
طالبن کي گنج بخشيو فضل پنهنجي سان جميل.

2. راحم ربِّ العالمين، درگاه تنهنجي تي مجيب،
جي اچي بختِ نگون، بهتر ڪري ان جو نصيب،
درد مندن جي دوا ۽ هر مرض جو تون طبيب،
سام تنهنجي جي اچن، غمخوار تون تن جو عجيب.

3. تون سخي تنهنجي ڪرم سان ناهه ٻئي ڪنهن جي مجال،
در بنا دلدار تنهنجي، در نهارڻ پيا وبال،
گنج داتا بخش پنهنجو سڻ سواليء جا سوال،
تون سڀاجهو شاهه منهنجو ڪر ڪرم سان مون نهال.

4. ميل مون ۾ تي مٿين، تر جي نه تو ۾ ڪا ڪثر،
قلب ڪارا تي اجاري، نرملا تنهنجي نظر،
ڏيڍ ڏلايون ڍير کي، ڏاهي پرين ڪرپٽ پڌر،
قلب ۾ تي جاء تنهنجي، جاء پنهنجي پير ڏر.

ره روان را رهنمائي، جي اچن تنهنجي سبيل،
طالبن کي گنج بخشيو فضل پنهنجي سان جميل.

5. پاڻ پنهان پاڻ تي ،روشن ڪيئي جملي جهان،
نور تنهنجي جي سبب، ساري زماني کي امان،
هر دو عالم هيڪ ٿيا، ڪثرت اندر وحدت نيشان،
سڀ جدا اجسام ظاهر، نور ان جو جاودان.

6. ڪي سڏن الله توکي، ڪي چون احمد الزمان،
سڀ ٿيا نالا سندءِ، ڪهڙو سڏي ڪهڙو چوان،
احمدِ بي ميم سان، توصيف تنهنجي هر زمان،
جت ڪٿي تون تو وسين، تي ذات باري بي بيان.

7. در لواري نور آهي، ڪوٺ کان ڪونهي ٻهر،
ذات مقيّد ڪين ٿيندي، تي نه تون ڪوتهه نظر،
جابجاءِ ان جو نيشان ،ڪونين ۾ آهي پڌر،
اک پٽي ڏس پاڻ تنهنکي، هل بکيڙو ڪيم ڪر.

8. رنگ رنگيءِ آهي رچايو چو پچايو پور کي،
وهم تنهنجي کان پراهون، چو مچايو شور کي،
پيچ پائي پرت جو گهائي وڏا گهند گهور کي،
عشق جي چاڙهي چڙهيا، چوٽا ستيو رنجور کي.

9. صفت ايندي پوءِ ۾ ذاتي الهي تي قديم،
ڪين جي موصوف هوندو وصف ڪنهن جي تي فيهم،

انگ ٺهن هڪ مان سيئي ،هڪ بنا ٿيا سڀ عديم،
پوش پهرينڊڙ بنا، ٿيندو نہ سو ڪنهن سان ڪليم.

ره روان را رهنمائي، جي اچن تنهنجي سبيل،
طالبن کي گنج بخشيو فضل پنهنجي سان جميل.

10.پوش جو تصور لنگهي ،ڪر تون حقيقت ڏي خيال،
صورتِ زيبا اهائي ۽ اهو حسن وجمال،
تِرُ تفاوت جو نہ تنهن ۾ ،نُورُ ان جو بي مثال،
پوش پردي جي رهيا، تن هڪ سڏڻ ٿيندو محال.

11.نام ٿيو الله ذاتي، بيا صفاتي نام سڀ،
نور ذاتيء جي اڳيان، تابع صفاتي نام سڀ،
احمدِ بي ميم ذاتي، ان بنا ناڪام سڀ،
اسم تورڙي جسم ذاتيء، جا ميڃن احڪام سڀ

12.صفت جنهن سان جسم هوندو آهہ اهڙو سو امر،
ڪاران جي ٿي اهائي ،جو مٿس هوندو اثر،
ذات ظاهر ٿي ڪري، پنهنجي سخا پنهنجي قدر،
جو اچي مظهر ميجي، ڪانهي پيچا ان تي حشر.

13.ڪير سلطان اولياء ۽ لقب ڪنهنجو هو اهو
احمدِ بي ميم آيو خود بخود سلطان اهو
وصف ذاتيء سان ٿيو هادي هدايت جو اهو

رمز سان رانجهن رهي، جاسوس ٿي آيو اهو.

ره روان را رهنمائي، جي اچن تنهنجي سبيل،
طالبن کي گنج بخشيو فضل پنهنجي سان جميل.

14. در لواري ٿي عطا، انوار ڪل جي ٿي صلا،
تو ڏنو اعلان پنهنجو جي اچن زير لوا،
سڀ ڇٽي عاصي وڃن، گدلا هجن ڪوجها ڪنا،
ڪُتُبَ رَبِّڪم جو ٿيو فرمان جاري هئ صدا.

15. شاه سلطان اولياء جي، ٿي حقيقت بي نقاب،
جنهن لکيا حاجي ۽ ناجي، خواه غازي در ڪتاب،
پاڻ آجا جنهن ڪيا، ڪهڙو حشر ۾ تن حساب،
ڏار جي دلدار ڪان، اهڙو نه ٿيندو ڪو غذاب.

16. خير خوبي شرّ شرارت، ضدّ ٻئي آيا ڪٿان؟
خير شِرُّ سڀ تو وٽان، مالڪ نه تو بن ٻيو ڪهان،
جي وڃن جهڙو ٻه رستو، سو اچي آڏو تنهان،
بي ريائي ڏوهه آهين، سڀ جو تون حاجت روان.

17. ڪنهن ڏنو حاجي ۽ ناجي خواه غازيءَ جو اَمُرُ،
ٿي زبان ڪنهن جي اها، پيغام ڪنهن جو مشتهر،
ڪونه ڪو تحرڪ ٿئي، ڏاران اذن ان جي مگر،
احمدِ بي ميم سان، شانِ خدا ٿيو جلوه گر.

ره روان را رهنمائي، جي اچڻ تنهنجي سبيل،
طالبن کي گنج بخشيو فضل پنهنجي سان جميل.

18. اڄ ملهي ميدان ۾ مولا ٿيو مشڪل ڪشا،
اسم جامع ٻن مٿي، ساري حقيقت جو نما،
ڪونہ مقصد کي رسيو ان جي اطاعت کانسوا،
نياز سان نازڪ پرين، ساڳيو سڃاڻج دلربا.

19. ٿي گهلي بادِ مخالف، آ ٽڪو ڪهنو سندم،
وقت پويون ٿيو اچي ۽ ٿو وڏي اونو سندم،
ميرُ دل ۾ ويو رهي، اُجرو نہ آئينو سندم،
ٿو تڪيان تو ڏي نهاريان، بي سبب ڪرتون ڪرم.

20. تون اڏينن جو اڄهو هيڻن حمايت آسرو
تو ٿڪا ٿوري ڪنيان، تنهنجو نوازيل ڪيترو
ديد ٻن دلدار تنهنجي، باغ برّ ۾ اوجرو
دان ڏي ديدار پنهنجو نت پسان سو سوجهرو.

21. تون چڱو آهين اصل، توکان چڱائي ٿي پڄي،
مُور مٽ تنهنجو نہ ڪوئي، در سخا تنهنجو سڄهي،
ذڪر تنهنجي سان هميشهہ سڀ برائي ٿي ڀڄي،
ناد تنهنجي يادگيريءَ، جو سدا دل ۾ وڄي.

22. حمد تنهنجو ڪيترو ڪهڙو ڪٿي ڪيڏو ڪري،
ڪجهہ ادائي ڪانہ ٿيندي، جو بيان جيڏو ڪري،

ست زمينون ست سما، دنگ ٽيا نہ تر جيڏو ڪري، عجز
ڏاران تو اڳيان، گنگي زبان ڪيڏو ڪري،

رہ روان را رھنمائي، جي اچن تنهنجي سبيل،
طالبن کي گنج بخشيو فضل پنهنجي سان جميل.

23. ابتدا ۾ ذات تنهنجي، انتها ۾ پاڻ تون،
بحر وسنديءَ نير ۾، سيني صفا ۾ پاڻ تون،
درد دک ۾ خواہ سک ۾ گڏ جدا ۾ پاڻ تون،
جت ڪٿي تون ڇا وفا ۾ ڇا جفا ۾ پاڻ تون.

24. جي عدالت تي وھين، ڪانهي ڳلي ڪنهن جي ڪٿان،
مغفرت سان واڳ وارين، عيبدارن جي مٿان،
ڪيئن شرم کان ڪنڌ کڻن، ٿيا ڏوھ ڏوھين جي ھٿان،
ريءَ پڇا بخشي ڇڏين، ڦورو نہ ڦولهين ڪو ڪٿان.

25. جي نہ ڏوھي ڪو ھجي، ڪيئن نام ٿئي تنهنجو غفور،
بحر بخشش موج ۾، تنهنجي عطا شام وسحور،
پاڻ رحمت تو لکي، پنهنجي مٿان داتا غيور،
بي سبب پنهنجي ڪرم سان، معاف ڪر منهنجا قصور.

26. در ڪليل رحمت سندو توبن نہ ڪنهنجو شان آ،
تون مبشرؑ ءِ هميشه، مغفرت جو دان آ،
جو اچي دربار ۾، ويندو ڇٽي اعلان آ،

لـــک ڀلايـــون ڀـــال تنهنجـــا، ٻاجهـــ بـــي پايـــان آ.

27. وڏُ ڪـــرين ڀـــاڻ پنهنجـــو لائقـــي پنهنجـــي ڏســـي،
بـــي وڏن ســـان وڏ ڪـــرين، ســـائين ســـخا پنهنجـــي ڏســـي،
عيبـــدارن آســـرو، صـــاحب ســـخا تنهنجـــي ڏســـي،
ڍڪ ڍلايـــون ڍول منهنجـــا ۽ خطـــا منهنجـــي ڏســـي.

28. ڪـــر غلامـــا عجـــز آزي، مـــدح مالـــڪ بـــي بيـــان،
وصـــف گفـــتن جـــي نـــ پيڻـــي، تنـــگ تـــي هـــر ڪـــا زبـــان،
چـــا ڳڻـــين چـــا ليکئـــين، آ فضـــل پـــرور بيڪـــران،
رحـــم راحـــم جـــو اپـــر، رحمـــت وســـي تـــي بيگمـــان.

ره روان را رهنمـــائي، جـــي اچـــن تنهنجـــي ســـبيل،
طـــالبن کـــي گـــنج بخشـــيو فضـــل پنهنجـــي ســـان جميـــل.

ڪُلّ

بسم لله الرحمٰن الرحيم

1.فضل داور توکپي، ڇا ٿو ڪري چرخ ڪُهن،
جي ڳهلي بادِ خران، آخر صبا ايندي چمن،
ابر باران تازگي، ڏيندو اهائي ڪي گلن،
اڄ نرالي رنگ ۾ پوشاڪ پهري جان من،
صورتِ زيبا چنين، نامش وري ٿيو گُلُ حُسن.

مظهرِ نورِ خدا، شاهِ لواري ذوالمنن،
دستگيرِ عاجزان ۽ واهرو وارث ولهين.

2.احمدِ بي ميم سان، آهي زماني کي امان،
واٽ وحدت جي سوا، ڇاڙهو نہ ٿيندو ڪو ڪٿان،
هڪ پسي هڪڙوئي ڇئجج، ويس تي پلجين متان، رنگ
نئون ۽ ڍنگ نئون، پر ويو نہ دلبر تو وٽان،
ذات قائم ٿي هميشھ، گم نہ ٿيندي در زمن.

3حمل ۾ سج کي سجاڻين، حُوت ۾ ناهي اهو
ڪر نظر سورج مٿي، خانو مٽائي ويو اهو
اسد ميزان ڏار ٿيا، سورج سدا روشن رهيو
ڏينهن آچر شمس ساڳيو ڪين ٻيو سومر ٿيو
ڪر دوئي کي ڏور تون، ساڳيو پسين شاهِ زمن.

مظهـــرِ نـــورِ خـــدا، شـــاهِ لـــواري ذوالمـــنن،
دســـتگيرِ عـــاجزان ۽ واهـــر و وارث ولهـــين.

4.ڏس سـچڻ سـهڻو سـاجهو پـوش تـي تـون ڪـيم پـل،
ســاهہ ۾ ســوگهو رکـــج ۽ نـــا وســـارج پـــاءُ پـــل،
سـرت رک سـايجهہ سـدا، سـاڙي چـڏج پيـائيءَ جـو پـل،
دؤر شـاهي ويـو ڦـري ۽ بـي خبـر ٿـي ڪـيم هـل،
جلــوه گـــر ســهڻو ســچڻ، ســاقي اهـــو ســلطان مـــن.

5.دل جـــي انـــدر دل ۾ رهـــي، دلـــدار اڄ وينـــدو رهيـــو
آس ڪـــا پـــوري نـــہ ٿـــي، آڏار اڄ وينـــدو رهيـــو
پـــوش بـــدلڻ لا پنهنجـــي، يـــار اڄ وينـــدو رهيـــو
پـــاڻ پنهـــان پـــاڻ ٿيـــو ديـــدار اڄ وينـــدو رهيـــو
اڄ پنهـــل پيـــارا پـــرين، آبـــاد ڪـــر دل جـــو صـــحن.

6.تـاج سـهڻا تـو ڏڪيـو ٿـي تـا جپـو شـيءِ جـي صـدا،
اڄ نـــوازج نـــاز ســـان، ايـــرا هجـــن تـــوڙي ســـگها،
قـــول پنهنجـــا پـــاڻ پـــاڙج، جـــي ڏنـــا تـــو واعـــدا،
دل پريشـــان حـــال خســـتہ ،جـــي اڄـــي دامـــن لڳـــا،
دل ڏکويـــل دلربـــا، پنهنجـــا بنـــايو خنـــده زن.

7.تـــاج پهـــري ذات جـــو مســـند مٿـــي تـــون احمـــدي،
ٿـــي حقيقـــت بـــا امانـــت، تاقيامـــت ســـرمندي،
مهـــہ لقـــاء محبـــوب تـــون ۽ پـــاڪ ذاتِ ايـــزدي،
ڪـــر عطـــا پنهنجـــي ســـخا ۽ ميـــٽ تـــون هرڪـــا بـــدي،

توکيا انجام جيکي، پاڙسي صادق سخن.

مظهرِ نورِ خدا، شاهِ لواري ذوالمنن،
دستگيرِ عاجزان ۽ واهرو وارث ولهين.

8.تون پلي آئين وريہ صد مرحبا شاهِ زمان،
ڇا اول ڇا ابتدا، تنهنجو ظهورو هر زمان،
درد مدن جي دوا ۽ تون حمايت بيڪسان،
تو نوازيا ڪيترائي، اي شهہ تاج شهان،
شاهہ گرديہ ڪان بچائي، هٿ رکو پنهنجي ٻچن.

9.ڇُونِ مان بيچُون تي، بيچون مان تي ڇُون ۾
رفت فاني نا حلولي، ڪين ڇاٽان جُون ۾
ذات تنهنجي تي پراهين، ڪيئن اچي مضمون ۾
جڳ سڄو متحير ٿيو هن پيچ گونا گون ۾
عشق جي زنار سان، توکي سڃاتو عاشقن.

10.بي سبب تنهنجي سخا، رحمت اچي تي سان سبب،
تو نوازيا توهہ سان، ڪهڙو هجي ڪنهنجو نسب،
پاڙ ڪان پنجي پيا، گستاخ ٿيا جي بي ادب،
بي نيازا نياز سان، توکان پنان امن وامن.

11.توکيا ناجي ۽ حاجي، پڻ چون غازي پيا،
سڀ وني القاب پنهنجا، مست ۽ راضي ٿيا،
راۓ پنهنجي راۓ سائين، جي چئي ناجي ٿيا،

حال وحال تي ڪو يال ڪر، دلڙي رسي پنهنجي وطن.

مظهرِ نورِ خدا، شاهِ لواري ذوالمنن،
دستگيرِ عاجزان ۽ واهرو وارث ولهين.

12. نفس منهنجي جي شرارت، هوڏ هستي تي ڪري،
هوءَ تنهنجي هيءَ منهنجي، خوب مستي تي ڪري،
ذڪر توڙي فڪر ۾، ڪهڙي نه مستي تي ڪري،
خود نمائي ۽ گلا ۾، پاڻ چستي تي ڪري،
مطمعن ڪر نفس منهنجو تون سخي راحم سين.

13. خانئه دل ۾ نه تنهنجو ذڪر جي اذڪار ٿيو
ڪيئن رهي روشن اهو اونده اتي انڌڪار ٿيو
سوز سڪ تنهنجو نه ٿيو مرده اهو مردار ٿيو
يادگيريءَ ڪانسواءِ، تنهنجي رهڻ بيڪار ٿيو
اڄ پڪي منهنجي پرين، آباد ڪر يا گُل حُسن.

14. دل ڪتيل کان آهه بهتر، جي هجي رُوئِ سياهه،
ظاهري صورت صفا، اوصاف بد ويتر گناهه،
سخت گيريءَ کان دنيا، جي ڏار ڪر پنهنجو سپاهه،
آهه پڌرو تو اڳيان، ڪهڙو چوان حالِ تباهه،
ڪر پڌر تن کي پرين، ڏاتيون ڏسي هرهر ڪلن.

15. دل دکي دانهون ڪري، شادان ڪر هيڪر وري،
قلب ميرائيءَ پيو تنهنکي اجاريو شهه وري،

ٽول سارا زهر ڀانيان، ٽو بنا زيب و زري،
ڳڻ ڳڻي ڳالهيون ڪري، دل ياد گيريءَ ۾ ڳري،
ڪر سنڀارون سيّدا، توکي ڏسي اکڙيون ٺرن.

مظهرِ نورِ خدا، شاهِ لواري ذوالمنن،
دستگيرِ عاجزان ۽ واهرو وارث ولهين.

16.ٽي نرالي رنگ ۾ جانب ڍڪي سهڻي قبا،
ويو لهي سايو اهو ڪنهنکي چون ڇورا ڇنا،
هٿ رکو تن ٻاجهه جو جيڪي ولهيا بيوس ٿيا،
ڀاڙ پنهنجا قول تن سان ،جي نهارن ٿا ڀيا،
آسري تنهنجي لڳا، ڀهرائيو جانب جڏن.

17.سج لهندو وقت تي ،توکي لڳي ڇا جي تڪڙ
آهه تنهنجيء سان نه ٿيندو وقت ڪان سو زُودُ ٿرِ،
وقت گذريو ٿو وڃي، ٻڌ حال پنهنجي تي ڪمر،
پرت پارس سان رکج ۽ ڇڏ دنيا جو زيب زر،
ڇو ڇڏين موڪو ٿيو پنهنجو فدا ڪر جان تن.

18.بلبلِ مشتاق ٿي ۽ ڪيم وجهه اک زاغ ۾،
زاغ بلبل مان نه ڄاڻي، ڇو وڃين ٿو باغ ۾،
يار بن آرام ايندو ڪين ڪنهنکي باغ ۾،
دل سندي تصوير ٿي، لاله وگل جي باغ ۾،
محل ماڙيون ۽ مڏيون، بيڪار هر ڪا انجمن.

مظهرِ نورِ خدا، شاهِ لواري ذوالمنن،
دستگيرِ عاجزان ۽ واهرو وارث ولهين.

19. جي هجي گڏ محب توسان، هڪ جهڙو باغ و بحر،
شهر بستي ڳوٺ پاڙو يا ڪنارو يا ڪلر،
حور و غلما يا پري،چاهي هجي مثلِ قمر،
خوش لقا محبوب آڏو هيچ ٿين تنهنجي نظر،
صاف ٿيو سودو اهو ميٺي ڇڏيو ٻيو يار ٻن.

20. پاڻ پنهنجو پاڻ ڪان، هرگز نه وسري ڪو ويو
پاڻ ويجهو ساهه ڪان، دلبر پري ڇو ٿي ويو
پاڻ پنهنجو ٿي نه وي، هرهر پڇين ڪاڏي ويو
تو حجابِ هئڻ ٿيو تنهنجو پرين تو وٽ ٿيو
دور پردا جن ڪيا، پلپل پرين سي ٿا پسن.

21. يار يي اغيار ٿيا ۽ ٿيو زمانو بيوفا،
غير ۾ گمراهه دل، پهچو پرين صاحب لوا،
هجر جو هايو وجي، ديدار تنهنجو ٿيو دوا،
شاه سفقت ڪر متر، دايو نوازيو بينوا،
ٿو سڪي ساري سدا، ڳوڙها وهائي ٻيو ڳلن.

22. حسن ڪل ۾ محو ٿي، رک دل اندر دوستي،
پاڻ هوندو ڪين ايندو نيستيءَ جو نيستي،
پاڻ پنهنجو ڇڏ وڃائي، گر تو ابلهه نشيستي،
در فنا ٿيندو بقا، اهڙي نه ٻي رهه راستي،

مــن انــدر محــلات ۾ تنهنجــي رهــي ٿــو ســيم تــن.

23. آهــ اصــلي در توهــان جــي، هــي غلامــن جــو غــلام،
ســـب اميـــدون آســـرا، مقصـــد پڇـــايو مـــن مـــرام،
جـــاء دل ۾ جـــوڙ منهنجـــي، ڪـــر انـــدر پنهنجوقيـــام،
سـڏ سـڻي رس سـيّدا، ڪوجهـا سـدا تنهنجـي سـرن.

مظهـــرِ نـــورِ خـــدا، شـــاهِ لـــواري ذولمـــنن.
دســـتگيري عـــاجزان ۽ واهـــرو وارث ولهـــين.

كُلُّ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

1.احد بيچون ذات مظهر، مالڪِ ڪُل ڏي نهار
سڀ اچي ڪُل ۾ ويا، سرتاج ڪُل نورِ غفار
برزمين و آسمان، اعلان ڪُل جو بر قرار
سڀ وٺن امن و امان، مخلوق ساري جاندار
بحر بخشش موج ۾،ڪانهي ڪنڌي تنهن جي ڪنار.

احمدِ بي ميم آيو رحمتِ پروردگار
شاهه سلطان اولياء، تنهنجي عنايت بيشمار.

2. شاهه سلطان اولياء، ختم الولايت اصطلام
برقدم ختم الولايت، جي هليا قائم مقام
گڏ هلائي تن شريعت ۽ طريقت تي تمام
درفنا باقي بقا، صاحب سخا جا عام جام
هو ڏسي هن کي ڏسو سڀ نور حق جا تاجدار.

3. زور ظاهر تي هيوش رازِ طريقت هو خفي،
خاص خاصن تي پروڙيو نور حق جو ٿي نفي،
ويو ڪلي رازِ طريقت، فقهه منطق ٿيو چٽي،
پاڪ مظهر جي اڳيان، وسري ڪتابن جي پٽي،
نقش ٿيو دل تي نئون، بيا غير ٿيا نقش و نگار.

احمــــدِ بـــي مـــيم آيـــو رحمـــتِ پروردگـــار،
شـــاهہ ســـلطان اوليـــاء، تنهنجـــي عنايـــت بيشـــمار.

4.شـــاهہ ســـلطان اوليـــاء، مظهـــر خـــدا تبليـــغ تـــي،
گـــوز گـــڏهن پئـــي ڏنـــا، انكـــار تـــن جـــي هينـــگ تـــي،
ســوجهرو ســج جــي اڳيان، چمڙن چــِن جــي چينـگ تـي،
معتقـــد اهـــلِ نجـــا، پـــر لئـــي حُســـودن پينـــگ تـــي،
تـــو گهريـــو جـــن كـــي ســـچا، ســـي شـــكر ڳـــائن وار وار

5.كيـــر ســـلطان اوليـــاء، كـــنهن جـــي اهـــا تبلـــغ تـــي،
نـــور ذاتـــي شـــاهہ ســـلطان اوليـــاء، جـــي تبليـــغ تـــي،
مرشـــدِ مختيـــار جـــي، دائـــم اهـــا تبليـــغ تـــي،
پيـــروي كـــر شـــاهہ جـــي، جـــنهن جـــي اهـــا تبليـــغ تـــي،
رک امـــر دل تـــي ســـدا، ســـائين ســـچي جـــو بـــار بـــار.

6.شـــاهہ ســـلطان اوليـــاء، مظهـــر الهـــي ذات حـــق،
نـــور ذاتـــيء جـــي ظهـــوري، جـــو ڏنـــو رهبـــر ســـبق،
ميتجـــي دل تـــان نـــہ ويـنـــدو ويـــو كلـــي دل جـــو طبـــق،
ســـپ ســـچي حـــق جـــي زبـــان، ترجـــو نـــہ تـــنهن پر كـــو فـــرق،
قـــول حـــق جـــو يـــاد رک، پنهنجـــو پرائـــو ســـپ وســـار.

7.ســـند جـــالُج قـــوُل پنهنجـــي، مرشـــدِ مختيـــار جـــو
رهبـــرِ راهِ هُـــدا، مالـــك مٺـــي منٺـــار جـــو
واهـــرو وارث ولهـــين، مشـــكل كشـــا منهـــدار جـــو
پـــي نصـــيحت بـــي اثـــر، دل تـــي اكـــر دلـــدار جـــو

تو ڏو زنار جنهنجو آهہ تنهنجو سو پوتار.

احمدِ بي ميم آيو رحمتِ پروردگار
شاهہ سلطان اولياء، تنهنجي عنايت بيشمار.

8.احمدِ بي ميم سو ڳلٌ جو لواء آيو کڻي،
ميم مظهر جو ذري کي، ويو ميم جو پردو هٽي،
ڪن قبوليو ڪوڙ مان، ڪثرت وئي ڪن کي کٽي،
مون ڏٺي توکي ڪنيو منهن سر مليان پيرن پٽي،
تو ٽڪا ٽورا ڪنيا، آجا ڪيا سڀ عيبدار

9.روز روشن شمس کان، سڀ ڏينهن ۾ ان جو گذر،
شمس ٽو خانو مٿي، آچر چوين توڙي ٻُڌَر،
روز سڀ کي شرف پنهنجو ڪم ٽئي اهڙي قدر،
شمس دائم در جهان، سورج مٿي تون ڏيان ڏر،
نور حق جو جاودان، جلوو ڪري ٽو بار بار.

10.نور ذاتي پاڪ مظهر،احد بيچُون تون الله،
ذات تنهنجي بابقا، هر پوش ۾ عالم پناهہ،
بند صورت ۾ نہ تون، صورت سيائي گذر گاهہ،
ڍور ذاتي يا صفاتي، هر زمان تنهنجي نگاهہ،
فضل تنهنجو زور زياده بي سبب رحمت اجهار.

11.ورد وائي وات ۾ حمد و ثنا خوشبوءِ ڳلُ،
صورتِ سبحان آهي حسن ڪل جو روءِ ڳلُ،

مُور مـتّ تنهنجـي نڪـوئي صـاف سـهڻي خـوءِ ڪُـلُ،
عشــق جــي چــارهي هتــي راهِ هــدا در ڪــوءِ ڪُـلُ،
نــور ڪُـلُ ٿيــو ذار اقــدس احــد ســاڳيو غمگســار.

احمــــدِ بـــي مـــيم آيـــو رحمـــتِ پروردگـــار،
شـــاهہ ســـلطان اوليـــاء، تنهنجـــي عنايـــت بيشـــمار.

12.ابتـــدا ۾ حُســـن ڪُـلُ ۽ انتهـــا ۾ حُســـن ڪُـلُ،
پـڻ حقيقـت احمـدي خـاتم الولايـت حُسـن ڪُـلُ،
لازمـي ڪُـلَ جـي اطاعـت در اجابـت حُسـن ڪُـلُ،
حُسـن ڪُـلُ جـو ذات مطلـق حُسـن ڪُـلَ تـي ٿيـو مـدار.

13.سـپ صـفت تـوکي جڳـائي مالـڪِ ڪـون و مڪـان،
شـــاهہ ســـلطان يـــا احـــد حـــيُّ تـــون بيگمـــان،
احمـدِ بـي مـيم تـون يـا حُسـن ڪُـلُ تـون درزمـان،
لامثـــل تـــون يـــا مثـــل تـــون ذات بـــاري بـــي بيـــان،
همسـري توسـان نـہ ڪنهن جي ذات حـق جـي تـون بنـار.

14.احــد تــون الله تــون شــاهِ لــواري شــاه تــون،
پـاڪ تـون جـڳ کـان جـدا هـردو جهـان جـو شـاهہ تـون،
ولــد والــد کــان پراهــون ۽ نــہ ڪنهنجــو پــاءُ تــون،
بـي رضـا تنهنجـي نـہ ڪجهـہ احسـن رضـا جـي راهہ تـون،
جڳـہ سـڄو محتـاج تـو در تـون سـخي صـاحب سـتار.

احمدِ بي مير آيو رحمتِ پروردگار،
شاھ سلطان اولياء، تنهنجي عنايت بيشمار.

15. حمد واجب سڀ مٿي، تونهين غني مختيار ڳلڻ،
تو سڏيو ڳلڻ سان اچي، تنهنجو نشان انوار ڳلڻ،
مالڪِ ڳلڻ تون هتي يا جت ڪٿي نروار ڳلڻ،
ڳلڻ حقيقت حُسن تنهنجو تون سين آڌار ڳلڻ،
اصل توڙي نقل سڀ ۾ نور تنهنجو ڪردگار.

16. سخت ٿيو دورِ دنيا، تنهنجي اجهي سرڪار ڳلڻ،
ويو وڌي جورِ وجفا، تنهنجي سخا درڪار ڳلڻ،
زير ڳلَ جي جو اچي، ويندو چٽي اقرار ڳلڻ،
مون ميڇيو توکي ڏٺي، تنهنجي بلي آڌار ڳلڻ،
ڪاروان تن جو بچائين، پيش تنهنجي بي وقار.

17. رحم ڪر راحم ڏٺي، سالم رهي دل جو ڪتاب،
تو سيکاريو تو ڏيکاريو، ڪونه اهڙو ڪو ڪتاب،
رک قدم ثابت سندم رهجي اچي توسان وهاب،
تون ڪٹم ڪافي ڪفايت ۽ شفاعت در حساب،
ننگ سڄاڻج پاڻ پنهنجو ڪونه ڪٹندو ڪونڪار.

18. شاھ سلطان اولياء، سائين سچا فرياد رس،
وقت اوکي ۽ سوڙھ ۾ مظهر مٺا فرياد رس،
درد سڀ جي تون شفا، مشڪل ڪشا فرياد رس،
عيبدارن آسرو صاحب لواء فرياد رس،

سير سختيءَ مان ڇڏائي فضل پنهنجي سان اڪار

19.ڌرَ مٿي داتا سنڌ، دايو پوڪاري صبح شام
ڳڻ ڳٽي ڳالهيون ڪري، توکي سنياري پيو مدام
حال هن تي ڀال ڪر، پنهنجو ڪٺو عاصي غلام
سڌ سٽي رس سيَدا، مقصد پڄائين من مرام
تون اجهو تون آسرو تو پر رجا ليل و نهار

احمدِ بي ميم آيو رحمتِ پروردگار
شاهه سلطان اولياء، تنهنجي عنايت بيشمار

ڪُلُ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

1. سڀ تڪيا توريءَ اجايا، پاڪ تون پروردگار
احد تون بيچُون نشان، ربّ تون غني غالب غفار
تون سڀاجهو هيڪڙو بخشڻ ڏٺي آمرزگار
تو ڏني دعوت دنيا کي، سڏ سڻي آيس ستار
سر رکي سجدي اندر هن پر پوڪاريان بار بار.

پاڪ لواريءَ ۾ ظهورو بحر بخشش بي ڪنار
لازمي رحمت ڪئي، پنهنجي مٿان پروردگار.

2. راهه تي آندو ڏٺيءَ، هذا صراط المستقيم
رک قدم ثابت اسان جو وهب ڪر نعمت نعيم
مومنن سان گڏ رهائين، جاءِ ڪر جنت مقيم
ڪر سندم ورد زبان، حمد و ثنا پنهنجي حڪيم
فضل تنهنجي جو هميشه، شڪر ڳايان وار وار.

3. واعدو تنهنجو سچو تنهنجو ڏنل امن وامان،
دين دنيا آخرت جا بار آهن تو ڪنيان،
در لواري پاڪ مظهر، تي ڪيو رحمت عيان،
رحمت اللعالمين، فرقان ۾ تنهنجو بيان،
تو سڏيو سڀ کي اچي، تنهنجي عنايت بيشمار.

پاڪ لواريءَ ۾ ظهورو بحر بخشش بي ڪنار
لازمي رحمت ڪئي، پنهنجي مٿان پروردگار.

4. ابتدا مظهر سندي، پهرين ٿيو آدم صفي،
پرڪ تي ملڪن مٿي ۽ سڀ ٿيا ساجد اچي،
پاڪ مظهر جي اڳيان، اقرار سان ويا سڀ بچي،
حسد ۽ انڪار ڪان، تڙجي ويو شيطان شڪي،
ذات حق جي بابقا، مظهر ٿئي ٿي بار بار.

5. هر زمان اقرار ۽ انڪار جو ٿيو معاملو
جنهن مجي دعوت پئي، رحمت ٿئي تنهنجو جهلو
ڪل نبي مرسل ولي، رحمت سندا سي ملسلو
سڀ ٿيا مقبول ربّ جا، تن بنا ڪونهي بلو
رحمتي ٿيا مومنن لئي، سڀ سڳورا تاجدار.

6. قوم تي يا ملڪ تي، جيڪو نبي آيو پئي،
سڀ ڪنهين تي حق سندو پيغام پهچايو پئي،
ڪن قبوليو ڪو وري، انڪار سان آيو پئي،
قوم تي شاهد ٿيو تبليغ لئه آيو پئي،
فيصلي جو ڏينهن ايندو ڪونه هوندو ڪنهن قرار.

7. بعد ۾ خير البشر، دارين جو مرسل امام،
رحمت اللعالمين، آندو ڪٺي حق جو پيام،
سڀ دنيا لئي آهه، ختم الانبيا خير الانام،
دين سڀ منسوخ ٿيا، اسلام قائم تاقيام.

بيو ظهورو ذات جو انڪار وارا ٿيا ڪُفار.

پاڪ لواريءِ ۾ ظهورو بحر بخشش بي ڪنار،
لازمي رحمت ڪئي، پنهنجي مٿان پروردگار.

8. ساڻ شاهِ انبياء، پيغام حق آيو ڪٺي،
هڪ بشارت ٻي نذارت، گڏ ٻئي آيو ڪٺي،
ڪي بشارت کو ڏيا، ڪنڪي نذارت کان ڦٺي،
جي ٿيا انڪار ۾، آخر سندن دوزخ ٻٺي،
جن قبوليو شوق سان، نعمت مٿن ربّ جي اپار.

9. دعوتِ اسلام جي، آئي دنيا تي هئي سڄي،
بعد ختمُ المُرسلين، بيو ڪونہ ڪو ايندو نبي،
دين ڪامل تي چڪو مرسل ملي ميّده حقي،
جي آيا اسلام تي، سي دين دنيا جا غني،
حق آيو باطل ويو توحيد جي هر جاء پچار.

10. بعد شاهِ انبيا، ٿيا چار خلفاء راشدين،
صاحبِ ارشاد ۽ پڻ ملڪ والي عادلين،
تي حڪومت پوء تن کان، حرص ۾ سي مبتلين،
جن ڪيو ارشاد حق جو سي ٿيا اصحاب دين،
اسم ذاتي هيڪڙو ارشاد رستو ڏار ڏار.

11. نور سان توحيد جي، ٿيا طالبن روشن قلب،
سب طريقن جي اشاعت، ۾ هئي حق جي طلب،

شـــرع تـــوڙي ورع ۾ ٽيـــا، صـــاف صـــوفي بـــا لقـــب،
قادريـــــ ۽ نقشـــبنديہ، ســــپ طـــريقن ۾ وهـــب،
نقشـــبنديہ ٿيـــا مٿاهـــان، بـــا عطـــائي ڪـــرد گـــار.

پـــاڪ لـــواريءَ ۾ ظهـــورو، بحـــر بخشـــش بـــي ڪنـــار،
لازمـــي رحمـــت ڪئـــي، پنهنجـــي مٿـــان پروردگـــار.

12. جـــئن هيـــو خـــتم النبـــوت، شـــافع يـــومُ الحشـــر،
تـــئن ولايـــت جـــي تمـــا ميـــت، شـــاه ســـلطان تـــاجور،
هـــو نبـــين ســـرتاج ســـرور، هـــي ولـــين كـــان زيـــاده تـــر،
نـــورُ ســـاڳيو هئـــا ٻئـــي، مـــذڪور مخفـــي در دهـــر،
وقـــت تـــي ٿيـــو پـــٽ پـــڌر، اعـــلان حـــق جـــيءَ تـــي پوڪـــار.

13. شـــاهہ ســـلطان اوليـــاء، خـــتم ولايـــت ذات حـــق،
شـــرف واري تـــي لـــواري، پيـــو ڪلـــي قـــدرت ورق،
ٿيـــون ظهـــورو ذات جـــو اعـــلان حـــق جـــو پڙهـــ ســـبق،
سڀ جزا ڪل سان گڏيءَ، وحدت عيان ڪثرت غرق،
هـــر زمـــان ذاتِ خـــدا، ظـــاهر ڪـــري رحمـــت اجهـــار.

14. دابـــۃُ الارض جهـــڙو، ســـپ مٿـــان آيـــو ٽڪـــو،
خلـــق تـــي اقـــرار ۽ انڪـــار جـــو بيٺـــو ٽپـــو،
ميـــڄ ڏاران پـــاڪ مظهـــر، جـــي ويـــو تـــن جـــو مٿـــو،
بعـــد دعـــوت پـــاڪ جـــي، ڪولـــو د نيـــا تـــي آهـــ ڪتـــو،
ڪونـــ هـــڏجي ڪـــٽ امـــن، ٿيـــو جنـــگ جهيـــڙو ڪـــار زار.

پاڪ لواريءَ ۾ ظهورو بحر بخشش بي ڪنار
لازمي رحمت ڪئي، پنهنجي مٺان پروردگار.

15. رحم بدران خونريزي، جوش ۾ پير و جوان،
ڪنڌ ماٺهن جا ڪٽيا، لٽجي ويجن ٿا ڪاروان،
ڪن تمنا ملڪ جي، بي درد ڪي ٿي بدگمان،
سڀ پٽيرا حق ڪنان، اونده انڌير و بي گمان،
شامتِ انڪار ڪان، رودن مچي ويو در ديار.

16. گوڙ گهمسان ويو مچي، آهي بپا فتنو دجال،
ڪوڙ باطل سڀ دجالي، عيش عشرت ۾ نهال،
مال ملڪيت جان عزت، سان رهڻ ٿيندو محال،
تون بچائين تان بچون، ٻي واهه ڪانهي ذوالجلال،
ٿي مسيحا ڪر صفائي، لاهه سڀ جو انتظار.

17. مون ميجيو اعلان تنهنجو ڪر ڪرم منهنجا ڏٺي،
بي سبب تنهنجي سخا، جو سڌ سٽيم منهنجا ڏٺي،
پاند سڪٽو پير سندم، آيس ڪٺي منهنجا ڏٺي،
راهه پنهنجي تو ڏني، محڪم رکين منهنجا ڏٺي،
ڏي صفائي دل جي مونکي، ٻاجهه سان مونڏي نهار.

18. تو ڏني سڀ کي بشارت ۽ نذارت ٿي عدم،
بي سبب اهڙي سخا تي، هر ڪنهين جو هوش گم،
هت ڪپي صدق و صفائي، ڪم نه ايندو ٻيو فهم،
ٻاجهه پنهنجي سان رکين، تون راهه تي منهنجو قدم،

رک امن ۾ تون اسان کي، کر کرم بيحد غفار.

پاک لواريءَ ۾ ظهورو بحر بخشش بي کنار،
لازمي رحمت کئي، پنهنجي مثان پروردگار.

19. امن جو اعلان نافذ، بحر بخشش بي سبب،
هر خطا تي عفو جاري، فضل تنهنجو ٿيو عجب،
سڏ سٽي هر ڪنهن رسين، تنهنجي نظر شرق وغرب،
رزق روزي سڀ رسائين، تون سخي رحمان ربّ،
ڳڻ ڳاڻا تي کان ٻاهر، احسان تنهنجا لک هزار.

20 تو اچي سڀ کي بشارت، پاک مظهر سان ڏني،
سيڪو اچي ناجي ٿئي، توڙي هجي اوباشني،
وهجي محتاج، بي احتياج ڪر تنهنکي ڪٿي،
درد منهنجا دور ڪر، سلطان وليان اغثني،
پوش پرده ڏي اسان کي، لاهه دل جا غم غبار.

21. تو سڏيو جڳ کي طرف، هُدي صراط المستقيم،
صدق مان ايمان آندو، وهب ڪر مونتي ڪريم،
سڀ ڏنگايون ڏوهه منهنجا، ڇڏ ڪٿي مالک رحيم،
صاف کر عصيان کان هر دم، هجان تو وٽ حڪيم،
دم بدم دايو نوازيو سام تنهنجي ڪردگار.

22. فضل جا مالک مٺا، کهڙو بجا آڻيان شڪر،
ناهه طاقت ڪاب مونکي، جو بجا آڻيان شڪر،

هـر پساهين لطـف تنهنجـو ڇـا بجـا آڻيـان شـڪر،
ڏي سـخي توفيـق مـونکي، تـان بجـاء آڻيـان شـڪر،
ڇـا بجـا ٿينـدو شـڪر، ابـرِ سـخاوت بـي ڪنـار.

23. يـاالٰهي مظهريـت جـي، سـان مهـابي مـون اُڪـار
ڳـڏ سـڪن آلا بچـائين، سـگهه رکـين ايـڏي سـتار
سِـير سـختيءَ مـان اُڪـاري، سـاڻ ڳـولي ڳـڏ ڳـذار
تـار پيـڙو تـون اسـان جـو رک سـلامت باوقـار
غـم غلامـن جـا وڃـن، ڪـر سـاڻ ڪلمـين بر ڪنـار.

پـاڪ لـواريءَ پر ظهـورو بحـر بخشـش بـي ڪنـار
لازمـي رحمـت ڪئـي، پنهنجـي مٺـان پروردگـار.

طريقت پاڪ جا ايندڙ ڪتاب

قصائد پاڪ

مختلف ليکڪن جا چيل قصيدا پاڪ

سهيڙيندڙ : فقير شير محمد ٽالپر

ڪُلّ

بسم لله الرحمٰن الرحيم

1. باغ ۾ آئي صبا، پيهر بهاري ٿي اچي،
بلبلا شادان ٿيا، خوشبوءِ ساري ٿي اچي،
غمزن جي داد لئه، پرتا تياري ٿي اچي،
ڪل سندي نيشان جي، سهڻي سواري ٿي اچي،
دل ڪلي انوار ٿيندي، ذات باري ٿي اچي.

نور ذاتيءَ جي امانت در لواريءَ ٿي اچي،
ڪل حقيقت هيڪڙي صورت نيازي ٿي اچي.

2. دل گناهن ۾ گتي، ٿنهن ڪي ڪيو رهبر اجها،
اج اڱڻ منهنجي عجيبا واڳ واري ڪر سخا،
تان ٺرن منهنجون اکيون، توکي ڏسي منهنجا مٺا،
سر رکي قدمن اتي، سجدو ڪريان سرور سچا،
ڪر پکو روشن سندم، جو رات ڪاري ٿي اچي.

3. تار مان تاري ڇڏيو وارث ولهين جي واهه تون،
جڳ سڄو آهي گدا، آهين سين جو شاهه تون،
لڙهه لڳس تنهنجي بلي، دامن لڳي جي ٻانهن تون،
عاجزن آڌار آهين، سڀ سندو همراهه تون،
جو سڏي تنهن تي سخاوت، فيض واري ٿي اچي

نور ذاتيءَ جي امانت در لواريءِ ٿي اچي،
ڪل حقيقت هيڪڙي صورت نيازي ٿي اچي.

4.اڄ صبا آئي چمن ۾ باغ دل کي شادگي،
بلبلِ مشتاق کي، مژده ملي فرخندگي،
واس سان واسيا شجر، سُرهاڻ ٿي خورشندگي،
هر زبان تي هي ترانو خوش گذاريون زندگي،
شڪر ايزد هِيرَ دل کي، شان واري ٿي اچي.

5.ڏس سخا جي رات آئي، مينهن رحمت جو وسي،
سڀ اُجايل لاءِ ڪافي، ابر نسيان ٿو وسي،
ورچ ۾ موتي مليا، پيو ديد ۾ دلبر پسي،
دل اندر دربار آهي، واٽ وحدت ۾ رسي،
غم وهم لئي هر مهيني، توهه تاري ٿي اچي.

6.موج مستي ناه هستي، عشق جي ايوان ۾
وهه وڻي ناهي چڱي، هن بره جي بوستان ۾
طلب رک دلدار جي، ڇا ڪفر ڇا ايمان ۾
سِرُ ڏري قدمن مٿي، سجدو ڪرين خمخان ۾
وٺ ملي توکي اتاهون، سوڀ ساري ٿي اچي.

7.توهه پنهنجي سان ٿسي، حرص وهوا سڀ جي ڪِڏيءِ
دل اجاري پاڻ تن جي، پاڻ سان گولا گڏيءِ
ٽند ٽوپي سينڌ سرمون، اثر شيطاني ٻُڏيءِ
ظلم زوري آندوري، هٿ وڏائي سڀ ڇڏيءِ

گل وٽن ظاهر اهي، باطل انڌاري ٿي اچي.

نور ذاتيءَ جي امانت در لواريءَ ٿي اچي،
ڪل حقيقت هيڪڙي صورت نيازي ٿي اچي.

8. نفس جي آهي شرارت، ان شرارت کان بچا،
سڀ سنڀالين پاڻ پنهنجا، جي آهن سالم سچا،
پالنا سڀ جي ڪرين، خاصا هجن توڙي ڪچا،
رزق روزي تن رسائين، قدر آهر پيو سيا،
رزق دولت ڪر ڪشادي، دل پوڪاري ٿي اچي.

9. تو ڏني سڀ کي بشارت، آهه تو ۾ آسرو
ٿو ڀلائي نفس ناهل ۾ ڪري پيو ويسرو
دل پئي خطرات ۾، ٿي رت رئاري ڪيترو
حال بد اقوال بد، حيلا هلائي ويترو
ڇا ڇوان ڪنهنکي هڏايان، آهه زاري ٿي اچي.

10. واعدا تنهنجا سچا، پوءِ نا اميدي ڪيئن ٿئي،
ڪي به ٿيندو ڪير چوندو هيئن نه ٿيندو هيئن ٿئي،
جيئن اچي تنهنجي ايرادي، ۾ اهو ٿو تيئن ٿئي،
سڀ ڪرين ٿو تون چڱائي، رحم تنهنجو جئن ٿئي،
ڪاميابي جا لکين سا، سوڀ ساري ٿي اچي.

11. سمجهه ساري پرت واري، ڏي اسانکي برملا،
چال بازيءَ کان بچاءُ، نفس آ بڇڙي بلا،

دام پنهنجي ۾ رلائي، سڀ وڃائي حوصلا،
هن نياڳي جي چنبي ۾ آهه هر ڪو مبتلا،
ڪنڌ مٿي ڪهڙو ڪڻان، جو شرمساري ٿي اچي.

نور ذاتيءَ جي امانت در لواريءَ ٿي اچي،
ڪل حقيقت هيڪڙي صورت نيازي ٿي اچي.

12. تو بنا ٻيو ڪير آهي، جو وڃائي ابتري،
بي خبر بيڪار آهيون، ڪر اسان جي بهتري،
ڪر ڀلا پنهنجي ڀلائي، جا سرين تو جيتري،
راهه سان پنهنجي هلائين، وک وڌايان ويتري،
ٻاجهه ڪر ٻانهي مٿي، دل خوف واري ٿي اچي.

13. خوف خطرا وسوسا، آڏيو وجهن ٽڪ ٽار ۾،
قلب ڪارو ڪن اندر پيهي ويو پاتار ۾،
قرض بڇڙو مرض موذي، سڀ وجهن آزار ۾،
ڪا ڪٿر ناهي بچي، عيب سڀ بدڪار ۾،
سڌ سخاوت جي ٻڌڻ، سان ڏڏُ ڏوهاري ٿي اچي.

14. ٻيا وسيلا ويا ڊهي، ڪونهي وسيلو تو بگر،
بحر بخشش جي سلا، هر جا هلي ڇا بحر بر،
ٿو نوازين توهه سان، عاصي اٻوجها بي ثمر،
ڏڏَ ڏوهاري ڏوهه ڪي، تو رجا آهي اپر،
بي شڪايت آهه دل مان، عجز واري ٿي اچي.

نور ذاتيءَ جي امانت در لواريءَ تي اچي،
ڪل حقيقت هيڪڙي صورت نيازي تي اچي.

نور ذاتيءَ جي امانت در لواريءَ تي اچي،
ڪل حقيقت هيڪڙي صورت نيازي تي اچي.

15. دور ڏاڍو سخت آيو ناھ ڪنھنجو ڪو قدر،
سھڻ شڪتي وئي اڏامي، ادب ناهي ڪو پسر،
سڏ ڪري سُڏ ڪا پري، منھنجا ابا اهڙي نہ ڪر،
پر ابي کي چاڻ سيڪا، ناھ توڪان بي خبر،
قرب وارن کي اهائي، غمگساري تي اچي.

16. جو ڏنو ڏاتار سو جھوليءَ پائي جھلجي ڪٿي،
ڪڻ رضا ان جي سدائين، صبر سان هلجي ڪٿي،
مهربان آهي ٻچن، تي ڳالهہ هيءَ ٽَلِجي ڪٿي،
درد سک سڀ ڀر جڳائي، شڪر سان سلجي ڪٿي،
هر گھڙي فضل و عطا، سان يارياري تي اچي.

17. رحم راحم ڪر ڏٺي، آهي بلي تنھنجو غلام،
بي سبب تنھنجي سخا، عاصي نوازي عام جام،
چا ٻڌايان چا چوان، ڪھڙو مڱان توڪان انعام،
سڀ بلي تنھنجي ڪيم، تنھنجو ڪيم سجدو سلام،
خام خطرا ويا لهي، صورت سونهاري تي اچي.

نـــور ذاتـــيءِ جـــي امانـــت در لـــواريءِ ٿـــي اچـــي،
ڪـــل حقيقـــت هيڪـــڙي صـــورت نيـــازي ٿـــي اچـــي.

18. سـب قضـا تنهنجـي رضـا، سـب ورچڱـائي ٿـي اچـي،
باجهـ ڏاران پـيءِ نـ هـر ڳـن ٿـو ڳهـري پنهنجـي ٻچـي،
بـي صـبر آهيـون اسـين، ٿـو نفـس جـو جهيـڙو مچـي،
ڏي اسـان توفيـق هـر ڪـا، ڪـر ڪـرم ڪـوجهي ڪچـي،
توهـ تنهنجـي ڪـي ڏسـي، دل ڪـي بهـاري ٿـي اچـي.

نـــور ذاتـــيءِ جـــي امانـــت در لـــواريءِ ٿـــي اچـــي،
ڪـــل حقيقـــت هيڪـــڙي صـــورت نيـــازي ٿـــي اچـــي

طريقت پاڪ جا ايندڙ ڪتاب

مجالس شريف

حضرت خواجہ احمدالزمان قدس سره

ڪوجنا ۽ سهيڙ : فقير شير محمد ٽالپر

ڪُلِّ

بسم لله الرحمٰن الرحيم

1.اُتُّ اُتـي اڄ رات جـو مظهرسـچي جـي ڪـر پچـار
بـي سـبب بهــرو ملــي ۽ راهــ رنـدي آشــڪار
پئـ در پئـ ميـدان ۾ پـروان ٿـي جـانِ نثـار
ڪين محبت ٿي گهري، سر جي بنا ٻي ڪابہ ڪار.

ڪـر سـدا حمـد و ثنـا، ٻيـو شـڪر ايـزد بـار بـار
شـــاهہ ســـلطان اوليــــا، وردِ زبــــان هـــر وار وار.

2.هـر مهينـي پـاڪ چـوٿين، شـاهہ سـلطان اوليـاء،
احـدِ بيچـون پـاڪ مظهـر، شـاهہ سـلطان اوليـاء،
احمـدِ بـي مـيم آيـو شـاه سـلطان اوليـاء،
ورد عـاجز ڪـر هميشـهہ، شـاه سـلطان اوليـاء.

3.ذات بيچُـون چُـونِ ٿـي، آيـو دنيـا جـي دار ۾،
پـاڻ جـاڻي پـاڻ ڪـي، ڪثـرت سـندي گلـزار ۾،
عابـد و معبـود سـوئي، عشـق جـي اسـرار ۾،
قيـدُ ڪثـرت جـي پيچـين، هڪـڙو پسـين ديـدار ۾.

4.راه حق جي سو وٺي، جنهن تي ٿئي تنهنجو ڪرم،
سڌ سخاوت تـي اچـي، بهتـر ڪـري پنهنجـو ڀـرم،
تـان ٿئـي اهـلِ نجـا، مـاڻي اهـو بـاغ ارم،

قلب پنهنجي کي اجاري، خوش گذاري تي خورم.

ڪر سدا حمد و ثنا، پيو شڪر ايزد بار بار،
شاهه سلطان اوليا، ورد زبان هر وار وار.

5. شڪر ڳايون ڪيترو تنهنجو ڪرم هر ماه ۾،
رات چوٿين ۽ سخا، امن و امان هن راه ۾،
قلب جي ڪس تي لهي، روشن رهي درگاه ۾،
ماسوا کي ڏي ڇڏي، توڪل رکون الله ۾.

6. تو بنا ڪنهن کي چوان، هر درد جو درمان تون،
درد منهنجا سڀ وڃائين، سک سندو سامان تون،
ڏار ڪر عصيان کان، رحمت پريو رحمان تون،
تون سڀاجهو پاڪ پرور، مغفرت جو دان تون.

7. در سخا تنهنجو سٺي، آيس هلي تنهنجي تڏي،
پر ڪيو پينار پنهنجو ڪاڻ ڪنهن جي ڪانه ڏي،
ڪانه همت هاج مون ۾، توهه تنهنجي سان پڏي،
ڪير اهڙو تون بنا، جو هٿ رکي هر ڪنهن جڏي.

8. نفس جي حرص و هوا، آٽي وڌو تڪ تار ۾،
سڏ سُٽي پهچو پرين، حامي تيو هر وار ۾،
ڇڏ اُڪاري تار مان، ساجا پئي پاتار ۾،
سات منهنجو خير سان، پهچي وڃي هن پار ۾.

ڪر سدا حمد و ثنا، پيو شڪر ايزد بار بار،
شاھہ سلطان اوليا، ورد زبان ھر وار وار.

9. لقب غازي تو ڏنو ناجي ڪيئي سائين سچا،
ڪوبہ اھڙو ڪونہ آيو جو ڪري اھڙي سخا،
جي اچن سي تا اگھن، توڙي ھجن ڪوجھا ڪچا،
در لواري فيض جاري، تا حشر آجر و عطا.

10. نور اعلىٰ نور تون ۽ نور تي تنھنجي نگاھ،
نور تنھنجو در سخي ۽ نور روضہ سجده گاھ،
فيصلي جي جاءِ جاڳھہ در لواري تخت گاھ،
بخش ڪر ھر ڪا خطا، اعمال بچڙا ۽ گناھ.

11. اچ اڱڻ منھنجي سڳورا، ڪانہ منھنجي تي سري،
واڳ واري اچ اچھي، توکي ڏسي دل تي ٺري،
تان چمان پيزار تنھنجي، ڪنڌ قدمن تي ڌري،
چڌ اڏي گولو گڏي، تنھنکي نہ ڪر پاڻان پري.

12. توکيا انجام پنھنجا، قول تنھنجا سڀ سچا،
صدق مان سکثو اچي، دامن لڳو تنھنجي سچا،
ڪانہ نيڪي ڪا ڪيم، ڏوھن سندي باري بلا،
ڍڪ اچي تون ڍول مونکي، ننگ پرورر رک لڄا.

13. غير غفلت جو وجي، دل ۾ ھجي تنھنجو ذڪر،
ھر گھڙي ھر حال ۾، تنھنجي ثنا تنھنجو فڪر،

گڏ گذارج محب مون سان ،جان دل جو تون ثمر،
در وٽي درگاه جو دانهون ڪري ٽيس دان گر.

ڪر سدا حمد و ثنا، پيو شڪر ايزد بار بار،
شاهه سلطان اوليا، ورد زبان هر وار وار.

14.تون شهه مشڪل ڪشا، مشڪل سندم آسان ڪر،
خام خطره سڀ وڃائي نيستيءَ جو دان ڪر،
دم بدم ديدار تنهنجو پاڻ تي پروان ڪر،
ڪيم ڪر محتياج ڪنهنجو در سندو دربان ڪر.

15.در وٽي درگاه جو پانهو ڪري تو در سوال،
سڀ ڪيم تنهنجي بلي، پر تو اٿئي اهل و عيال،
لڄ رکو لڄپال منهنجي، قرب پنهنجو ڪر ڪمال،
آس باقي راس ٿئي، جيئري پسان جانب جمال.

16.هيءَ جماعت تو سونهين، تنکي سدا شادا ن ڪر،
حسد جو هاجو وڃي ،دامن لڳن جو شان ڪر،
ڪاڻ تن کي ڪانه ڏي، محتاج مان شادان ڪر،
عرض عاجز جا قبولي،رحم تون رحمان ڪر.

17.احد بيچون پاڻ مظهر، ڪونه پيو تنهنجي سوا،
جوڙ جوڙين پاڻ هر ڪا، سڀ ٿئي تنهنجي رضا،
ماسعي فرمان ظاهر، ڪونه چاڙهو تو سوا،

نا اميديءَ سان وهڻ، اسلام ۾ ناهي روا.

18. ڪار ۾ فطرت سنڌي، ڪوشش اسان تي فرض ٿي،
همت ٻڌي حق کي رسين، سستي نياڳو مرض ٿي،
نااميدي ڪابہ ڪانهي، ڪار جنهن ۾ فرض ٿي،
ٿو اچي سڌ تي رسي، سائين سدا بي غرض ٿي.

19. فضل پنهنجي سان نواز يو دم بدم دايو غلام،
شڪر ڳائي حمد هردم ۽ ثنا تنهنجي مدام،
ڪر عطا حق اليقين، ايمان ڪامل جو انعام،
ڪر دعا مقبول منهنجي، در اجابت هيءَ ڪلام.

ڪر سدا حمد و ثنا، پيو شڪر ايزد بار بار،
شاهہ سلطان اوليا، ورد زبان هر وار وار.

ڪُلّ

بسم لله الرحمٰن الرحيم

1.حمد ڪران جو بندا، جو خالقِ ارض وسما،
منجهہ لواري ٿيو پڌرو تعريف ڪران جي سدا،
مهربان محبوب سو سيني مٿي صبح و مسا،
شل قلب پردائم هجي، روز شب حمد و ثنا.

ٻانهون ٻڌي ٻانهو چوي، اي صاحبِ حمد و لواءِ،
مرحبا صد مرحبا، اي مظهرِ نورِ خدا.

2 لک شڪر منهنجا مٺا، جوڪيئي فضل ڪيڏو ڪريم
هن نماڻن ۾ ابوجهن، سان اجها راحم رحيم،
هي سڄاڻپ ڪئي عطا، جوتون آهين ربّ العظيم،
ورنہ ڪنهنکي آهہ طاقت،جو سڃاڻي ربّ العليم.

3.منجهہ لواري حجّ اڪبر، عرش ڪان آيو حڪم،
فرش وارن تي فرض ٿيو حق جو قائم حڪم،
انحرافي جي ڪندا، تن جي مٿان نازل ستم،
جي مڃيندا هي امر، تن لاءِ ٿيو حاصل نعم.

4.فرمان پيو ٻانهي مٿان، آهي ڪيو خاوند خدا،
جو مڃڻ مظهر سندو هي واعدو قالو بلي،
۾ لواءِ ڪُلّ هيئان، تي ملي نعمت نجا،

نعمتِ عظميٰ اتي، ٻانهن مٿي ٿيندي عطا.

ٻانهون ٻڌي ٻانهو چوي، اي صاحبِ حمد و لواءِ،
مرحبا صد مرحبا، اي مظهرِ نورِ خدا.

5.صدقي ڪريان سر ساه ٻئي تنهنجي مٺا گفتارتان،
جو خاص بخشش نور جي آهي ملي توڪان اسان،
مظهر مجايئي حج پڙهايئي ايءَ نوازش بيڪران،
درجتن درجتن عُليٰ، اهڙو نہ ملندو ٻئي ڪنان.

6.دين دنيا جي سعادت، پاڪ هٿ ۾ تو مگر،
ٺهنڪي ملي ويئي ستي، جيڪو مڃي تنهنجو امُر،
نہ رياضت جي ضرورت، فضل تي آه منحصر،
فضل تنهنجو پيو ڏسان، روشن مثل شمس و قمر.

7.مومنن تي مهرباني، تنهنجي اڪثر اي عجيب!
پر مخالف دين جا، تن تي رحم تنهنجو عجيب،
جي رحم تنهنجو نہ ٿئي، تان ڪيئن بچن سي بدنصيب،
يڪدم وڃن نابود ٿي، منڪر منافق سي رقيب.

8.تنهنجي شفقت جي نظر، آهہ برزمين وآسمان،
شاه لواري جي ڪرم سان، ٿو هلي سارو جهان،
اي سخي تنهنجي سخاوت، جو ڪريان ڪهڙو بيان،
جيڪي گهران سو ٿو ملي، اهڙي عنايت پيو ڏسان.

ٻانهون ٻڌي ٻانهو چوي، اي صاحبِ حمد و لواء،
مرحبا صد مرحبا، اي مظهرِ نورِ خدا.

9.اج نوازش خاص جا، هن ڪان اڳي ڪڏهين نہ ٿي،
ري وسيلي ري سفارش، عرض سيڪنهن جا سٽي،
جند جان ٻئي گهوريان، تُنهنجي مٿان منهنجا ڏٽي
تہ بہ انهي احسان جي، قيمت اجان بلڪل گهٽي.

10.بارها تنهنجو حڪم، توکان ٻڌم سائين سچا،
وَعَتصَمُو جو اشارو امر ٿيو ڪافي ڪفا،
ان اشاري جي حقيقت، هڪ خدا ٻيا سڀ بندا،
ٻئي وٽ ويڻ جي ناضرورت، هڪ شاه سلطان اوليا.

11.هڪ آهين هڪ هوندين، ٻيو نہ ڪيان توسان شريڪ،
هن بنده مسڪين سان، تنهنجي هجي رحمت رفيق،
جئن بچان مان شرڪ کان، شل تون هجين مُشفقُشفيق،
ڀرڪ جهڙو جرم اعظم، ناهه ٻيو اي لاشريڪ.

12.تاريخ چوٿين پاڪ تي، ديدار ٿئي تنهنجو نصيب،
قرب شل تنهنجو هجي، هردم هجان توکي قريب،
تون تہ جت ڪٿ حاضر و ناظر، آهين منهنجا منيب،
پرهن بندي سان ڪج ڪرم، هرحال ۾ حامي حبيب.

13.هوت منهنجو تون آهين، ٻانهين سندو توکي سلام،
ٻئي نہ ڪنهن سان ڪم سندم ،هڪڙو آهين سائين مدام،

شل هميشه ائين ڪندين، توسان اچي رهجي تمام،
تنهنجو آهيان اصلي منا، تون ڪيم ڇڏج عاجز غلام.

ٻانهون ٻڌي ٻانهو چوي، اي صاحبِ حمد و لواء،
مرحبا صد مرحبا، اي مظهرِ نورِ خدا.

14. تنهنجي حڪومت، عالمِ ارواح ۾ ۽ جسم ۾،
تون منافق دل وارن کان، تون بچائج جسم ۾،
جي مجن ٿا ڪين دل سان، آهن دنيا جي رسم ۾،
خواه جسمي خواه روحي، شل رهان تو اسم ۾.

15. قبر مان جڏهين اٿان مان، يا موت ٿئي ويجهو اچي،
شاهه سلطان اولياء جو ورد شل مونکي هجي،
ان ذڪر سان منجهه قيامت، هيءُ بندو شاغل هجي،
تنهنجي اڳيان منجهه حشر، سجدو ڪندڙ توکي هجي.

ٻانهون ٻڌي ٻانهو چوي، اي صاحبِ حمد و لواء،
مرحبا صد مرحبا، اي مظهرِ نورِ خدا.

ڪُلُّ

بسم للّٰه الرحمٰن الرحيم

حـق تيـو راضـي اسـان تـي ۽ قضـا تـي پاسـبان،
شـاد هـر هـڪ آهـ تيـو اهـلِ زمـين و آسـمان.

1.شرف كـان قـدمن سـنديءَ تيـو سرخ رنـگ فـرشِ زمـين،
نـاز شـاهيءَ سـان ڏنـو،ديـدار دلبـر بيگمـان.

2.تـاج مرصـع مـوڙ مـوتين، سـان تيـو جلـوه پديـد،
رشـڪ ۾ حـور و پـري ۽ مـاه انـور پـڻ چـوان.

3.گـل گلابـي گهـوٽ گـوهر، سـان سيئي تيـا هـم رڪـاب،
شـاهه مـدني ۽ مڪـي، جملـ ولـيَ فـيضِ رسـان.

4.رات روشـن تـي وئـي، بجليـون پريـون چانـڊاڻ تـي،
جلـوه گـر تـارا ڪتيـون ۽ درخشـان تيـو ڪهڪشـان.

5.در حضـورِ مظهـرِ، ذاتِ خـدا آيـو عجيـب،
ديـن دنيـا تيـا عطـا ۽ نـور احمـد جـاودان.

6.حسـب اعلـيٰ نسـب بـالا، گـڏ تيـا زُهـر و مُشـتريءَ،
خـوش رهـن داور سـدا ۽ تـيءَ تـن جـو نگهبـان.

ٻانهون ٻڌي ٻانهو چوي، اي صاحبِ حمد و لواء،
مرحبا صد مرحبا، اي مظهرِ نورِ خدا.

7. ڳهور ڳهوري ڳهوٽ تان، شادان ٿيو هر ڪو بهار،
تي مبارڪ وات وائي، هر ڪنهين پِير و جوان.

8. غم ڪجا شاهِ لواري، اڄ نوازيندو همه،
گل حسن گوهر جي صدقي، لطف ٿيندو بيڪران.

9. آس تي پوري الهي تي مگر هيءَ التجا،
ٿئي ظهورو ڏک وڃي، دائم خوشيون ڪن مومنان.

10. اڄ اميدن سان پريو درتي ايو بينو غلام،
شان پنهنجي ڪر سخا، پنهجو ڪيو دل جان سان.

ٻانهون ٻڌي ٻانهو چوي، اي صاحبِ حمد و لواء،
مرحبا صد مرحبا، اي مظهرِ نورِ خدا.

ڪُلّ

بسم للہ الرحمٰن الرحيم

سهسين پتين ساراهيو ساره ڪيو سبحان جي
محبت رکو من جر آندر مالڪ منّي منَان جي
رات ڏينهان روح ۾ رک حب تون حنَان جي
رک دوستي دل جي اندر دائم سچي ديان جي.

اڄ ات چوٿينءَ جي ادا اُپٽي دري احسان جي
اَڄ آه مجلس مومنا محمد الزمان سلطان جي

هن رات چوٿينءَ جي ادا رحمت وسي رب جي گهڻي
حسن هاديءَ جي وڏو حاضر حجابن کي هٽي
مُنهن سِرِ مليان محبوب جي پيرن سندي آئون پٽي
صحبت تنهين سردار جي وه واه جا دل کي وٽي

هن رات چوٿينءَ جي ادا آهي اسان حج اڪبري
صد مبارڪ آه تن کي جن سعادت هيءَ سَري
بلبل ڏنو گل کي اچي پنهنجي پرَن سان هٿ پري
احد احمد هيڪ ٿيا مدعي ويا مهاڳين مري

هن رات چوٿينءَ جي ادا بيشڪ پلي بيحد بسَي
هن رات ۾ هر دم ادا رحمت گهڻي رب جي وسي
سارهه ڪريو سلطان جي هينئڙو منهنجو هر دم هسي

جيڪي مريدن سان وڳن،دلبر ڇڏيو تن کي دسي

اڄ اٿ ڇوٿينءَ جي ادا اُپڻي دري احسان جي
اَڄ آه مجلس مومنا محمد الزمان سلطان جي

هت ڏينهن ڇوٿينءَ جي ادا جهنڊو کُٽو جنسار سان
بيرق سونهي بيحد گهڻي لطفن لڏي للڪار سان
ڪُلّ ڪريمي لفتا جي ڇاداڻ ڏس چمڪار سان
مئليون دليون جيئريون ٿيون پرين سڪندي پڪار سان

صد مبارڪ تن سچن جي عاشقن سچا اقرار ۾
سڪ سو زمان عاشق آچن داخل ٿين دربار ۾
حاضر ٿين حب هيج مان سهڻي سنديءَ سرڪار ۾
سر ساه تن صدقي ڪيو دلبر سندي ديدار ۾

هن رات ڇوٿينءَ جي ادا ايمان وارن تي اَثر
بيشڪ وسي بخشيش جو اَز خود عنايت جو ڪکر
منڪر جيڪي محبوب جا ڏاتر سندو تن تي ڏمر
انڪار جهڙو مون ڏٺو بيو ڪونه اهڙو ڪو ڪفر

منڪر جيڪي محبوب جا چرٽيا چغل سي چور چٽو
رستو ڇڏي بي راه ٿيا آهن انڌا سي اور چٽو
ڪين سهڻو تن سڃاتو اهي ڪازبَ ڪميٽا ڪور چٽو
پرين سنڌي پاپوش تان گهوري گهمايان گهور چٽو

عيـــد مـــاڻهن گـــاه گـــاهي آهـــي اســان هـــر مـــاه ۾
مـــاڻهو پيچـــن اضـحيٰ فِطـرِ چـوتين پچـون اسـين چاهـ ۾
گهـــارن عمـــر عاشـــق پنهنجـــي سـهڻي سـندي ســاراهـ ۾
تـــن ســچڻ ســو گهـــو كيـــو ســردار پنهنجـــي ســاهـ ۾

اَلـــــــف آهِ الله اعلـــــــيٰ اول لـــــــواري لام ڏس
مـــيم منـــدِ محمـــد الزمـــان هـــي آهِ مخفـــي مـــام ڏس
هـــي پرولـــي مـــون پـــروڙي كريـــان پـــڌر پيغـــام ڏس
پـــر مـــوڳن ملـــن جـــو مـــاڳهين مچنـــدو اچـــي ماتـــام ڏس

تـــن مريـــدن غـــم كيهـــو جـــي دامـــن لڳـــا دلـــدار جـــي
جـــي دولـــ سـندي دفتـــر چڙهيـا محمـــد زمـــان مختيـار جـــي
آهـــينِ اجهـــي هيئـــان علـــم اڙيـــن ســندي آڌار جـــي
ســي چونـــ كــن شـاديون شـكر جـي سام پيـا سـردار جـي

آهيـــان غـــلامِ محمـــدي نـــاقص نحيـــف و نـــاتوان
كانـــ كئـــي كا مون كمائي كونـــ كنهن كـي ٿـو وٽـان
بـــاقي اٿـــم آســـرا اِهـــا بيحـــد گهڻـــي ســا بـــي گمـــان
كـــڏهن ڇڏينـــدم كـــين كـــي مرشـــد منـــو محمـــد زمـــان

اســاره ثنـــا ســرداري جي ســـك صـــدق مـــان صـــادق كـــرنِ
ڏيـــان پنهنجـــي دل ســـندو عاشـــق ســـچا اِڪتـــي ڏرن
تـــن غلامـــا غـــم كيهـــو جـــي دســـت داتـــا جـــو وٺـــن
وينـــدا اُهـــي ايمـــان ســـان جـــي كـــوڙ ســـان كلمـــو پـــڙهن
اج اٿ چـــوتينءَ جـــي ادا اُپٽـــي دري احســـان جـــي
اَج آه مجلـــس مومنـــا محمـــد الزمـــان ســـلطان جـــي

ڪُلُّ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

حمد هر دم حق سندو بيحد چوان شوقن ڪثير
جنهن مڪو سرور سچو مرسل مٿو ماهِ منير
وارث تنهن سندو شاهِ لواري پاڪ پير
تي لواءِ ڪُلَّ مٿي رحمت وسي قادر قدير

اسلام اي شاه سلطان اولياها دستگير
مظهرِ نورِ خدا شاهِ لواري بي نظير

شاه شاهان شاه منهنجو سر زمين سلطان آه
رهبرِ راهِ حقيقت ۽ سرِ يزدان آه
تو نوازي يڪ نظر صاحب سندو هي شان آه
بيڪسن جو پير جهلو ۽ درد جو درمان آه

رحمت العالمين شاهِ عُليٰ احسن لقب
پاڪ سيرت پارسا شاهِ زمان عالي نسب
عاصين جو تيو اجهو بخشش سندو آهي سبب
زير ڪل جي جو اچي تنهن تي ٿئي تو فضل رب

ڪير آدم ۾ هيو جنهن کي ڪيو ملڪن سجود
تيو شقي شيطان سو جنهن تي ڏنو ظاهر وجود
آه هي سو نور حق جو ۽ تيو ظاهر عبود

پرت مان سالڪ اچن ڪن باليقين صادق سجود

اسلام اي شاهه سلطان اولياها دستگير
مظهرِ نورِ خدا شاهِ لواري بي نظير

تو ڏسي ٽيڏو سدائين ٽي مگر هو آهه هڪ
ڪين وحدت کي سڃاڻي جو ٻه ڪثرت ۾ غرق
حق حقيقت هيڪڙي ناهي تنهين ۾ شڪ شڪ
هِت نظارو نور جو هُت آهه تجلو ذات حق

جو منجهين موڳا مُلاءِ ٿو وٺين تڪرار کي
دل اندر جهاتي وجهي پس عشق جي اسرار کي
تان ڏسين صورت سچي رازِ نهان آنوار کي
نور ظاهر نور باطن شهه زمان سردار کي

نور اعليٰ نور آهي مظهرِ نور خدا
ظاهري هت معنوي ٿيو تڪ يه گاهي برسما
راز هن کي رب ڄاڻي ۽ ٻين کهڙو سماءُ
ملڪ ٿا ملڪوت ۾ ٿنهنجي ڪرن ساره ثنا

فيض کان فائق سنڌ ءِ حيران سڀ عرب و عجم
مهر آن جي ٿا منگن ۽ طلب تن کي دمبدم
ذوق آن جي جو زرو دارون دوا ٿي هر الم
عاصين کي آسرو آهي ڏسي اوهان جو ڪرم

اسلام اي شاه سلطان اوليا هادستگير
مظهر نورِ خدا شاهِ لواري بي نظير

در متي درگاه جي مهسين سوالي صبح شام
قطب ۽ ابدال توڙي ڪل وليءُ جي خاص عام
پير سيئي پير ٿنهنجا تا چمن بحرِ سلام
تا نمن هر هر چون تا پاڪ ٿنهنجو هي ڪلام

جا بجا ٿيو لطف آن جو ۽ متي هر ڪنهن يمن
اوهان بنا ڪونهي وسيلو ناه ڪٿ آمن و اَمن
جي پڳا هن در ڪنان ٿيو باه سارو تن زمن
ڪانه جن کي ڪا هدايت ٿيا رليا مثلِ مرن

من گهوئي محبوب کي شاهِ عُليٰ اڪبر چوان
يا نماڻن جو وسيلو دُرس سو دلبر چوان
يا صاحبِ لولاڪ جو مرسل متو منور چوان
يا نسورو نور حق جو پاڪ سو پرور چوان

ڪونه اهڙو ڪو بيو ۽ ڪونه اهڙو ڪو شفيق
رهبر راه خدا ۽ رازدان رهبر رفيق
پاڪ سيرت پاڪ صورت پارسا احسن خليق
شاه اعليٰ مهر معليٰ آه سو روشن طريق

صد مبارڪ آه تن کي جي پناري پير جي
صد مبارڪ آه تن کي جي پيش پيا هن مير جي

بخت بالا تن سندا جي زير سايۂ شير جي
سڀ ڇپّا عيبن ڪنا دامن لڳا هن پير جي

اسلام اي شاه سلطان اولياها دستگير
مظهرِ نورِ خدا شاهِ لواري بي نظير

شاه سلطان اوليا محمد الزمان مشهور ٿيو
ڪاڻ دعوت دين جي ڪُلُ جو لوا مشهور ٿيو
پر توي تنهن پير جي سان ملڪ سڀ معمور ٿيو
هادي مهدي زمان نزدِ خدا منظور ٿيو

شاه سلطان اوليا محمد الزمان انوار آه
نور نرمل نور سور سڀ مٿي سردار آه
هت تجلو نور جو ۽ طور جو چمڪار آه
سر بسر ذاتِ خدا شاهِ زمان سالار آه

تال منهنجي کي وڃائي حال ڪرفي الحال ۾
ڪين ڇڏ تون ڪارٽي مرشد مٿا اشڪال ۾
قلب مان ڪس کي ڪڍي پار ڪر في الحال ۾
پير پارس مون پرين همراه ٿي هر حال ۾

اي پيارا پير جهلا افضل سندم اولاد ڪر
عيب عاصيءَ جا نه ڏس بد ڪاريون برباد ڪر
صاف ڪر سينو سندم ۾ عشق جو امداد ڪر

يـا شـفيع المـذنبين هـن اهـنج مـان آزاد كـر

درد منهنجـي جـي دوا ديـدار دلبـر جـو عجيـب
كونـ اهـڙو كـو سـخي ۽ كونـ اهـڙو كـو طبيـب
سـان اشـاري سـيّدا تـون پسـت كـر منهنجـو رقيـب
مهـر مـان مشـتاق كـي ٻانهـپ كريـون پنهنجـي نصـيب

پـروار پـر تـو اتـو هـر حـال ۾ عاصـي غـلام
عشـق جـو امـداد ٿئـي ۽ فصـل جـو ڦيـرو مـدام
محـو محبـت ۾ ٿيـان ۽ عشـق پنهنجـو ڏي انعـام
تـون وسـيلو مـون سـندو عـالم سـندو سـيّد امـام

هـيءَ جماعـت تـو جـڙي سـرور سـچا آمـين چئـو
سـام تنهنجـي جـي پيـا مرشـد مٺـا آمـين چئـو
تـن ۾ ذكـر تنهنجـو هجـي نيـك ونـوا آمـين چئـو
سـاڻ كلمـي خـاتمو خيـر الـوري آمـين چئـو

اسـلام اي شـاه سـلطان اولياهـا دسـتگير
مظهـرِ نـورِ خـدا شـاهِ لـواري بـي نظيـر

ڪُلُ

بسم لله الرحمٰن الرحيم

مرشـــد مريـــد مهربـــان، ســـلطان محمـــدالزمان
عاصـــين اپـــوجهن جـــو امـــان، ســـلطان محمـــد الزمـــان

هـــي پيـــر آ پيـــرن جـــو پيـــر، اڪمـــل اميـــرن جـــو اميـــر،
دامـــن لڳـــن جـــو دســـتگير، ســـلطان محمـــد الزمـــان.

اڄ ڏيـــنهن آ ڏاڍو چڱـــو ســـاعت ســـدوري ۽ ســـمو
آيـــو هلـــي هـــت هـــيج مـــون، ســـلطان محمـــدالزمان

گـــل ڦـــل ڪلـــي ويـــا ســـو بســـو بلبـــل تنـــواري ڳُـوڙڳُـو
آيـــو اســـان وٽ هوبهـــو،ســـلطان محمـــد الزمـــان،

خـرُم ڏسـان تـو خلـق ڪُـلُ،هـر جـاءِ شـاديءَ جـو شـغل،
اڄ عيـــد آهـــي آيـــو اَمُـــلُ، ســـلطان محمـــدن الزمـــان،
مرشـــد مريـــد مهربـــان، ســـلطان محمـــدالزمان
عاصـــين اپـــوجهن جـــو امـــان، ســـلطان محمـــد الزمـــان

محفـــل ۾ اَڄ آيـــو عجيـــب، لفظـــن پريـــو لائـــق لَبيـــبُ،
بيمـــار تـــن مـــن جـــو طبيـــب، ســـلطان محمـــد الزمـــان.

ســردار آيــو مُــن ٹريــو غمتــار آيــو غــم ٹريــو،
آيــو پلــين پــالين پريــو ســلطان محمــد الزمــان.

خــوش ٿــيس اڄ ڇــا گهوريــان، ســر ســاھ تــنُ صــدقي ڪيــان،
ڏاپــان نٿــو ھــر ھــر ڇــوان، ســلطان محمــد لزمــان.

ســڪ ســاھ ڪــي ھئــي صــبح شــام، پــرور پڄــايو مَــن مــرام،
آيــو آڳَــڻ عــالمِ امــام، ســلطان محمــد الزمــان.

اڄ ھــن مبــارڪ مهــل تــان، ســوء ســوء دفعــا صــدقو ٿيــان،
اکــڙين ســان آڪمــلُ تــو ڏســان، ســلطان محمــد الزمــان.

لکــوي مبــارڪ مهــل ھــيءَ، ڪــامــل جــي پــانئج ڪهــل ھــيءَ،
تســبيح پڙھــ تــون ســهل ھــيءَ، ســلطان محمــد الزمــان.

مرشــد مريــد مهربــان، ســلطان محمــد الزمــان.
عاصــين اپــوجهن جــو امــان، ســلطان محمــد الزمــان.

ڪُلّ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

اسانجو سخي پير آيو مُبارڪ
تيو بَخِتُ بالاٰ سوَايو مُبارڪ

اسان جو سخي پير آيو مبارڪ
محمد زمان پير آيو مبارڪ
متو جيئن شڪرِ شِيرُ آيو مباڪ
خوشيءَ ساڻ خوش الحان آيو مبارڪ

ٻُهاريوم پَنبڻيُن سان سارو صحن
عجيبن جي آئي تو چمڪي چَمَنُ
خوشيءَ کان تيو ٿنِ کي تنگ پيرَهَن
پِياري پِرينءَ پيرُ پَايو مُبارڪ

نَقارو وڳو ديِنَ جو دَه بَده
محمد الزمان کي مڃيو ڳومَ
ادب ساڻ اڳيان اچي سر نـَ بـ نـَ
اهو آهي آواز آيو مُبارڪ

بره بحر آهي مست اڄ موج ۾
عشاقن سندو عشق اڄ اوج ۾
تنزل زل پيو فهم جي فوج ۾

هڻي عشق ان کي هڻايو مبارڪ

اسانجو سخي پير آيو مُبارڪ
ٿيو بَخِتُ بالا سوَايو مُبارڪ

عقائد طريقت عجاعب عجب
پروڙي اهو جنهن ساڻ واحد وَهُبُ
انڌا قلب جا ڪن نه ثابت سبب
تني دين ايمان وڃايو مبارڪ

اصل آهي روح نور سر الله
بدن آه ظلمات ۾ روح ساه
انهيءَ جوڙ آدم آه قرآن گواه
ائين پاڪ پرور ٻڌايو مبارڪ

نه جن ڳجهه هي ڄاتو سي گمراه ٿيا
عزازيل جان فڪر ظاهر ۾ پيا
ڏٺي ڪلّ اها تن جي ڪامل ويا
عمر دم ويو تن اجايو مبارڪ

جڙي شل هجي جڳ ۾ ناجي جماعت
جنهين علم باطن ۾ ڪئي آه ڪماليت
اڳيان پير پنهنجي اچي با اصالت
ادب عجز سان سر نمايو مبارڪ

اسانجو سخي پير آيو مُبارڪ
تيو بَخِتُ بالاَ سوَايو مُبارڪ

مسئلو هي ڏس ڪول وحدت جو دفتر
عقل خشڪ هن مام مان ڪونهي ماهر
فقيرن سندو سو عدو آهي ابتر
ڏکي تنهن کي پرور پِنايو مبارڪ

خدا آهي هر جسم ۾ سُو بَسُو
جنهن قلب اک سو ڏسي مُو بَمُو
اهو سر مظهر سندو هُو بَهُو
مون کي صاف سالڪ سٺايو مبارڪ

ڏيٺو ڪل خلق مان خالق تعاليٰ
خلافت جي ڪارڻ ڪو انسان اعليٰ
ب اوصاف امجد ظلوما جهولا
اعليٰ صورت صاف آيو مبارڪ

خليفو خدا جو سو مرسل سو مرشد
تيو ذات ۾ ذات واصل ٿي وحدت
دوئي وئي ته آهي احد سو ٿي احمد
خدا پاڻ ان پر پسايو مبارڪ

ميجي جو نه مردود محبوب کي
احمد او بشر چئي خدا خوب کي

وڌائي نہ وڌ ڪر تون مڪتوب کي
خدا ان کي مشرڪ چوايو مبارڪ

اسانجو سخي پير آيو مُبارڪ
ٿيو بَخِتُ بالاَ سوَايو مُبارڪ

امام آهہ جو آهي نائب امام
انهيءَ اختياريءَ سان قائم مقام
حرف لفظ ڪن پيا عبارت ۾ عام
نبيءَ جو ولي نائب سو آيو مبارڪ

اتي لفظ نائب آ مخزوف مخفي
. نہ سمجھي ابوجهو اشارات اخفي
جو ڪائي ڪريو آهي ونڊ ورچ وقفي
درم تي درم تنهن وڃايو مبارڪ

جني تو جو پاڇو اڇي پيار جو
ميجي ان کي پڙ تو ننڍو ءِ وڏو
پروڙي سو ڪيئن جو جهل کان جزو
وليءَ جو الهام آيو مبارڪ

ولين سندا قول ڪر تون قبول
فروعن کي ڇڏ تون سگهو وٺ اصول
ڪٽيو تنهن جو گهوريو وجائج مر مول

چڱن ائين مدن کي چتايو مبارڪ

اسانجو سخي پير آيو مُبارڪ
تيو بَخِتُ بالاَ سوَايو مُبارڪ

مڪي ۾ خدا آه سنڌ ۾ نه آه
مديني ۾ خدا آه هند ۾ نه آه
خدا جان ۾ آه جند ۾ نه آه
خدا پاڻ هر جاءِ پسايو مبارڪ

خدا هر جڳ ڪيس هر سُو نياز
مڪو تيو مقرر آ ڪارڻ نماز
رياءِ وارا جاڻن نه هي رمز راز
پلا تن کي شيطان پلايو مبارڪ

ولين سندو آه وڏ مرتبو
طواف آڻي تو تن سندو خود مڪو
شرف جو هاڻي ڪري ڏس قياس ڪو
ولِيءَ جي جڳهه سر نمايو مبارڪ

مڪي ۾ نبي جايو ان ڪان شريف
مديني ۾ آيو سو ان ڪان شريف
لواري ولي آيو ان ڪان شريف
نبيءَ جا نائب سو آيو مبارڪ

اسانجو سخي پير آيو مُبارڪ
ٽيو بَخِتُ بالا سوَايو مُبارڪ

جنهن جاءِ جو ٽيو ازل ۾ شرف
تنهين تي وڻ هاڻ حجت حرف
سراسر آه بيحودگي اي صرف
برا جن بحث هي هلايو مبارڪ

ولايت جا خاتم ٽيا ڏس ڪتاب
چيو ابن عربي ته منهنجو خطاب
اسان جو آقا آه بشارت معاب
ائين غوث هندي چوايو مبارڪ

لواءِ ڪل جي آهي بشارت پلي
سو سڀ سچ آهي چوي ڪو ولي
تون اجمير جي شاه وٽ ڏس هلي
جوان در بهشتي ڪلايو مبارڪ

ادي نور محمد ڏنو انڪشاف
ته آه ان ۾ مضمون معنيٰ خلاف
سڌاري ڪيم ان قصيدي ۾ صاف
پڙهي پر طريقت جو پايو مبارڪ

ڏريو پير ڪان سو ته مرتد ٿي مرندو
هچارو هينون سو ته هاوي ۾ هجندو

ڏسي فهو موليٰ تارڪ نه ترندو
محمد مٺي ائين چوايو مبارڪ

اسانجو سخي پير آيو مُبارڪ
ٿيو بَخِتُ بالا سوَايو مُبارڪ

نه سمجهين ته چپ ۾ رهڻ آهي افضل
ڏٺم پير پنهنجو ته آه نور نرمل
جماليت ڪماليت ۾ اجمل ۽ اڪمل
سين ۾ سرس ۽ سوايو مبارڪ

قياسي فقه علم الهام لدني
ولين سوا ناهي ٻي ڪنهن کي شدني
احاديث جيڪا چئي مير مدني
خدا کان جو قرآن آيو مبارڪ

حديث قرآن کان وڌ قياس ڪهڙو
۽ الهام انقش برسنگ جهڙو
ثبوتي ٽنهي جهڙي ۽ قياس ڪهڙو
ائين ڪاملن آه چوايو مبارڪ

اتي علم جي وزن تي آهي عمل
جي علم هڪ مڻ ته ڏه مڻ عقل
اچي ڪم عقل اهڙي کي پل اجل

طريقت جو جنهن پر ن پايو مبارڪ

اسانجو سخي پير آيو مُبارڪ
ٿيو بَخِتُ بالا سوَايو مُبارڪ

مٿي عبد حق چئو صلاتون سلاما
مٿي عبد. ابليس لعنت لواما
سڻن اِنس و جن مر ت ڪاتب ڪراما
جو قران حديثن ۾ آيو مبارڪ

لکڻ ٿي ڪپي هن جي تشريح لکوي
ڏسي جو سدائين جو صرفِ نحوي
عدو آڻي ٿو گرچ الفاظن لغوي
تحمل جو مون بار چايو مبارڪ

اسانجو سخي پير آيو مبارڪ
ٿيو بخت بالا سوايو مبارڪ

ڇپائيندڙ :

سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي

رابطو : ستار پيرزادو

سيل : 03452217471

03062563417

خان صاحب ميان محمد حسين مڪاني ملڪاڻي جوڪيو المعروف فقير ميان غلام حسين غلام، اصل موري تعلقي جي ڪچي جي ڳوٺ مَلَڪَ جا رهاڪو هئا. سندن ولادت باسعادت پنهنجي ناناڻن ڀاٽ شريف ۾ ٿي. تعليم ڪاٽي جو ٽن سالن جو تربيتي ڪورس جهونا ڳڙهه (انڊيا) مان نمايان پوزيشن سان حاصل ڪيائون ۽ ڪراچيءَ ۾ استادن جي تربيتي اسڪول ۾ سندن تقرري ٿي، جتان ڪين 1922 ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مقرر ڪيو ويو تنهنڪري رهائش به اتي ئي اختيار ڪيائون. 1931 تائين ان ئي هاءِ اسڪول ۾ رهيا جتان ملا مڪتب تعليمي سلسلي جو سپروائيزر مقرر ڪيا ويا. جتان 1940 ۾ وقت کان اڳ رٽائيرمينٽ حاصل ڪري مڪان لواري شريف ۾ ملازمت اختيار ڪري خانداني روايت تي عمل ڪيائون ڇاڪاڻ جو سندن وڏا لواري شريف جي ملازمت ۾ رهندا پئي آيا جن مان ڪيترن کي سندن مُرشدن سان گڏ حج پاڪ ڪرڻ جي سعادت پڻ نصيب ٿي. سندن والد ميان حاجي عبد الله به ان سلسلي ۾ مڪي پاڪ ۾ جنم ورتو. پاڻ صاحبِ شريعت، پيرِ طريقت، صاحب الساڪين، سرتاج العارفين امام مڪي وارن جا دستِ بعيت هئا. سندن قلب هر وقت ذڪر الاهيءَ ۾ مشغول رهندا هئا.

عبدالله مڪاني

اها ڳالهه به ڪافي مشهور آهي ته سندس تر جي هڪ مولوي غلام رسول جتوئي ڳوٺ محراب پور جتوئي تعلقي ڏوڪري، حضرت خواجه احمد الزمان جن کي لکي موڪليو ته توهان جي جماعت ۾ ڪو اهڙو شخص موجوده دؤر ۾ آهي جيڪو"دست به ڪار ۽ دل به يار " تي پائبند هجي؟ خواجه صاحب جن ڪيس جواب لکي موڪليو ته ،توهان جي پاڙي لاڙڪاڻي شهر جي لاهوري محلي ۾ ماستر غلام حسين دايو هن دؤر ۾ موجود آهي .مولوي صاحب اهو جواب کڻي غلام حسين کي مبارڪون ڏيڻ لاءِ وجي سندس گهر سهڙيو .اهو ٻڌي غلام حسين ڳلن تان ڳوڙها ڳاڙيندي چيو ته، اها سندن ڪرم نوازي آهي .سندس مرشد کي سندن شاعري ايتري ته پسند هوندي هئي جو خواجه احمد الزمان جن پنهنجي مجلس دوران ڪيترا دفعاسندن هي بيت ورجائيندا هئا.

آسودو مل چاندواڻي

هڪ روايت آهي ته غلام حسين دايو کي لواري شريف ۾ ملازمت دوران جيڪو اجورو يا پگهار ملندي هئي .اها سڄي جي سڄي پنهنجي مرشد ڪريم جي اڳيان نذراني طور رکي ڇڏيندو هو .جڏهن ڪيس ان ڳالهه لاءِ ڇتايو ويو ۽ اولاد خاطر رکڻ لاءِ چيو ويو ته عرض ڪيو هئائين ته منهنجو اولاد هاڻ پنهنجي پيرين سيرين آهي ،تنهن ڪري ڪين منهنجي هنن پئسن جي ضرورت نه پوندي. درويش غلام حسين پيشي جي لحاظ کان ماستر هو تنهن هوندي به سندس ڪو رومانوي شاعريءَ طرف لاڙو نه هو ،جيتوڻڪ سندس دور ۾ لاڙڪاڻي ۾ جميعت الشعراءَ سنڌ جي شاعرن جي هڪ تنظيم باقاعدي مشاعرا ڪرائيندي هئي پر سندس پختن صوفياڻن خيالن، پنهنجي مرشدن ۾ پڪي ايمان ۽ عقيدتمنديءَ جي ڪري هن به قصيدا چيا ،جيڪي سلوڻي ،سهل ۽ سادگيءَ واري ٻولي ،نهٺائيءَ ۽ نيزاريءَ واري قصيده جي شاعري ڪئي.

عبدالستار پيرزادو

سنڌ ادبي اڪيڊمي

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني ۾ چار ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نسُل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وِڙ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چانڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‍ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)